منهج السنة

# صحيح حديثن جي روشنيءَ ۾

# نماز جا مسئلا

رسول الله ﷺ فرمايو

”نماز اهڙي طرح ادا ڪريو، جهڙي طرح مون کي ادا ڪندي ڏسو ٿا“ (بخاري)

# نماز جا مسئلا


نظرثاني
مولانا صفي الرحمان مبارڪپوري

مؤلفه
محمد اقبال ڪيلاني

مترجم
سڪندر عباسي

# فهرست


| باب جو نمبر | باب جو نالو | صفحو نمبر |
|---|---|---|
| 1 | بسم الله الرحمٰن الرحيم | 7 |
| 2 | پنهنجي طرفان | 13 |
| 3 | مختصر اصطلاحات حديث | 15 |
| 4 | حديثن جي ڪتابن جا نالا | 17 |
| 5 | نيت جا مسئلا | 18 |
| 6 | نماز جي فرضيت | 20 |
| 7 | نماز جي فضيلت | 21 |
| 8 | نماز جي اهميت | 23 |
| 9 | پاڪيزگيءَ (طهارت) جا مسئلا | 27 |
| 10 | وضوءِ تيمم جا مسئلا | 32 |
| 11 | سَترُ جا مسئلا | 42 |
| 12 | مسجدن ۽ نماز پڙهڻ جي جڳهين جا مسئلا | 44 |
| 13 | نماز جي وقت (ٽائيم) جا مسئلا | 50 |
| 14 | اذان ۽ اقامت جا مسئلا | 55 |
| 15 | لوٽ (سُترہ) جا مسئلا | 62 |
| 16 | صف جا مسئلا | 64 |
| 17 | جماعت جا مسئلا | 67 |
| 18 | امامت جا مسئلا | 70 |
| 19 | مقتدي جا مسئلا | 76 |
| 20 | نماز ۾ پوءِ شامل ٿيڻ واري نمازي جا مسئلا | 78 |
| 21 | نماز جو طريقو | 80 |
| 22 | عورتن جي نماز | 101 |
| 23 | نماز کانپوءِ جا مسنون ذڪر | 106 |

| باب جو نمبر | باب جو نالو | صفحو نمبر |
|---|---|---|
| 24 | نماز ۾ جائز ڪمن جا مسئلا | 110 |
| 25 | نماز ۾ ممنوع ڪمن جا مسئلا | 115 |
| 26 | سنتن ۽ نفلن جي فضيلت | 118 |
| 27 | سنتن ۽ نفلن جا مسئلا | 121 |
| 28 | سجده سهو جا مسئلا | 129 |
| 29 | قضا نماز جا مسئلا | 131 |
| 30 | جمعي جي نماز جا مسئلا | 134 |
| 31 | وتر نماز جا مسئلا | 142 |
| 32 | تهجد نماز جا مسئلا | 149 |
| 33 | تراويح نماز جا مسئلا | 152 |
| 34 | قصر نماز جا مسئلا | 156 |
| 35 | نمازون گڏ ڪرڻ (پڙهڻ) جا مسئلا | 163 |
| 36 | جنازي نماز جا مسئلا | 164 |
| 37 | عيدن جي نماز جا مسئلا | 172 |
| 38 | نماز استسقاء جا مسئلا | 178 |
| 39 | نماز خوف جا مسئلا | 181 |
| 40 | نماز ڪسوف يا نماز خسوف جا مسئلا | 184 |
| 41 | نماز استخاره جا مسئلا | 186 |
| 42 | نماز چاشت جا مسئلا | 188 |
| 43 | نماز توبہ جا مسئلا | 190 |
| 44 | تحية الوضوء ۽ تحية المسجد نماز جا مسئلا | 192 |
| 45 | سجده شڪر | 193 |
| 46 | نماز تسبيح جا مسئلا | 195 |
| 47 | نماز حاجت جا مسئلا | 197 |
| 48 | متفرق مسئلا | 198 |

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ وَالۡعَاقِبَةُ لِلۡمُتَّقِيۡنَ،
اَمَّا بَعۡدُ !

نماز اسلام جو اهم رڪن آهي ۽ الله تعالى سان تعلق قائم ڪرڻ جو سڀ کان وڏو ذريعو آهي. رسول الله ﷺ نماز کي پنهنجي اکين جو ٺار چيو آهي. نماز جو وقت ٿيندو هو ته حضور ﷺ حضرت بلال رضي الله عنه کي هنن لفظن سان بانگ (اذان) ڏيڻ جو حڪم ڏيندا هئا. ”اَقِمِ الصَّلٰوةَ يَا بِلَالُ ! اَرِحۡنَا بِهَا“ ترجمو: اي بلال! اسان کي نماز سان راحت پهچاءِ (ابوداؤد). نماز کي رسول اڪرم ﷺ جنت ۾ وڃڻ جي ضمانت قرار ڏنو آهي. حضرت ربيعه بن ڪعب اسلمي رضي الله عنه، رسول الله ﷺ جي خدمت ۾ اڪثر حاضر رهندو هو ۽ نبي اڪرم ﷺ لاءِ وضو جو پاڻي ۽ ٻيون شيون کڻي ايندو هو. هڪ دفعي حضور اڪرم ﷺ (خوش ٿي) فرمايو، ”ربيعه! گهر (ڇا ٿو گهرين)؟“ حضرت ربيعه رضي الله عنه عرض ڪيو، ”يا رسول الله ﷺ! بهشت ۾ توهان جي رفاقت چاهيان ٿو.“ حضور اڪرم ﷺ فرمايو، ”ته پوءِ گهڻن سجدن سان منهنجي مدد ڪر“ (مسلم). يعني تنهنجي اعمالن ۾ نماز جي گهڻائي منهنجي لاءِ سفارش ڪرڻ ۾ آساني جو باعث ٿيندي. الله تعالى قرآن پاڪ ۾ ڪامياب ماڻهن جي نشاني هي ٻڌائي آهي ته، ”اهي ماڻهو نمازن جي پابندي ڪن ٿا“ (سورة مومنون، آيت نمبر 9) ”انهن کي نه ڪي واپار ۽ نه ڪي سودو الله جي ياد ڪرڻ ۽ نماز پڙهڻ ۽ زڪوات ڏيڻ کان غافل ڪندو“ (سورة نور، آيت نمبر 37). الله تعالى نماز کي دين جي قائم ڪرڻ جي جدوجهد قرار ڏنو آهي. الله تعالى فرمائي ٿو: ”(اسين انهن ماڻهن جي ضرور مدد ڪريون ٿا) جن کي جيڪڏهن زمين ۾ غلبو (اقتدار) ڏينداسون ته نماز قائم ڪندا، زڪوات ڏيندا ۽ چڱن ڪمن جو حڪم ڪندا ۽ خراب ڪمن کان منع ڪندا“ (سورة حج، آيت نمبر41). تڪليف، ڏک ۽ غم جي وقت مومن جي اهو ئي سڀ کان وڏو سهارو آهي. الله تعالى فرمائي ٿو، ”اي مومنو صبر ۽ نماز سان مدد وٺو يا مدد گهرو.“ (سورة بقرة، آيت نمبر 153)

حضرت ابراهيم عليه السلام، الله تعاليٰ جي حڪم تي پنهنجي ٻارن ٻچن کي بيت الحرام وٽ بنا پاڻي ۽ خوراڪ جي جاءِ وٽ وٺي آيا تہ بارگاهہ رب العزت ۾ هي دعا ڪيائين، "اي منهنجا پالڻهار مون کي ۽ منهنجي اولاد کي نماز پڙهندڙ ڪر". (سورة ابراهيم، آيت نمبر 40)

حضرت اسماعيل عليه السلام جي جن خوبين جو ذڪر قرآن مجيد ۾ آيو آهي ان مان هڪ هي بہ آهي "۽ (هو) پنهنجي گهر وارن کي نماز ۽ زڪواة جو حڪم ڏيندو هو". (سورة مريم، آيت نمبر 55)

رسول اڪرم ﷺ کي بہ ان ڳالهہ جو حڪم ڏنو ويو تہ "۽ اي پيغمبر پنهنجي گهر وارن کي نماز جو حڪم ڏي ۽ پاڻ بہ ان تي قائم رهہ." (سورة طٰهٰ آيت نمبر 132). قرآن شريف مان دل سان هدايت حاصل ڪرڻ وارن خوش نصيب ماڻهن جون الله تعاليٰ جيڪي نشانيون ٻڌايون آهن، انهن مان هڪ هي بہ آهي، "هو نماز قائم ڪن ٿا (پڙهن ٿا)" (سورة بقره، آيت نمبر 3). نماز ۾ غفلت ۽ سستي ڪرڻ وارن کي منافقن جي نشاني بہ ٻڌائي وئي آهي. الله تعاليٰ فرمائي ٿو، "جڏهن (منافق) نماز لاءِ اٿندا آهن، تڏهن سست ٿي اٿندا آهن، رڳو ماڻهن کي ڏيکاريندا آهن (سورة نساء، آيت نمبر 142). سورة الماعون ۾ الله تعاليٰ انهن نمازين لاءِ هلاڪت ۽ بربادي ٻڌائي آهي، جيڪي نماز جي معاملي ۾ غفلت ۽ بي پرواهي کان ڪم وٺندا آهن. قرآن مجيد ۾ الله تعاليٰ قوم جي تباهي ۽ بربادي جو اصل سبب نماز ترڪ ڪرڻ (ڇڏڻ) ٻڌايو آهي. الله تعاليٰ فرمائي ٿو، "الله جي فرمانبردار بندن کانپوءِ اهڙا نالائق ماڻهو انهن جا جاءِ نشين ٿيا، جن نماز کي ڇڏي ڏنو ۽ دنيا جي مزن پٺيان لڳا. (اهڙا ماڻهو) جلد ئي گمراهي جي سزا پائيندا" (سورة مريم، آيت نمبر 59). قيامت جي ڏينهن دوزخين جو هڪ ٽولو دوزخ ۾ وڃڻ جو سبب هي بيان ڪندو، "لَمْ نَكُ مِنَ الْمُصَلِّيْنَ" يعني اسان نماز نہ پڙهندا هئاسون. (سورة مدثر، آيت نمبر 43)

امن هجي يا خوف، گرمي هجي يا سردي، تندرستي هجي يا بيماري، ايستائين جو جهاد جي موقعي تي ميدان جنگ ۾ بہ اهو فرض ساقط نہ ٿو ٿئي. رسول اڪرم ﷺ پنجن فرض نمازن کان سواءِ تهجد، اشراق، چاشت، تحية الوضوء تحية المسجد نمازن جو بہ خيال رکندا هئا. خاص خاص موقعن تي پنهنجي رب جي حضور ۾ توبہ ۽ استغفار لاءِ نماز کي ئي ذريعو ٺاهيندا هئا. خوف هوندو هو تہ

مسجد ۾ هليا ويندا هئا. طوفان يا زلزلو ايندو هو ته مسجد ۾ هليا ويندا هئا. ڪنهن جي نوبت ايندي هئي يا ڪا ٻي پريشاني يا تڪليف ايندي هئي ته مسجد ۾ ويندا هئا. سفر کان واپس ٿيندا هئا ته پهرين مسجد ۾ ويندا هئا. زندگي مبارڪ جي آخري ڏينهن ۾ بيماري جي حالت ۾ به رسول اڪرم ﷺ کي جنهن شيءِ جو سڀ کان وڌيڪ فڪر هو، اها نماز هئي. وفات مبارڪ کان ڪجهه ڏينهن پهرين تيز بخار جي سبب ڪري حضور اڪرم ﷺ تي غنودگي جي حالت طاري هئي، عشاءَ نماز جي وقت تي جڏهن اک کلي ته سڀ کان پهريون سوال هي ڪيائون، "ڇا ماڻهن نماز پڙهي ورتي آهي؟" عرض ڪيو ويو، "نه، توهان (ﷺ) جو انتظار آهي". رسول رحمت ﷺ اٿڻ لڳا ته بيهوش ٿي ويا. ٿوري دير ڪانپوءِ اک کولي ته زبان مبارڪ تي اهو ساڳيو سوال هئو، "ڇا ماڻهن نماز پڙهي ورتي آهي؟" عرض ڪيو ويو، "نه توهان (ﷺ) جو انتظار آهي." سرور عالم ﷺ وري اٿڻ چاهيو ته وري بيهوش ٿي ويا. جڏهن اک کلي ته زبان مبارڪ تي وري به ساڳيا لفظ هئا، "ڇا ماڻهن نماز پڙهي ورتي آهي؟" عرض ڪيو ويو، "نه توهان (ﷺ) جو انتظار آهي." حضور ﷺ ٽيون دفعو اٿڻ جي ڪوشش ڪئي ته وري بيهوش ٿي ويا. هوش ۾ اچڻ تي حضور اڪرم ﷺ فرمايو، "ابوبڪر رضي الله عنه نماز پڙهائين."

وفات مبارڪ کان چند گهڙيون پهرين حضور ﷺ امت کي جيڪا وصيت فرمائي اها هي هئي، "الصَّلَاةُ الصَّلَاةُ وَ مَا مَلَكَتْ أَيْمَانُكُمْ" يعني مسلمان نماز ۽ پنهنجن غلامن جو هميشه خيال رکن.

نبي اڪرم ﷺ جي اخلاق مبارڪ مان نماز جي اهميت واضح ٿي وڃي ٿي.

نماز بذات خود جيتري اهم آهي، نماز جي طريقي جي اهميت به ايتري قدر وڌيڪ آهي، نماز جي باري ۾ حڪم صرف اهو نه آهي ته ان کي ادا ڪريو، بلڪ حڪم هي به آهي ته "ان کي اهڙي نموني سان ادا ڪريو، جهڙي طرح مون کي ادا ڪندي ڏسو ٿا." صلوا ڪما رايتموني اصلي (بخاري). هڪ حديث ۾ ارشاد مبارڪ آهي ته قيامت جي ڏينهن (حقوق الله مان) سڀ کان پهرين نماز جو حساب ورتو ويندو. جنهن نماز صحيح طريقي سان پڙهي هوندي اهو ڪامياب ۽ ڪامران ٿيندو ۽ جنهن جي نماز خراب ٿي هوندي اهو ناڪام ۽ نامراد ٿيندو (ترمذي). غور ڪيو! قيامت جي ڏينهن نماز جي باري ۾ جنهن شيءِ جو حساب ٿيندو اهو ان ڳالهه

جو ته نماز پڙهي يا نه پڙهي، بلڪ حساب ان ڳالهه جو ٿيندو ته نماز سنت جي مطابق پڙهي وئي يا نه؟ هن حديث مان اهو اندازو لڳائڻ مشڪل نه آهي ته نماز جي ادائيگي سان گڏ نماز جي ادائيگي جو طريقو ڪيتري قدر اهم ۽ ضروري آهي، ان اهميت جي پيش نظر نبي اڪرم ﷺ جي نماز جي طريقي متعلق صحيح حديثن مان جيڪي به اهم مسئلا نماز متعلق معلوم ٿين ٿا اهي اسان هن ڪتاب ۾ گڏ ڪيا آهن. مسئلا جمع ڪرڻ ۽ ترتيب ڏيڻ وقت اسان ڪنهن خاص فقهي مسلڪ کي سامهون نه رکيو آهي ۽ نه وري ڪنهن فقهي مسلڪ کي صحيح يا غلط ثابت ڪرڻ لاءِ هي حديثن جو مجموعو مرتب ڪيو آهي اسان جي پيش نظر صحابه ڪرام ؓ جو اهو مسلڪ آهي، جنهن ۾ هڪ صحابي حضرت حذيفه ؓ هڪ ماڻهو کي نماز پڙهندي ڏٺو، جيڪو رڪوع ۽ سجدو پورو نه ڪري رهيو هو. جڏهن اهو ماڻهو نماز کان فارغ ٿيو ته حضرت حذيفه ؓ ان ماڻهو کي سڏي چيو، "تو نماز نه پڙهي ۽ جيڪڏهن اهڙي طرح نماز پڙهندي پڙهندي مري وئين ته اسلام جي خلاف مرندين". هڪ ٻئي صحابي حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما هڪ شخص کي عيد جي نماز کان پهرئين نفل پڙهندي ڏٺو ته ان کي منع ڪيو. اهو شخص چوڻ لڳو، "الله تعاليٰ مون کي نماز پڙهڻ تي عذاب نه ڪندو." حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما فرمايو، "الله تعاليٰ توکي سنت رسول الله ﷺ جي مخالفت ڪرڻ تي ضرور عذاب ڏيندو."

هڪ صحابي حضرت عمارة بن رويبه ؓ جمعي جي خطبي وقت، حاڪم وقت کي منبر تي هٿ بلند ڪندي ڏٺو ته چيو، "الله تعاليٰ خراب ڪري انهن هٿن کي، مون رسول الله ﷺ کي ڏٺو آهي ته هن کان وڌيڪ نه ڪندا هئا ۽ پنهنجي شاهد آڱر سان اشارو ڪيو، (مسلم). اتباع سنت جي معاملي ۾ صحابه ڪرام ؓ جي اهائي سوچ ۽ فڪر اسان جو مسلڪ آهي. سنت رسول الله ﷺ سان محبت جو اهوئي جذبو اسان جو مذهب آهي ۽ انهيءَ جذبي جي پيش نظر اسان هي حديثون جمع ڪيون آهن.

صحابه ڪرام ؓ جي مٿين طرز عمل مان اهو به معلوم ٿئي ٿو ته جن مسئلن کي اسان فروعي، اختلافي ۽ غير ضروري سمجهي نظرانداز ڪيون ٿا، صحابه ڪرام ؓ جي نظر ۾ انهن جي ڪيتري قدر اهميت ۽ قيمت هئي. حقيقت هي آهي ته جيڪو شخص رسول الله ﷺ جي هن فرمان مبارڪ کان واقف آهي، "مَنْ رَغِبَ عَنْ سُنَّتِيْ فَلَيْسَ مِنِّيْ" يعني جيڪو شخص منهنجي سنت اختيار ڪرڻ کان دور

سگهون ٿا. انهن لاءِ هي ڪتاب ان شاءَ الله ضرور فائديمند ثابت ٿيندو.

آخر ۾ واجب الاحترام عالمن جو شڪر ادا ڪرڻ ضروري سمجهان ٿو جن پنهنجين بي شمار مصروفيتن جي باوجود خوشي سان هن ڪتاب جي نظرثاني فرمائي، ان ڪانسواءِ ٻين دوستن به ڪتاب جي تياري ۾ منهنجي مدد ۽ رهنمائي فرمائي، الله تعاليٰ انهن سڀني کي دنيا ۽ آخرت ۾ پنهنجي انعامن سان نوازي. (آمين)

”رَبَّنَا تَقَبَّلْ مِنَّا اِنَّكَ اَنْتَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمِ“

اي اسان جا پروردگار! اسان جي محنت قبول فرماءِ بيشڪ تون خوب ٻڌڻ وارو ۽ خوب ڄاڻڻ وارو آهين.

محمد اقبال ڪيلاني عفي الله عنہ

جامعہ ملڪ سعود، الرياض، سعودي عرب

27 رجب، 1406 هجري



# مختصر اصطلاحات حديث

هر حديث کي جدا جدا مقام ۽ مرتبو آهي، محدثين جي اصطلاحي زبان مطابق حديثن جي اصطلاحن (صفتن) جو مختصر بيان ڏجي ٿو جيئن هر پڙهندڙ ان کي سولائيءَ سان سمجهي ۽ مستفيد ٿي سگهي.

(1) جيڪو ڪم رسول الله ﷺ جن فرمايو هجي (2) ڪيو هجي (3) يا ڏٺو هجي ۽ ڏسي ان کي ڪرڻ جي منع نه فرمائي هجي، ان کي "حديث" سڏجي ٿو.
پهرين قسم جي حديث کي قولي، ٻي کي فعلي ۽ ٽين کي تقريري سڏجي ٿو.

مرفوع: جنهن حديث ۾ صحابي، رسول الله ﷺ جو نالو وٺي حديث کي بيان ڪن، تنهن حديث کي "مرفوع" چئجي ٿو.

موقوف: جنهن حديث ۾ صحابي، رسول الله ﷺ جو نالو وٺڻ کان سواءِ حديث بيان ڪن يا پنهنجي اظهار جو خيال ڪن،تنهن کي اثر "موقوف" چئجي ٿو.

احاد: جنهن حديث جا راوي تعداد ۾ متواتر حديث جي راوين کان گهٽ هجن، تنهن حديث کي "احاد" چئجي ٿو، هن جا 3 قسم آهن:

1. مشهور: جنهن حديث جا راوي گهٽ ۾ گهٽ ٽي رهيا هجن.
2. عزيز: جنهن حديث جا راوي گهٽ ۾ گهٽ ٻه رهيا هجن.
3. غريب: جنهن حديث جو راوي هڪ هجي.

متواتر: جنهن حديث جا راوي هر زماني ۾ ايترا هجن جن جو ڪوڙ تي گڏ ٿيڻ ممڪن نه هجي، تنهن حديث کي حديث "متواتر" چئجي ٿو.

مقبول: جنهن حديث جي راوين جي ديانت ۽ سچائي تسليم ٿيل هجي، تنهن حديث کي حديث "مقبول" چئجي ٿو، هن جا ٻه قسم آهن، هڪ حسن ۽ ٻيو صحيح.

حَسن: جنهن حديث جا راوي صحيح حديث جي راوين جي مقابلي ۾ حافظي ۾ گهٽ هجن، باقي شرط اهي هجن، تنهن حديث کي "حسن" چئجي ٿو.

صحيح: جنهن حديث جا سڀ راوي،هر زماني ۽ هر دور ۾ ثقه (قابل اعتماد)، پرهيزگار، قابل اعتبار حافظي جا مالڪ هجن، تنهن حديث کي "صحيح" چئجي ٿو، حديث صحيح کي ستن درجن ۾ ورهايو ويو آهي، اهي هي آهن:

1. جنهن کي بخاري ۽ مسلم ٻنهي روايت ڪيو هجي،ان کي متفق

عليه بہ سڏجي ٿو.

2. جنهن کي رڳو بخاري روايت ڪيو هجي.
3. جنهن کي رڳو مسلم روايت ڪيو هجي.
4. جنهن کي بخاري ۽ مسلم جي شرطن مطابق ڪنهن ٻي محدث روايت ڪيو هجي.
5. جنهن کي صرف بخاري جي شرطن مطابق ٻي محدث روايت ڪيو هجي.
6. جنهن کي صرف مسلم جي شرطن مطابق ڪنهن ٻئي محدث روايت ڪيو هجي.
7. جنهن کي بخاري ۽ مسلم کانسواءِ ٻين محدثين صحيح سمجهيو هجي.

غير مقبول: جنهن حديث جي راوين جي ديانت ۽ سچائي مشتبہ (مشڪوڪ) هجي تنهن حديث کي حديث "غير مقبول" چئجي ٿو.

ضعيف: جيڪا حديث صحيح ۽ حسن جي شرطن مطابق پوري نہ ايندي هجي، جنهن جو ڪو راوي ساقط (غير مسلسل) هجي يا مطعون (مورد الزام) هجي تنهن کي حديث "ضعيف" سڏجي ٿو. ضعيف حديث کي اٺن درجن ۾ ورهايو وڃي ٿو. اهي هي آهن:

1. معلق: جنهن حديث جو هڪ يا سڀ راوي شروع وارو سند حذف ڪري ڇڏين يعني ڪيرائي ڇڏين.
2. منقطع: جنهن حديث ۾ هڪ يا هڪ کان وڌيڪ راوي مختلف هنڌن ساقط هجن.
3. مرسل: جنهن حديث جو راوي آخري سند ۾ ساقط هجي يعني تابعي کان پوءِ صحابي جو نالو نہ هجي.
4. معضل: جنهن حديث ۾ ٻہ يا ٻن کان وڌيڪ گڏ راوي سند جي وچ ۾ حذف (ڪريل) هجن.
5. موضوع: جنهن حديث جي راوي جو حديث جي معاملي ۾ ڪوڙ ڳالهائڻ ثابت هجي.
6. متروڪ: جنهن حديث جي راوي تي رڳو ڪوڙ جي تهمت هجي، ليڪن حديث جي معاملي ۾ ڪوڙ ثابت نہ هجي.
7. شاذ: جنهن حديث ۾ هڪ ثقہ راوي پاڻ کان وڌيڪ ثقہ راوي ۽ ضابط جي مخالفت ڪري.
8. منڪر: جنهن حديث جو راوي فاسق يا بدعتي هجي.

# حديث جي ڪتابن جا نالا

## حديثن جي ڪتابن جي نالن جو بيان هيٺ ڏجي ٿو.

1. صحاح ستة: "ستة" عربيءَ جو لفظ آهي جنهن جي معنيٰ آهي ڇهه ۽ صحاح معنيٰ صحيح. حديث جي ڇهن ڪتابن: بخاري، مسلم، ابو دائود، ترمذي، نسائي ۽ ابن ماجه کي غلبهٔ صحت جي بنياد تي "صحاح ستة" سڏجي ٿو.
2. جامع: جنهن ڪتاب ۾ اسلام جي متعلق تمام مباحث (اٺن شين جو ذڪر)، عقائد، احڪام، تفسير، رقاق، ملاحم، فضائل، مناقب ۽ مغازي موجود هجن ان کي "جامع" سڏجي ٿو. مثلاً جامع ترمذي، جامع صحيح بخاري.
3. سُنَن: جنهن ڪتاب ۾ صرف فقهي احڪامات جي متعلق حديثون جمع ڪيون ويون هجن. ان کي "سنن" سڏجي ٿو. مثلاً سنن ابو دائود.
4. مُسند: جنهن ڪتاب ۾ ترتيب وار هر صحابيءَ جون حديثون گڏ ڪيون ويون هجن. ان کي "مسند" سڏجي ٿو. مثلاً مسند امام احمد.
5. مُستخرج: جنهن ڪتاب ۾ هڪ ڪتاب جي حديث ڪنهن ٻي سند سان روايت ڪئي وڃي. ان کي "مستخرج" سڏجي ٿو. مثلاً مستخرج الاسماعيل علي البخاري، مستخرج ابو نعيم.
6. مُستدرڪ: جنهن ڪتاب ۾ هڪ محدث جي قائم ڪيل شرطن مطابق اهي حديثون جمع ڪيون وڃن، جيڪي ان محدث پنهنجي ڪتاب ۾ داخل (الڪيون) نه ڪيون هجن. ان کي "مستدرڪ" سڏجي ٿو. مثلاً مستدرڪ حاڪم.
7. اربعين: اربعين عربيءَ جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي چاليهه. جنهن ڪتاب ۾ چاليهه حديثون جمع ڪيون ويون هجن. ان کي "اربعين" سڏجي ٿو. مثلاً اربعين نووي.

# اَلنِّـــيَّةُ
# نيت جا مسئلا

**مسئلو 1** عملن جي اجر ۽ ثواب جو دارومدار نيت تي آهي.

عَنْ عُمَرَ بْنِ الْخَطَّابِ رضي الله عنه قَالَ : سَمِعْتُ رَسُوْلَ اللّٰهِ ﷺ يَقُوْلُ ((اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّاتِ وَ اِنَّمَا لِكُلِّ امْرِئٍ مَا نَوٰى فَمَنْ كَانَتْ هِجْرَتُهُ اِلٰى دُنْيَا يُصِيْبُهَا اَوْ اِلٰى اِمْرَاَةٍ يَنْكِحُهَا فَهِجْرَتُهُ اِلٰى مَا هَاجَرَ اِلَيْهِ)) رَوَاهُ الْبُخَارِيُّ (١)

حضرت عمر بن خطاب رضي الله عنه کان روايت آهي ته مون رسول الله ﷺ کي فرمائيندي ٻڌو، "عملن جو دارومدار نيت تي آهي. هر ماڻهوءَ کي نيت جي مطابق بدلو ملندو. جنهن دنيا حاصل ڪرڻ لاءِ هجرت ڪئي ان کي صرف دنيا ئي ملندي (۽ هجرت جو ثواب نه ملندو) ۽ جنهن ڪنهن عورت سان نڪاح ڪرڻ لاءِ هجرت ڪئي، ته ان جي هجرت ان عورت لاءِ ئي آهي (۽ هجرت جو ثواب نه ملندس) پوءِ مهاجر جنهن مقصد لاءِ هجرت ڪئي، ان جي هجرت ان (شيءِ) لاءِ ئي سمجهي ويندي". (بخاري)

**مسئلو 2** دجال جي فتني کان وڏو فتنو ڏيکاءُ جي نماز آهي.

عَنْ اَبِيْ سَعِيْدٍ رضي الله عنه قَالَ خَرَجَ عَلَيْنَا رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ وَ نَحْنُ نَتَذَاكَرُ الْمَسِيْحَ الدَّجَّالَ فَقَالَ ((اَلَا اُخْبِرُكُمْ بِمَا هُوَ اَخْوَفُ عَلَيْكُمْ عِنْدِيْ مِنَ الْمَسِيْحِ الدَّجَّالِ ؟)) فَقُلْنَا بَلٰى يَا رَسُوْلَ اللّٰهِ ﷺ! قَالَ ((اَلشِّرْكُ الْخَفِيُّ اَنْ يَقُوْمَ الرَّجُلُ فَيُصَلِّيْ فَيُزَيِّنُ صَلَاتَهُ لِمَا يَرٰى مِنْ نَظَرِ رَجُلٍ)) رَوَاهُ ابْنُ مَاجَةَ (٢) (حسن)

حضرت ابو سعيد رضي الله عنه کان روايت آهي ته اسان مسيح دجال جو ذڪر ڪري رهيا هئاسون ته ايتري ۾ رسول الله ﷺ آيا ۽ فرمايائون، "ڇا مان توهان کي ان کان وڌيڪ خطرناڪ ڳالهه کان آگاهه نه ڪريان؟" اسان عرض ڪيو ته ضرور يا رسول الله ﷺ. حضور اڪرم ﷺ فرمايو، "شرڪ خفي دجال کان وڌيڪ خطرناڪ آهي ۽ اهو هي آهي ته هڪ ماڻهو نماز لاءِ بيهي ۽ نماز کي ان لاءِ وڌي ڪري ته

---

(١) مختصر صحيح بخاري للزبيدي، رقم الحديث ١

(٢) صحيح سنن ابن ماجة، الجزء الثاني، رقم الحديث ٣٣٨٩

کو ماٺھو ھن کي ڏسي رھيو آھي.* (ابن ماجہ)

## مسئلو 3 ڏيکاءُ جي نماز شرڪ (اصغر) آھي.

عَنْ شَدَّادِ بْنِ اَوْسٍ ﷜ قَالَ سَمِعْتُ رَسُوْلَ اللّٰهِ ﷺ يَقُوْلُ ((مَنْ صَلّٰى يُرَائِي فَقَدْ اَشْرَكَ وَ مَنْ صَامَ يُرَائِي فَقَدْ اَشْرَكَ وَ مَنْ تَصَدَّقَ يُرَائِي فَقَدْ اَشْرَكَ)) رَوَاهُ اَحْمَدُ (١) (حسن)

حضرت شداد بن اوس ﷜ کان روايت آھي تہ مون رسول اللہ ﷺ کي فرمائيندي ٻڌو آھي تہ جنھن ڏيکاءُ لاءِ نماز پڙھي، ان شرڪ ڪيو، جنھن ڏيکاءُ لاءِ روزو رکيو ان شرڪ ڪيو ۽ جنھن ڏيکاءُ لاءِ صدقو ڪيو ان شرڪ ڪيو. (احمد)



(١) الترغيب والترھيب، للشيخ محي الدين الديب، الجزء الاول، رقم الحديث ٤٣

# فَرْضِيَّةُ الصَّلاَةِ

# نماز جي فرضيت

**مسئلو 4** نماز اسلام جو ٻيو اهم رڪن آهي.

عَنِ ابْنِ عُمَرَ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا قَالَ : قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ ((بُنِيَ الْإِسْلاَمُ عَلٰى خَمْسٍ شَهَادَةِ اَنْ لاَّ اِلٰهَ اِلاَّ اللّٰهُ وَ اَنَّ مُحَمَّدًا رَسُوْلُ اللّٰهِ وَ اِقَامِ الصَّلاَةِ وَ اِيْتَاءِ الزَّكَاةِ وَ الْحَجِّ وَ صَوْمِ رَمَضَانَ )) رَوَاهُ الْبُخَارِيُّ (١)

حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنهما کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو، "اسلام جو بنياد پنجن شيئن تي آهي: (1) ڪلمه شهادت ته الله کان سواءِ ڪوبه معبود نه آهي ۽ محمد ﷺ الله جا رسول آهن (2) نماز قائم ڪرڻ (3) زڪوات ادا ڪرڻ (4) حج ڪرڻ ۽ (5) رمضان جا روزا رکڻ". (بخاري)

**مسئلو 5** هجرت کان پهرئين ٻه ٻه رڪعتون ۽ هجرت کان پوءِ چار چار رڪعتون نماز فرض ٿي.

عَنْ عَائِشَةَ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا قَالَتْ : فَرَضَ اللّٰهُ الصَّلاَةَ حِيْنَ فَرَضَهَا رَكْعَتَيْنِ رَكْعَتَيْنِ فِي الْحَضَرِ وَالسَّفَرِ فَاُقِرَّتْ صَلاَةُ السَّفَرِ وَ زِيْدَ فِيْ صَلاَةِ الْحَضَرِ . مُتَّفَقٌ عَلَيْهِ (٢)

حضرت عائشة رضي الله عنها کان روايت آهي ته (مڪي ۾ معراج جي رات) الله تعالي نماز فرض ڪئي ته حضر (مقيم – غير سفر) ۽ سفر ۾ ٻنهي لاءِ ٻه ٻه رڪعتون نماز فرض ڪئي (پوءِ) سفر جي نماز (ٻه رڪعتون) برقرار رکي وئي ۽ حضر جي نماز ۾ اضافو ڪيو ويو. (بخاري ۽ مسلم)

---

(١) ڪتاب الايمان ، باب قول النبي ﷺ بني الاسلام علي خمس

(٢) اللؤلؤ والمرجان ، الجزء الاول ، رقم الحديث ٣٩٨

# فَضْلُ الصَّلاَةِ

# نماز جي فضيلت

**مسئلو 6** روزانو باقاعدگيءَ سان پنج نمازون پڙهڻ سان سڀ صغيره گناهه معاف ٿين ٿا.

عَنْ أَبِيْ هُرَيْرَةَ ؓ قَالَ : قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ ((أَرَأَيْتُمْ لَوْ أَنَّ نَهَرًا بِبَابِ أَحَدِكُمْ يَغْتَسِلُ فِيْهِ كُلَّ يَوْمٍ خَمْسًا مَا تَقُوْلُ ذٰلِكَ يُبْقِيْ مِنْ دَرَنِهِ؟)) قَالُوْا : لاَ يُبْقِيْ مِنْ دَرَنِهِ شَيْئًا ، قَالَ ((فَذٰلِكَ مَثَلُ الصَّلَوَاتِ الْخَمْسِ يَمْحُو اللّٰهُ بِهَا الْخَطَايَا)) مُتَّفَقٌ عَلَيْهِ (١)

حضرت ابوهريره ؓ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو. "توهان جو ڇا خيال آهي ته اگر توهان مان ڪنهن جي دروازي تي نهر (واهه) وهندي هجي ۽ هو ان مان روزانو پنج دفعا وهنجي ته ڇا هن جي بدن تي ميراڻ باقي رهندي؟" صحابه ڪرام ؓ عرض ڪيو. "نه ڪنهن به قسم جي ميراڻ باقي نه رهندي" حضور اڪرم ﷺ فرمايو. "اهو ئي پنجن نمازن جو مثال آهي. الله تعاليٰ انهن نمازن جي ذريعي گناهه مٽائي ڇڏي ٿو." (بخاري ۽ مسلم)

**مسئلو 7** نماز گناهن جي باهه کي ٿڌو ڪري ٿي.

عَنْ أَنَسِ بْنِ مَالِكٍ ؓ قَالَ : قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ ((إِنَّ لِلّٰهِ مَلَكًا يُنَادِيْ عِنْدَ كُلِّ صَلاَةٍ يَا بَنِيْ آدَمَ ! قُوْمُوْا إِلٰى نِيْرَانِكُمُ الَّتِيْ أَوْقَدْتُمُوْهَا فَأَطْفِئُوْهَا)) رَوَاهُ الطَّبَرَانِيُّ فِي الْأَوْسَطِ (٢)

حضرت انس بن مالڪ ؓ کان روايت آهي رسول الله ﷺ فرمايو. "هر نماز جي وقت الله تعاليٰ جو (مقرر ڪيل) فرشتو چئي ٿو. اي آدم جا اولاد اٿو هن باهه کي وسائڻ لاءِ جنهن کي توهان (پنهنجي گناهن سان) ٻاريو آهي."

(طبراني)

**مسئلو 8** پنج ئي نمازون باقاعدگيءَ سان ادا ڪرڻ وارو قيامت جي ڏينهن صديقن ۽ شهيدن سان گڏ هوندو.

---

(١) مختصر صحيح بخاري ، للزبيدي ، رقم الحديث ٣٣٠

(٢) صحيح الترغيب والترهيب ، للالباني ، الجزء الاول، رقم الحديث ٣٥٥

عَنْ عَمْرِو بْنِ مُرَّةَ الْجُهَنِيِّ ﷛ قَالَ جَاءَ رَجُلٌ إِلَى النَّبِيِّ ﷺ فَقَالَ: يَا رَسُوْلَ اللّٰهِ ﷺ! أَرَأَيْتَ إِنْ شَهِدْتُ أَنْ لاَّ إِلٰهَ إِلاَّ اللّٰهُ وَ أَنَّكَ رَسُوْلُ اللّٰهِ وَ صَلَّيْتُ الصَّلَوَاتِ الْخَمْسَ وَأَدَّيْتُ الزَّكَاةَ وَصُمْتُ رَمَضَانَ وَقُمْتُهُ فَمِمَّنْ أَنَا؟ قَالَ ((مِنَ الصِّدِّيْقِيْنَ وَ الشُّهَدَاءِ)) رَوَاهُ ابْنُ حِبَّانَ(١) (صحيح)

حضرت عمر بن مرة جهني ﷛ کان روايت آهي ته هڪ ماڻهو نبي اڪرم ﷺ جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيو، "يا رسول الله ﷺ ٻڌايو جيڪڏهن مان شاهدي ڏيان ته الله ڪان سواءِ ڪو الله نه آهي. توهان الله جا رسول آهيو ۽ پنج ئي نمازون ادا ڪريان، زڪوات ڏيان، رمضان جا روزا رکان ۽ رمضان ۾ قيام به ڪيان ته منهنجو شمار ڪهڙن ماڻهن ۾ ٿيندو؟" حضور اڪرم ﷺ ارشاد فرمايو، "صديقن ۽ شهيدن ۾." (ابن حبان)

**مسئلو 9** رات جي اونداهي ۾ مسجد ۾ اچڻ وارن نمازين لاءِ قيامت جي ڏينهن مڪمل نور جي خوشخبري آهي.

عَنْ بُرَيْدَةَ ﷛ عَنِ النَّبِيِّ ﷺ قَالَ ((بَشِّرُوْا الْمَشَّائِيْنَ فِي الظُّلَمِ إِلَى الْمَسَاجِدِ بِالنُّوْرِ التَّامِّ يَوْمَ الْقِيَامَةِ)) رَوَاهُ أَبُوْدَاؤُدَ وَالتِّرْمِذِيُّ (٢) (صحيح)

حضرت بريده ﷛ کان روايت آهي ته نبي اڪرم ﷺ فرمايو، "اونداهي ۾ مسجدن ڏانهن هلي وڃڻ وارن کي قيامت جي ڏينهن مڪمل روشنيءَ جي خوشخبري ڏيو." (ابوداؤد ۽ ترمذي)

**مسئلو 10** مسجد ۾ اچڻ وارا نمازي الله تعاليٰ جا ملاقاتي آهن جن جي الله تعاليٰ عزت فرمائي ٿو.

وَ عَنْ سَلْمَانَ ﷛ أَنَّ النَّبِيَّ ﷺ قَالَ ((مَنْ تَوَضَّأَ فِيْ بَيْتِهِ فَأَحْسَنَ الْوُضُوْءَ ثُمَّ أَتَى الْمَسْجِدَ فَهُوَ زَائِرُ اللّٰهِ وَ حَقٌّ عَلَى الْمَزُوْرِ أَنْ يُكْرِمَ الزَّائِرَ)) رَوَاهُ الطَّبَرَانِيُّ (٣)

حضرت سلمان ﷛ کان روايت آهي ته نبي اڪرم ﷺ فرمايو. "جنهن پنهنجي گهر ۾ سٺي طرح سان وضو ڪيو ۽ پوءِ مسجد ۾ آيو اهو الله جو ملاقاتي آهي ۽ ميزبان لاءِ ضروري آهي ته هو پنهنجي ملاقاتي جي عزت ڪري."

(طبراني)

---

(١) صحيح الترغيب والترهيب ، للالباني ، الجزء الاول، رقم الحديث ٣٥٨

(٢) صحيح سنن ابي داؤد ، للالباني ، الجزء الاول ، رقم الحديث ٥٢٥

(٣) صحيح الترغيب والترهيب ، للالباني ، الجزء الاول، رقم الحديث ٣٢٠

# أَهَمِيَّةُ الصَّلاَةِ

# نماز جي اهميت

**مسئلو 11** بي نمازي جو انجام قارون، فرعون، هامان ۽ ابي بن خلف سان گڏ ٿيندو.

عَنْ عَبْدِاللهِ بْنِ عَمْرِو بْنِ الْعَاصِ رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا عَنِ النَّبِيِّ ﷺ أَنَّهُ ذَكَرَ الصَّلاَةَ يَوْمًا فَقَالَ ((مَنْ حَافَظَ عَلَيْهَا كَانَتْ لَهُ نُورًا وَ بُرْهَانًا وَنَجَاةً يَوْمَ الْقِيَامَةِ وَ مَنْ لَمْ يُحَافِظْ عَلَيْهَا لَمْ يَكُنْ لَهُ نُورٌ وَ لاَ بُرْهَانٌ وَ لاَ نَجَاةٌ وَ كَانَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ مَعَ قَارُوْنَ وَ هَامَانَ وَ فِرْعَوْنَ وَ أُبَيِّ بْنِ خَلَفٍ)) رَوَاهُ ابْنُ حَبَّانَ (١) (حسن)

حضرت عبدالله بن عمرو بن عاص رضي الله عنهما کان روايت آهي ته نبي اڪرم ﷺ هڪ ڏينهن نماز جو ذڪر ڪندي فرمايو، ”جنهن شخص نماز جي حفاظت ڪئي ان لاءِ نماز قيامت جي ڏينهن نور، برهان (دليل) ۽ نجات جو باعث ٿيندي. جنهن نماز جي حفاظت نه ڪئي ان لاءِ نه نور هوندو، نه برهان، نه نجات ۽ قيامت جي ڏينهن ان جو انجام قارون، فرعون، هامان ۽ ابي بن خلف سان گڏ ٿيندو.“ (ابن حبان)

**مسئلو 12** اسلام ۽ ڪفر جي وچ ۾ حد نماز آهي.

عَنْ جَابِرٍ ﷛ قَالَ : قَالَ رَسُوْلُ اللهِ ﷺ ((بَيْنَ الرَّجُلِ وَ بَيْنَ الشِّرْكِ وَالْكُفْرِ تَرْكُ الصَّلاَةِ)) رَوَاهُ مُسْلِمٌ (٢)

حضرت جابر ﷛ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو، ”بندي ۽ ڪفر جي وچ ۾ (حد) ترڪ نماز آهي“ (يعني نماز ڇڏڻ آهي، يعني جنهن نماز ترڪ ڪئي ان ڪفر ڪيو). (مسلم)

---

(١) صحيح ابن حبان للارناؤط ، الجزء الرابع ، رقم الحديث ١٤٦٧

(٢) مختصر صحيح مسلم ، للالباني ، رقم الحديث ٢٠٤

**مسئلو 13** ڏهن سالن جي عمر تائين جيڪڏهن ٻار نماز نہ پڙهي تہ مار ڏيئي نماز پڙهائڻ گهرجي.

عَنْ عَمْرِو بْنِ شُعَيْبٍ عَنْ أَبِيهِ عَنْ جَدِّهِ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا قَالَ: قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ ((مُرُوْا أَوْلَادَكُمْ بِالصَّلَاةِ وَ هُمْ أَبْنَاءُ سَبْعِ سِنِيْنَ وَ اضْرِبُوْهُمْ عَلَيْهَا وَ هُمْ أَبْنَاءُ عَشْرِ سِنِيْنَ وَ فَرِّقُوْا بَيْنَهُمْ فِي الْمَضَاجِعِ)) رَوَاهُ أَبُوْدَاوُدَ (١) (صحيح)

حضرت عمرو پنهنجي پيءُ شعيب کان ۽ شعيب پنهنجي ڏاڏي (عبدالله بن عمرو بن عاص رضي الله عنهما) کان روايت ڪري ٿو تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو، ”جڏهين توهان جا ٻار ستن سالن جا ٿين تہ انهن کي نماز پڙهڻ جو حڪم ڏيو. جڏهن ڏهن سالن جا ٿين (۽ نماز باقاعدگي سان نہ پڙهن) تہ نماز پڙهائڻ لاءِ انهن کي ماريو ۽ ڏهن سالن جي ٻارن کي جدا جدا بسترن تي سمهاريو.“ (ابوداؤد)

**مسئلو 14** صرف عصر (ٽيهري - وڇين) جي نماز جو فوت ٿيڻ اهڙو آهي، جيئن ڪنهن جو مال ۽ اهل وعيال برباد ٿي وڃي.

عَنِ ابْنِ عُمَرَ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا قَالَ: قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ ((الَّذِيْ تَفُوْتُهُ صَلَاةُ الْعَصْرِ فَكَأَنَّمَا وُتِرَ أَهْلَهُ وَ مَالَهُ)) مُتَّفَقٌ عَلَيْهِ (٢)

حضرت ابن عمر رضي الله عنهما کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو، ”جنهن شخص جي عصر جي نماز فوت (ختم) ٿي وڃي، ان جي حالت ان شخص جهڙي آهي، جنهن جو اهل وعيال ۽ مال و دولت سڀ برباد ٿي ويا هجن.“ (بخاري ۽ مسلم)

**مسئلو 15** نماز کان غفلت جي سزا.

عَنْ سَمُرَةَ بْنِ جُنْدُبٍ رضي الله عنه عَنِ النَّبِيِّ ﷺ فِي الرُّؤْيَا قَالَ ((أَمَّا الَّذِيْ يُثْلَغُ رَأْسُهُ بِالْحَجَرِ فَإِنَّهُ يَأْخُذُ الْقُرْآنَ فَيَرْفُضُهُ وَ يَنَامُ عَنِ الصَّلَاةِ الْمَكْتُوْبَةِ)) رَوَاهُ الْبُخَارِيُّ (٣)

حضرت سمرة بن جندب رضي الله عنه خواب جي حديث ۾ رسول الله ﷺ کان روايت ڪري ٿو تہ حضور اڪرم ﷺ فرمايو، ”جيڪو شخص قرآن ياد ڪري

---

(١) صحيح سنن ابي داؤد ، للالباني ، الجزء الاول ، رقم الحديث ٤٦٥

(٢) مختصر صحيح بخاري ، للزبيدي ، رقم الحديث ٣٤٠

(٣) كتاب التعبير ، باب تعبير الرؤيا بعد الصلاة الصبح

وساري ٿو ۽ فرض نماز پڙهڻ ڪانسواءِ سمهي ٿو، ان جو مٿو (قيامت جي ڏينهن) پٿر سان ڪچليو پئي ويو.“ (بخاري)

**مسئلو 16 فجر ۽ عشاء نماز لاءِ مسجد ۾ نہ اچڻ نفاق جي علامت آهي.**

**مسئلو 17 جماعت سان نماز نہ پڙهڻ وارن ماڻهن جي گهرن کي رسول اڪرم ﷺ ساڙڻ جو ارادو فرمايو.**

عَنْ اَبِيْ هُرَيْرَةَ ﷺ قَالَ : قَالَ رَسُوْلُ اللهِ ﷺ ((لَيْسَ صَلاَةٌ اَثْقَلَ عَلَى الْمُنَافِقِيْنَ مِنَ الْفَجْرِ وَ الْعِشَاءِ ، وَ لَوْ يَعْلَمُوْنَ مَا فِيْهِمَا لأَتَوْهُمَا وَ لَوْ حَبْوًا ، لَقَدْ هَمَمْتُ اَنْ آمُرَ الْمُؤَذِّنَ فَيُقِيْمَ ثُمَّ آمُرَ رَجُلاً يَؤُمُّ النَّاسَ ، ثُمَّ اٰخُذَ شُعَلاً مِنْ نَارٍ فَأُحَرِّقَ عَلَى مَنْ لاَ يَخْرُجُ اِلَى الصَّلاَةِ بَعْدُ)) مُتَّفَقٌ عَلَيْهِ (١)

حضرت ابوهريره ﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو، ”منافقن تي فجر ۽ عشاء جي نمازن کان وڌيڪ ڳري ڪا نماز نہ آهي، اگر انهن کي معلوم ٿي وڃي تہ انهي نمازن جو ثواب ڪيترو وڌيڪ آهي تہ انهن انهي نمازن ۾ ضرور اچن چاهي گوڏن ڀر اچڻو پوين. مون ارادو ڪيو تہ بانگي کي حڪم ڏيان تہ هو اقامت چئي پوءِ هڪ ماڻهو کي حڪم ڏيان تہ هو ماڻهن جي امامت ڪرائي ۽ پاڻ باهہ جو هڪ شعلو کڻي انهن ماڻهن (جي گهرن کي) ساڙيان جيڪي (بانگ ۽ اقامت ڪانپوءِ) نماز لاءِ نہ ٿا نڪرن.“ (بخاري ۽ مسلم)

**مسئلو 18 سنت جي خلاف ادا ڪيل نماز قيامت جي ڏينهن ناڪامي ۽ نامرادي جو باعث ٿيندي.**

**مسئلو 19 قيامت جي ڏينهن حقوق الله ۾ سڀ کان پهرئين نماز جو حساب ٿيندو.**

عَنْ اَبِيْ هُرَيْرَةَ ﷺ قَالَ : قَالَ رَسُوْلُ اللهِ ﷺ ((اِنَّ اَوَّلَ مَا يُحَاسَبُ بِهِ الْعَبْدُ يَوْمَ الْقِيَامَةِ مِنْ عَمَلِهِ صَلاَتُهُ فَاِنْ صَلُحَتْ فَقَدْ اَفْلَحَ وَ اَنْجَحَ وَ اِنْ فَسَدَتْ فَقَدْ خَابَ وَ خَسِرَ فَاِنِ انْتَقَصَ مِنْ فَرِيْضَتِهِ شَيْءٌ قَالَ الرَّبُّ تَبَارَكَ وَ تَعَالٰى : اُنْظُرُوْا هَلْ لِعَبْدِيْ مِنْ تَطَوُّعٍ فَيُكَمَّلُ بِهَا مَا انْتَقَصَ مِنَ الْفَرِيْضَةِ ثُمَّ يَكُوْنُ سَائِرُ عَمَلِهِ عَلَى ذٰلِكَ)) رَوَاهُ التِّرْمِذِيُّ(٢) (صحيح)

(١) اللؤلؤ والمرجان ، الجزء الاول ، رقم الحديث ٣٨٣

(٢) صحيح سنن الترمذي ، للالباني ، الجزء الاول ، رقم الحديث ٣٣٧

حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله صلي الله عليه وسلم فرمايو، ”قيامت جي ڏينهن ماڻهو کان جنهن شيءِ جو سڀ کان پهرئين حساب ورتو ويندو، اها هن جي نماز هوندي. اگر نماز درست هوندي (يعني سنت جي مطابق هوندي) ته ماڻهو ڪامياب ۽ ڪامران ٿيندو. اگر نماز خراب هوندي (يعني سنت جي مطابق نه هوندي) ته هو ناڪامياب ۽ نامراد ٿيندو، اگر ماڻهو جي فرض (نماز) ۾ ڪجهه گهٽتائي هوندي ته رب سائين فرمائيندو، ”منهنجي ٻانهي جي نامہ اعمال ۾ ڏسو ڪا نفل عبادت (نماز) آهي؟“ (اگر هوندي) ته نفلن مان فرضن جي گهٽتائي پوري ڪئي ويندي، پوءِ هن جي سڀني عملن جو حساب اهڙي طرح سان ٿيندو.“

(ترمذي)



# مَسَائِلُ الطَّهَارَةِ
# پاڪيزگيءَ (طهارت) جا مسئلا

**مسئلو 20** جماع (صحبت) ڪرڻ ڪانپوءِ غسل ڪرڻ فرض آهي.

عَنْ اَبِيْ هُرَيْرَةَ ﷺ قَالَ : قَالَ رَسُوْلُ اللهِ ﷺ ((اِذَا جَلَسَ بَيْنَ شُعَبِهَا الْاَرْبَعِ ثُمَّ جَهَدَهَا فَقَدْ وَجَبَ الْغُسْلُ)) مُتَّفَقٌ عَلَيْهِ (١)

حضرت ابوهريره ﷺ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو "جڏهن ڪو ماڻهو پنهنجي زال سان جماع ڪري ته ان تي غسل واجب ٿي ٿو."
(بخاري ۽ مسلم)

**مسئلو 21** احتلام ڪانپوءِ غسل ڪرڻ فرض آهي.

**وضاحت:** تفصيل لاءِ ڏسو حديث مسئلو نمبر 50

**مسئلو 22** غسل جنابت جو مسنون طريقو هي آهي.

عَنْ عَائِشَةَ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا قَالَتْ : كَانَ رَسُوْلُ اللهِ ﷺ اِذَا اغْتَسَلَ مِنَ الْجَنَابَةِ يَبْدَأُ وَ يَغْسِلُ يَدَيْهِ ثُمَّ يُفْرِغُ بِيَمِيْنِهِ عَلَى شِمَالِهِ فَيَغْسِلُ فَرْجَهُ ثُمَّ يَتَوَضَّأُ وُضُوْءَ هُ لِلصَّلَاةِ ثُمَّ يَأْخُذُ الْمَاءَ فَيُدْخِلُ اَصَابِعَهُ فِيْ اُصُوْلِ الشَّعْرِ حَتّٰى اِذَا رَاٰى اَنْ قَدِ اسْتَبْرَاَ ثُمَّ حَفَنَ عَلٰى رَأْسِهِ ثَلَاثَ حَفَنَاتٍ ثُمَّ اَفَاضَ عَلٰى سَائِرِ جَسَدِهِ ثُمَّ غَسَلَ رِجْلَيْهِ . مُتَّفَقٌ عَلَيْهِ (٢)

حضرت عائشة رضي الله عنها کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جڏهن غسل جنابت ڪندا هئا ته پهرين پنهنجا ٻئي هٿ ڌوئيندا هئا. پوءِ ساڄي هٿ سان ڏاٻي هٿ تي پاڻي وجهي شرمگاهه ڌوئيندا هئا. پوءِ وضو ڪندا هئا. جيئن نماز لاءِ وضو ڪندا هئا. ان ڪانپوءِ هٿ جي آڱرين سان مٿي جي وارن جي پاڙن ۾ پاڻي ڏيندا هئا. ٽي ٻڪ پاڻي مٿي ۾ وجهندا هئا ۽ پوءِ سڄي بدن تي پاڻي وهائيندا (وجهندا) هئا (آخر ۾ هڪ دفعو) پوءِ ٻئي پير ڌوئيندا هئا. (بخاري ۽ مسلم)

---

(١) اللؤلؤ والمرجان ، الجزء الاول ، رقم الحديث ١٩٩

(٢) صحيح مسلم ، كتاب الحيض ، باب صفة غسل الجنابة

حضرت جابر ؓ کان روايت آهي تہ نبي اڪرم ﷺ جڏهن رفع حاجت جو ارادو ڪندا هئا (تہ شهر کان) ايترو پري نڪري ويندا هئا جيئن ڪوبہ حضور اڪرم ﷺ کي ڏسي نہ سگهي. (ابوداؤد)

## مسئلو 27 پيشاب ڪرڻ وقت پاڪيزگيءَ (طهارت) ۾ غفلت ڪرڻ سبب قبر جو عذاب ٿئي ٿو.

عَنِ ابْنِ عَبَّاسٍ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا قَالَ : قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ ((عَامَّةُ عَذَابِ الْقَبْرِ فِي الْبَوْلِ فَاسْتَنْزِهُوْا مِنَ الْبَوْلِ)) رَوَاهُ الْبَزَّارُ وَالطَّبْرَانِيُّ وَالْحَاكِمُ وَالدَّارَقُطْنِيُّ (١) (صحيح)

حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو، ”قبر ۾ گهڻو ڪري عذاب، پيشاب (جي ڇنڊن) کان پرهيز نہ ڪرڻ جي ڪري ٿيندو آهي تنهن ڪري ان جو احتياط ڪريو.“

(بزار، طبراني، حاڪم ۽ دارقطني)

## مسئلو 28 ساڄي هٿ سان استنجا ڪرڻ منع آهي.

عَنْ اَبِيْ قَتَادَةَ ؓ قَالَ : قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ ((لاَ يَمَسَّنَّ اَحَدُكُمْ ذَكَرَهُ بِيَمِيْنِهِ وَ هُوَ يَبُوْلُ وَ لاَ يَتَمَسَّحْ مِنَ الْخَلاَءِ بِيَمِيْنِهِ وَ لاَ يَتَنَفَّسْ فِي الْاِنَاءِ)) رَوَاهُ مُسْلِمٌ (٢)

حضرت ابو قتاده ؓ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو، ”پيشاب ڪرڻ وقت ڪوئي شخص پيشاب جي جاءِ کي ساڄو هٿ نہ لڳائي ۽ نہ ئي ساڄي هٿ سان استنجا ڪري ۽ نہ ئي (ڪا شيءِ پيئڻ وقت) ٿانوَ ۾ ساهہ کڻي.“ (مسلم)

## مسئلو 29 ڪاڪوس ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ هي دعا پڙهڻ مسنون آهي.

عَنْ اَنَسِ بْنِ مَالِكٍ ؓ قَالَ كَانَ النَّبِيُّ ﷺ اِذَا دَخَلَ الْخَلاَءَ قَالَ ((اَللّٰهُمَّ اِنِّيْ اَعُوْذُبِكَ مِنَ الْخُبُثِ وَالْخَبَائِثِ)) مُتَّفَقٌ عَلَيْهِ (٣)

حضرت انس ؓ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جڏهن ڪاڪوس ۾ گهڙندا هئا تہ چوندا هئا، **”اَللّٰهُمَّ اِنِّيْ اَعُوْذُبِكَ مِنَ الْخُبُثِ وَالْخَبَائِثِ“** (يا الله مان ناپاڪ جنن ۽ جنڙين کان تنهنجي پناهہ گهران ٿو). (بخاري ۽ مسلم)

## مسئلو 30 ڪاڪوس کان ٻاهر اچڻ ڪانپوءِ ”غُفْرَانَكَ“ چوڻ مسنون آهي.

---

(١) صحيح الترغيب والترهيب ، للالباني ، الجزء الاول ، رقم الحديث ١٥٢

(٢) كتاب الطهارة ، باب النهي عن الاستنجاء باليمين

(٣) اللؤلؤ والمرجان ، الجزء الاول ، رقم الحديث ٢١١

عَنْ عَائِشَةَ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا اَنَّ النَّبِيَّ ﷺ كَانَ اِذَا خَرَجَ مِنَ الْغَائِطِ، قَالَ ((غُفْرَانَكَ)) رَوَاهُ اَحْمَدُ وَالتِّرْمِذِيُّ وَابْنُ مَاجَةَ (١) (صحيح)

حضرت عائشہ رضي الله عنها کان روايت آهي تہ نبي اڪرم ﷺ جڏهين ڪاڪوس کان ٻاهر ايندا هئا تہ چوندا هئا "غُفْرَانَكَ" (ياالله مان تنهنجي بخشش گهران ٿو.) (احمد، ترمذي ۽ ابن ماجہ)

**وضاحت:** (1) مسنون: اهو ڪم جنهن کي رسول الله ﷺ پاڻ ڪيو هجي.

(2) مستحب: عبادت ۾ اهو فعل جنهن کي حضور اڪرم ﷺ پسند فرمائي، پاڻ ڪيو هجي يا ان جو ثواب بيان فرمايو هجي.



---

(١) صحيح سنن ابي داؤد، للالباني، الجزء الاول، رقم الحديث ٢٣

# أَلْوَضُوْءُ وَالتَّيَمُّمُ

# وضوءَ ۽ تيمم جا مسئلا

**مسئلو 31** وضو ڪرڻ کان اڳ "بسم الله" پڙهڻ ضروري آهي.

عَنْ اَبِيْ سَعِيْدِ بْنِ زَيْدٍ ﷺ قَالَ : قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ ((لاَ وُضُوْءَ لِمَنْ لَمْ يَذْكُرِ اسْمَ اللّٰهِ عَلَيْهِ)) رَوَاهُ التِّرْمِذِيُّ (١) (حسن)

حضرت سعيد بن زيد ﷺ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو، "جنهن وضوءَ کان پهرين "بسم الله" نه پڙهي ان جو وضو مڪمل نه ٿو ٿئي". (ترمذي)

**مسئلو 32** وضو کان اڳ نيت جا الفاظ "نويت ان توضا" چوڻ سنت کان ثابت نه آهن.

**مسئلو 33** وضو ڪرڻ جو مسنون طريقو.

عَنْ حُمْرَانَ اَنَّ عُثْمَانَ ﷺ دَعَا بِوَضُوْءٍ فَتَوَضَّأَ فَغَسَلَ كَفَّيْهِ ثَلاَثَ مَرَّاتٍ ثُمَّ مَضْمَضَ وَاسْتَنْثَرَ ثُمَّ غَسَلَ وَجْهَهُ ثَلاَثَ مَرَّاتٍ ، ثُمَّ غَسَلَ يَدَهُ الْيُمْنٰى اِلَى الْمِرْفَقِ ثَلاَثَ مَرَّاتٍ ، ثُمَّ غَسَلَ يَدَهُ الْيُسْرٰى مِثْلَ ذٰلِكَ، ثُمَّ مَسَحَ رَأْسَهُ ثُمَّ غَسَلَ رِجْلَهُ الْيُمْنٰى اِلَى الْكَعْبَيْنِ ثَلاَثَ مَرَّاتٍ ، ثُمَّ غَسَلَ رِجْلَهُ الْيُسْرٰى مِثْلَ ذٰلِكَ ثُمَّ قَالَ : رَأَيْتُ رَسُوْلَ اللّٰهِ ﷺ تَوَضَّأَ نَحْوَ وُضُوْئِيْ هٰذَا. رَوَاهُ مُسْلِمٌ (٢)

حضرت حمران ﷺ کان روايت آهي ته حضرت عثمان ﷺ وضوءَ لاءِ پاڻي گهرايو. پهريائين پنهنجون تريون ٽي دفعا ڌوتيون. پوءِ ڪُرلي ڪئي ۽ نڪ کي پاڻي ڏئي چڱيءَ طرح صاف ڪيو. پوءِ پنهنجو مُنهن ٽي دفعا ڌوتو. ان کانپوءِ پنهنجو ساڄو هٿ (ٺانهن سميت) ٺونٺ تائين ٽي دفعا ڌوتو ۽ اهڙي طرح سان کاٻو هٿ (ٺانهن سميت) ٺونٺ تائين ڌوتو. پوءِ مٿي جو مسح ڪيو. مسح کانپوءِ ساڄو پير مري تائين ٽي دفعا ڌوتو ۽ اهڙي طرح سان کاٻو پير مري تائين ٽي دفعا ڌوتو. پوءِ فرمايو ته مون رسول الله ﷺ کي اهڙي طرح سان وضو ڪندي ڏٺو هو. (مسلم)

---

(١) صحيح سنن الترمذي، للالباني، الجزء الاول، رقم الحديث ٢٤

(٢) كتاب الطهارة، باب صفة الوضوء

**مسئلو 34** وضوءَ جي عضون کي هڪ دفعو يا ٻه دفعو يا ٽي دفعا ڌوئڻ جائز آهي، ان کان وڌيڪ ڌوئڻ منع آهي.

عَنِ ابْنِ عَبَّاسٍ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا قَالَ : تَوَضَّأَ النَّبِيُّ ﷺ مَرَّةً مَرَّةً . رَوَاهُ اَحْمَدُ وَ الْبُخَارِيُّ وَ مُسْلِمٌ وَ اَبُوْدَاوُدَ وَالنَّسَائِيُّ وَالتِّرْمِذِيُّ وَابْنُ مَاجَةَ (١)

حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي ته نبي اڪرم ﷺ وضوءَ لاءِ هڪ هڪ دفعو (وضوءَ جي) عضون کي ڌوتو.
(احمد، بخاري، مسلم، ابوداؤد، نسائي، ترمذي ۽ ابن ماجه)

عَنْ عَبْدِاللّٰهِ بْنِ زَيْدٍ ﷺ اَنَّ النَّبِيَّ ﷺ تَوَضَّأَ مَرَّتَيْنِ مَرَّتَيْنِ. رَوَاهُ اَحْمَدُ وَالْبُخَارِيُّ(٢)

حضرت عبدالله بن زيد ﷺ کان روايت آهي ته نبي اڪرم ﷺ وضو ڪيو ۽ ٻه ٻه دفعا عضون کي ڌوتو. (احمد ۽ بخاري)

عَنْ عَمْرِو بْنِ شُعَيْبٍ عَنْ اَبِيْهِ عَنْ جَدِّهِ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمْ قَالَ : جَاءَ اَعْرَابِيٌّ اِلٰى رَسُوْلِ اللّٰهِ ﷺ يَسْأَلُهُ عَنِ الْوُضُوْءِ فَاَرَاهُ ثَلاَثًا وَ قَالَ ((هٰذَا الْوُضُوْءُ ، فَمَنْ زَادَ عَلٰى هٰذَا فَقَدْ اَسَاءَ وَتَعَدّٰى وَ ظَلَمَ )) رَوَاهُ اَحْمَدُ وَالنَّسَائِيُّ وَابْنُ مَاجَةَ (٣) (حسن)

حضرت عمرو پنهنجي پيءُ شعيب کان ۽ شعيب پنهنجي ڏاڏي (عبدالله بن عمرو بن عاص ﷺ) کان روايت ڪئي ته هڪ ڳوٺاڻي رسول الله ﷺ کان وضوءَ جو طريقو پڇيو ته نبي اڪرم ﷺ ان کي ٽي ٽي دفعا وضوءَ جا عضوا ڌوئي ڏيکاريا ۽ فرمايو، "وضوءَ جو طريقو اهو آهي، جنهن ان کان وڌيڪ دفعا ڌوتو، ان حد اورانگهي ۽ ظلم ڪيو." (احمد، نسائي ۽ ابن ماجه)

**مسئلو 35** روزو نه هجي ته وضو ڪرڻ وقت نڪ ۾ پاڻي چڱي طرح وجهڻ گهرجي.

**مسئلو 36** هٿن پيرن جي آڱرين ۽ ڏاڙهيءَ جو خلال ڪرڻ مسنون آهي.

---

(١) صحيح بخاري، كتاب الوضوء، باب الوضوء مرة مرة
(٢) صحيح بخاري، كتاب الوضوء، باب الوضوء مرتين مرتين
(٣) صحيح ابن ماجة، للالباني، الجزء الاول، رقم الحديث ٣٣٩

بِالسِّوَاكِ مَعَ كُلِّ وُضُوْءٍ)) رَوَاهُ مَالِكٌ وَاَحْمَدُ وَالنَّسَائِيُّ(١) (صحيح)

حضرت ابوهريره ﷺ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو. "اگر مون کي امت جي تڪليف جو خيال نه هجي ها ته مان هر نماز سان گڏ ڏندڻ ڪرڻ جو حڪم ڏيان ها." (مالڪ، احمد ۽ نسائي)

**مسئلو 45** وضو ڪري پاتل بوٽ ۽ جورابن تي مسح ڪري سگهجي ٿو.

**مسئلو 46** مدت مسح مقيم لاءِ هڪ ڏينهن ۽ هڪ رات ۽ مسافر لاءِ ٽي ڏينهن ۽ ٽي راتيون آهن.

**مسئلو 47** جنابت مدت مسح ختم ڪري ڇڏي ٿي.

عَنِ الْمُغِيْرَةِ ابْنِ شُعْبَةَ ﷺ قَالَ : تَوَضَّأَ النَّبِيُّ ﷺ وَ مَسَحَ عَلَى الْجَوْرَبَيْنِ وَالنَّعْلَيْنِ. رَوَاهُ اَحْمَدُ وَالتِّرْمِذِيُّ وَ اَبُوْدَاؤُدَ وَابْنُ مَاجَةَ (٢) (صحيح)

حضرت مغيره بن شعبه ﷺ کان روايت آهي ته نبي اڪرم ﷺ وضو ڪرڻ وقت جورابن ۽ بوٽن تي مسح ڪيو. (احمد، ترمذي، ابوداؤد ۽ ابن ماجه)

**وضاحت:** وضو ڪرڻ کان پوءِ پاتل جورابن ۽ بوٽن تي ٻيهر وضو ڪرڻ وقت مسح ڪرڻ جائز آهي. ان کي نماز پڙهڻ کان اڳ نه لاٿو وڃي. لاهڻ سان وضو ختم ٿي ويندو.

عَنْ صَفْوَانَ بْنِ عَسَّالٍ ﷺ قَالَ : كَانَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ يَاْمُرُنَا اِذَا كُنَّا سَفَرًا اَنْ لَا نَنْزِعَ خِفَافَنَا ثَلَاثَةَ اَيَّامٍ وَ لَيَالِيْهِنَّ اِلَّا مِنْ جَنَابَةٍ وَ لٰكِنْ مِنْ غَائِطٍ وَ بَوْلٍ وَنَوْمٍ . رَوَاهُ التِّرْمِذِيُّ وَالنَّسَائِيُّ (٣) (صحيح)

حضرت صفوان بن عسال کان روايت آهي ته جڏهن اسين سفر ۾ هوندا هئاسون ته رسول الله ﷺ اسان کي ٽي ڏينهن ۽ ٽي راتيون جورابن کي پائي رکڻ جو حڪم ڏيندا هئا. چاهي پيشاب ۽ ڪاڪوس جي حاجت هجي يا ننڊ اچي، مگر جنابت جي سببان جورابن کي لاهڻ جو حڪم ڏيندا هئا. (ترمذي ۽ نسائي)

عَنْ عَلِيِّ بْنِ اَبِيْ طَالِبٍ ﷺ قَالَ جَعَلَ النَّبِيُّ ﷺ ثَلَاثَةَ اَيَّامٍ وَ لَيَالِيْهِنَّ لِلْمُسَافِرِ وَ

---

(١) صحيح سنن النسائي، للالباني ، الجزء الاول ، رقم الحديث ٧
(٢) صحيح سنن النسائي، للالباني ، الجزء الاول ، رقم الحديث ١٢١
(٣) صحيح سنن الترمذي، للالباني ، الجزء الاول ، رقم الحديث ٨٣

يَوْمًا وَ لَيْلَةً لِلْمُقِيْمِ يَعْنِيْ فِي الْمَسْحِ عَلَى الْخُفَّيْنِ. رَوَاهُ مُسْلِمٌ(١)

حضرت علي ابن ابي طالب ﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ مسافر لاءِ ٽي ڏينهن ۽ ٽي راتيون ۽ مقيم لاءِ هڪ ڏينهن ۽ هڪ رات جورابن تي مسح ڪرڻ جي مدت مقرر فرمائي. (مسلم)

**مسئلو 48** هڪ وضوءَ ۾ ڪيترين ئي نمازون پڙهي سگهجن ٿيون.

عَنْ بُرَيْدَةَ ﷺ اَنَّ النَّبِيَّ ﷺ صَلَّى الصَّلَوَاتِ يَوْمَ الْفَتْحِ بِوُضُوْءٍ وَاحِدٍ. رَوَاهُ مُسْلِمٌ(٢)

حضرت بريده ﷺ کان روايت آهي تہ فتح مڪ جي ڏينهن تي رسول الله ﷺ هڪ وضوءَ سان ڪيترين ئي نمازون پڙهيون. (يعني هر نماز لاءِ نئون وضو نہ ڪيائون). (مسلم)

**مسئلو 49** پاڻي نہ ملڻ جي صورت ۾ پاڪ مٽيءَ سان تيمم ڪرڻ جائز آهي.

**مسئلو 50** وضو يا غسل لاءِ يا وضو ۽ غسل ٻنهي لاءِ هڪ ئي تيمم صحيح آهي.

**مسئلو 51** احتلام کان پوءِ غسل ڪرڻ فرض آهي.

**مسئلو 52** تيمم جو مسنون طريقو هي آهي.

عَنْ عَمَّارِ بْنِ يَاسِرٍ ﷺ قَالَ بَعَثَنِي النَّبِيُّ ﷺ فِيْ حَاجَةٍ فَاَجْنَبْتُ فَلَمْ اَجِدِ الْمَاءَ فَتَمَرَّغْتُ فِي الصَّعِيْدِ كَمَا تَتَمَرَّغُ الدَّابَّةُ ، ثُمَّ اَتَيْتُ النَّبِيَّ ﷺ فَذَكَرْتُ لَهُ ذٰلِكَ فَقَالَ ((اِنَّمَا كَانَ يَكْفِيْكَ اَنْ تَقُوْلَ بِيَدِكَ هٰكَذَا)) ثُمَّ ضَرَبَ بِيَدِهِ الْاَرْضَ ضَرْبَةً وَاحِدَةً ثُمَّ مَسَحَ الشِّمَالَ عَلَى الْيَمِيْنِ وَ ظَاهِرَ كَفَّيْهِ وَ وَجْهَهُ. مُتَّفَقٌ عَلَيْهِ وَ اللَّفْظُ لِمُسْلِمٍ (٣)

حضرت عمار بن ياسر ﷺ کان روايت آهي تہ مون کي نبي اڪرم ﷺ هڪ ڪم سان موڪليو. مون کي (رات جو) احتلام ٿيو (تہ پوءِ) ۽ پاڻي نہ مليو،

(١) ڪتاب الطهارة، باب التوقيت في المسح على الخفين
(٢) ڪتاب الطهارة، باب جواز الصلاة ڪلها بوضوء واحد
(٣) ڪتاب الحيض، باب التيمم

حضرت ڪعب بن عجره ﷺ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو، "جڏهن توهان مان ڪو وضو ڪري مسجد ڏانهن وڃي ته رستي ۾ آڱرين ۾ آڱريون وجهي نه هلي ڇو جو وضوءَ ڪانپوءِ ماڻهو نماز جي حالت ۾ هوندو آهي".
(احمد، ابو دائود، ترمذي، نسائي ۽ دارمي)

**مسئلو 56** ننڊ ڏيڻ کانسواءِ ننڊ يا جهوٽو اچي وڃي ته وضو يا تيمم نه ٽٽندو.

عَنْ اَنَسِ بْنِ مَالِكٍ ﷺ قَالَ : كَانَ اَصْحَابُ رَسُوْلِ اللّٰهِ ﷺ يَنْتَظِرُوْنَ الْعِشَاءَ الْاٰخِرَةَ حَتّٰى تَخْفِقَ رُؤُوْسُهُمْ ثُمَّ يُصَلُّوْنَ وَ لاَ يَتَوَضَّؤُوْنَ . رَوَاهُ اَبُوْدَاوُدَ(١)

حضرت انس بن مالڪ ﷺ کان روايت آهي نبي اڪرم ﷺ جي زماني ۾ صحابه ڪرام ﷺ سومهڻي (عشاء) نماز جو انتظار ڪندا هئا، ايستائين جو انهن جا مٿا(ڪنڌ) ننڊ جي ڪري جهڪي ويندا هئا (جهوٽا کائيندا هئا) پوءِ هو (ٻيهر وري) وضو کانسواءِ نماز پڙهندا هئا. (ابوداؤد)

**مسئلو 57** مذي نڪرڻ سان وضو ٽٽي ٽو.

**وضاحت** تفصيل لاءِ ڏسو حديث مسئلو نمبر 23

**مسئلو 58** هوا خارج ٿيڻ سان وضو ٽٽي ٿو.

عَنْ اَبِيْ هُرَيْرَةَ ﷺ اَنَّ رَسُوْلَ اللّٰهِ ﷺ قَالَ (( لاَ وُضُوْءَ اِلَّا مِنْ صَوْتٍ اَوْ رِيْحٍ)) رَوَاهُ التِّرْمِذِيُّ(٢) (صحيح)

حضرت ابوهريره ﷺ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو، "جيسين تائين آواز نه اچي يا هوا خارج نه ٿئي ان وقت تائين (وري) وضو ڪرڻ واجب نه آهي". (ترمذي)

**مسئلو 59** ڪپڙي جي اوٽ کانسواءِ شرم گاهه کي هٿ لڳائڻ سان وضو ختم ٿي ويندو.

عَنْ اَبِيْ هُرَيْرَةَ ﷺ اَنَّ النَّبِيَّ ﷺ قَالَ ((مَنْ اَفْضٰى بِيَدِهٖ اِلٰى ذَكَرِهٖ لَيْسَ دُوْنَهٗ سِتْرٌ فَقَدْ وَجَبَ عَلَيْهِ الْوُضُوْءُ)) رَوَاهُ اَحْمَدُ(٣) (صحيح)

---

(١) صحيح سنن ابي داؤد للالباني الجزء الاول ، رقم الحديث ١٨٣

(٢) صحيح سنن الترمذي، للالباني ، الجزء الاول ، رقم الحديث ٦٤

(٣) نيل الاوطار ، الجزء الاول ، رقم الحديث ٢٥٥

عَنْ عَائِشَةَ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا قَالَتْ : قَالَ النَّبِيُّ ﷺ ((إِذَا أَحْدَثَ أَحَدُكُمْ فِي صَلَاتِهِ فَلْيَأْخُذْ بِأَنْفِهِ ثُمَّ لِيَنْصَرِفْ)) رَوَاهُ أَبُوْدَاوُدَ(١) (صحيح)

حضرت عائشة رضي الله عنها کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو "جڏهن نماز پڙهندي توهان مان ڪنهن جو وضو ٽٽي پئي تہ هو پنهنجي نڪ تي هٿ رکي (صف مان ٻاهر نڪري وڃي) ۽ وضو ڪري اچي." (ابوداؤد)

**وضاحت** جن شين سان وضو ٽٽي ٿو انهن شين سان تيمم بہ ٽٽي ٿو.

**مسئلو 63** وضو ڪرڻ کانپوءِ ٻہ رڪعتون نماز نفل ادا ڪرڻ مستحب آهي.

**مسئلو 64** تحيۃ الوضو نفل ادا ڪرڻ جنت ۾ وڃڻ وارو عمل آهي.

تفصيل لاءِ ڏسو حديث مسئلو نمبر 502



(١) صحيح سنن ابي داؤد ، للالباني ، الجزء الاول ، رقم الحديث ٩٨٥

# مَسَاجِدُ وَمَوْضِعُ الصَّلاَةِ
# مسجدن ۽ نماز پڙهڻ جي جڳهين جا مسئلا

**مسئلو 70** مسجد ٺاهڻ وارن لاءِ الله تعاليٰ جنت ۾ گهر ٺاهي ٿو.

عَنْ عُثْمَانَ ﷺ قَالَ : قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ ((مَنْ بَنٰى مَسْجِدًا يَبْتَغِي بِهٖ وَجْهَ اللّٰهِ بَنَى اللّٰهُ لَهُ مِثْلَهُ فِي الْجَنَّةِ)) مُتَّفَقٌ عَلَيْهِ (١)

حضرت عثمان ﷺ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو، "جنهن الله تعاليٰ لاءِ مسجد ٺاهي، الله تعاليٰ ان لاءِ جنت ۾ اهڙو ئي گهر ٺاهيندو."

(بخاري ۽ مسلم)

**مسئلو 71** حضور اڪرم ﷺ مسجدون ٺاهڻ، انهن کي صاف ۽ خوشبودار رکڻ جو حڪم ڏنو آهي.

عَنْ عَائِشَةَ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا قَالَتْ : اَمَرَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ بِبِنَاءِ الْمَسَاجِدِ فِي الدُّوْرِ وَ اَنْ تُنَظَّفَ وَ تُطَيَّبَ . رَوَاهُ اَحْمَدُ وَالْبُخَارِيُّ وَ مُسْلِمٌ وَ اَبُوْدَاؤُدَ(٢) (صحيح)

حضرت عائشة رضي الله عنها کان روايت آهي ته، "رسول الله ﷺ پاڙن ۾ مسجدون ٺاهڻ ۽ انهن کي پاڪ صاف رکڻ ۽ خوشبودار رکڻ جو حڪم ڏنو آهي".

(احمد، بخاري، مسلم ۽ ابوداؤد)

**مسئلو 72** مسجدن ۾ گل بوٽا ۽ چٽسالي (نقش و نگار) ٺاهڻ ناپسنديده آهي.

عَنِ ابْنِ عَبَّاسٍ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا قَالَ : قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ (( مَا اُمِرْتُ بِتَشْيِيْدِ الْمَسَاجِدِ)) رَوَاهُ اَبُوْدَاؤُدَ (٣) (صحيح)

حضرت عبد الله بن عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ

---

(١) اللؤلؤ والمرجان ، الجزء الاول ، رقم الحديث ٣٠٩

(٢) صحيح سنن ابي داؤد، للالباني، الجزء الاول ، رقم الحديث ٤٣٦

(٣) صحيح سنن ابي داؤد، للالباني، الجزء الاول ، رقم الحديث ٤٣٦

حضرت جابر بن عبدالله رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو، "منهنجي لاءِ سڄي زمين ۽ مٽيءَ کي پاڪ ڪرڻ وارو ٺاهيو ويو آهي، تنهن ڪري منهنجي امت جي ماڻهن کي جتي به نماز جو وقت ٿئي ته اتي (نماز) ادا ڪريو."
(بخاري ۽ مسلم)

**وضاحت** شرعي عذر مثلاً سفر يا بيماري وغيره جي ڪري جتي نماز جو وقت اچي وڃي ادا ڪجي، ليڪن شرعي عذر نه هجي ته مسجد ۾ وڃي باجماعت نماز ادا ڪرڻ واجب آهي. تفصيل لاءِ ڏسو حديث، مسئلو نمبر 139.

**مسئلو 80 مسجد نبوي ﷺ ۾ نماز جو ثواب مسجد حرام (ڪعبة الله) کانسواءِ باقي سڀني مسجدن جي مقابلي ۾ هزار درجا وڌيڪ آهي.**

عَنْ اَبِيْ هُرَيْرَةَ رضي الله عنه قَالَ : قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ (( صَلاَةٌ فِيْ مَسْجِدِيْ هٰذَا خَيْرٌ مِنْ اَلْفِ صَلاَةٍ فِيْمَا سِوَاهُ اِلاَّ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ )) مُتَّفَقٌ عَلَيْهِ (١)

حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو، "منهنجي مسجد (مسجد نبوي) ۾ نماز جو ثواب مسجد حرام کانسواءِ باقي سڀني مسجدن جي مقابلي ۾ هزار دفعا وڌيڪ آهي." (بخاري ۽ مسلم)

**مسئلو 81 مسجد حرام، مسجد الاقصيٰ ۽ مسجد نبوي ﷺ ۾ نماز پڙهڻ جو ثواب باقي سڀني مسجدن جي مقابلي ۾ وڌيڪ آهي.**

**مسئلو 82 زيارت ڪرڻ يا نماز جو وڌيڪ ثواب حاصل ڪرڻ جي نيت سان مسجد الحرام، مسجد الاقصيٰ ۽ مسجد نبوي ﷺ کانسواءِ ڪنهن ٻئي جاءِ جو سفر ڪرڻ جائز نه آهي.**

عَنْ اَبِيْ سَعِيْدِ نِ الْخُدْرِيِّ رضي الله عنه قَالَ : قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ (( لاَ تَشُدُّوا الرِّحَالَ اِلاَّ اِلٰى ثَلاَثَةِ مَسَاجِدَ مَسْجِدِ الْحَرَامِ وَ مَسْجِدِ الْاَقْصٰى وَ مَسْجِدِيْ هٰذَا )) مُتَّفَقٌ عَلَيْهِ (٢)

حضرت ابو سعيد خدري رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو، "ٽن مسجدن يعني مسجد الحرام، مسجد الاقصيٰ ۽ مسجد نبوي ﷺ کان سواءِ ڪنهن

---

(١) اللؤلؤ والمرجان ، الجزء الاول ، رقم الحديث ٨٨١

(٢) اللؤلؤ والمرجان ، الجزء الاول ، رقم الحديث ٨٨٢

ٻئي ڄڳهه جو (ثواب جي نيت سان) سفر اختيار نہ ڪريو“. (بخاري ۽ مسلم)

**وضاحت** مديني منوره جو سفر مسجد نبوي ﷺ جي زيارت ڪرڻ جي ارادي سان اختيار ڪجي. مديني منوره پهچي زيارت روضہ رسول الله ﷺ جي نيت ڪرڻ جائز آهي.

## مسئلو 83 مسجد قباء ۾ نماز پڙهڻ جو ثواب عمره جي برابر آهي.

عَنْ أُسَيْدِ بْنِ ظُهَيْرٍ الْأَنْصَارِيِّ رضي الله عنه عَنِ النَّبِيِّ ﷺ أَنَّهُ قَالَ (( صَلَاةٌ فِيْ مَسْجِدِ قُبَاءَ كَعُمْرَةٍ)) رَوَاهُ ابْنُ مَاجَةَ (١) (صحيح)

حضرت اسيد بن ظهير انصاري رضي الله عنه کان روايت آهي تہ نبي اڪرم ﷺ فرمايو، ”مسجد قباء ۾ نماز پڙهڻ جو ثواب عمره جي برابر آهي“. (ابن ماجہ)

## مسئلو 84 حمام (وهنجڻ جي جاءِ) ۽ قبرستان ۾ نماز پڙهڻ جي منع آهي.

عَنْ أَبِيْ سَعِيْدٍ رضي الله عنه قَالَ : قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ ((اَلْأَرْضُ كُلُّهَا مَسْجِدٌ إِلَّا الْمَقْبَرَةَ وَالْحَمَّامَ)) رَوَاهُ أَحْمَدُ وَأَبُوْدَاوُدَ وَالتِّرْمِذِيُّ وَالدَّارِمِيُّ (٢) (صحيح)

حضرت ابو سعيد رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو، ”قبرستان ۽ حمام (وهنجڻ جي جاءِ) کانسواءِ سڄي زمين مسجد (يعني سجدي جي لائق) آهي“.
(احمد ، ابوداؤد، ترمذي ۽ دارمي)

## مسئلو 85 اٺن جي وٿاڻ ۾ نماز پڙهڻ جي منع آهي.

عَنْ أَبِيْ هُرَيْرَةَ رضي الله عنه قَالَ : قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ ((صَلُّوْا فِيْ مَرَابِضِ الْغَنَمِ وَلَا تُصَلُّوْا فِيْ أَعْطَانِ الْإِبِلِ)) رَوَاهُ التِّرْمِذِيُّ (٣) (صحيح)

حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو، ”ٻڪرين جي واڙي (وٿاڻ) ۾ نماز پڙهو ليڪن اٺن جي وٿاڻ ۾ نہ پڙهو“. (ترمذي)

## مسئلو 86 قبرستان ۾ نماز پڙهڻ جي منع آهي.

## مسئلو 87 قبر ڏانهن منهن ڪري نماز پڙهڻ جي منع آهي.

---

(١) صحيح سنن ابن ماجه ، للالباني ، الجزء الاول ، رقم الحديث ١١٥٩
(٢) صحيح سنن ابي داؤد، للالباني ، الجزء الاول ، رقم الحديث ٤٦٣
(٣) صحيح سنن الترمذي ، للالباني ، الجزء الاول ، رقم الحديث ٢٢٨

## مسئلو 88 قبر تي مسجد تعمير ڪرڻ جي منع آهي.

## مسئلو 89 مسجد ۾ قبر ٺاهڻ جي منع آهي.

عَنْ عَائِشَةَ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا اَنَّ رَسُوْلَ اللّٰهِ ﷺ قَالَ فِيْ مَرَضِهِ الَّذِيْ مَاتَ فِيْهِ ((لَعَنَ اللّٰهُ الْيَهُوْدَ وَالنَّصَارٰى اِتَّخَذُوْا قُبُوْرَ اَنْبِيَائِهِمْ مَسَاجِدَ)) مُتَّفَقٌ عَلَيْهِ (١)

حضرت عائشه رضي الله عنها کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ انهيءَ بيماري جي دوران جنهن مان ڇاڪ نه ٿي سگهيا (مرض الموت) ۾ فرمايو "يهودين ۽ نصرانين تي الله تعاليٰ جي لعنت هجي، جو انهن پنهنجن نبين جي قبرن کي مسجدون (سجدي گاهه) ٺاهيو". (بخاري ۽ مسلم)

عَنْ اَبِيْ مَرْثَدٍ الْغَنَوِيِّ رضي الله عنه قَالَ : قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ ((لَا تَجْلِسُوْا عَلَى الْقُبُوْرِ وَلَا تُصَلُّوْا اِلَيْهَا)) رَوَاهُ مُسْلِمٌ (٢)

حضرت ابو مرثد غنوي رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو "قبرن ڏانهن (منهن ڪري) نماز نه پڙهو ۽ نه ئي قبرن تي (مجاور ٿي) ويهو".

## مسئلو 90 مسجد ۾ داخل ٿيڻ ۽ نڪرڻ جي مسنون دعا هي آهي.

عَنْ اَبِيْ حُمَيْدٍ اَوْ اَبِيْ اُسَيْدٍ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا قَالَ : قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ ((اِذَا دَخَلَ اَحَدُكُمُ الْمَسْجِدَ فَلْيَقُلْ ((اَللّٰهُمَّ افْتَحْ لِيْ اَبْوَابَ رَحْمَتِكَ)) وَاِذَا خَرَجَ فَلْيَقُلْ ((اَللّٰهُمَّ اِنِّيْ اَسْئَلُكَ مِنْ فَضْلِكَ)) رَوَاهُ مُسْلِمٌ (٣)

حضرت ابو حميد يا ابو اسيد رضي الله عنهما کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو، ته جڏهن توهان مان ڪو مسجد ۾ داخل ٿئي ته هي دعا گهري، "يا الله ! منهنجي لاءِ پنهنجي رحمت جا دروازا کول" ۽ جڏهن مسجد کان ٻاهر نڪري ته هي دعا گهري، "يا الله! مان توکان تنهنجي فضل جو طالب آهيان." (مسلم)

---

(١) اللؤلؤ والمرجان، الجزء الاول، رقم الحديث ٣٠٦

(٢) مختصر صحيح مسلم، للالباني، رقم الحديث ٤٩٩

(٣) مختصر صحيح مسلم، للالباني، رقم الحديث ٢٤٧

# مَوَاقِيْتُ الصَّلاَةِ

# نماز جي وقت (ٽائيم) جا مسئلا

**مسئلو 91** فرض نمازون مقرر وقت تي پڙهڻ ضروري آهن.

عَنْ عَبْدِاللّٰهِ بْنِ مَسْعُوْدٍ رضي الله عنه اَنَّ النَّبِيَّ ﷺ مَرَّ عَلٰى اَصْحَابِهٖ يَوْمًا فَقَالَ لَهُمْ ((هَلْ تَدْرُوْنَ مَا يَقُوْلُ رَبُّكُمْ تَبَارَكَ وَ تَعَالٰى ؟)) قَالَ : اَللّٰهُ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَمُ [قَالَهَا ثَلاَ ثًا] قَالَ (( وَ عِزَّتِيْ وَ جَلاَلِيْ لاَ يُصَلِّيْهَا اَحَدُكُمْ لِوَقْتِهَا اِلاَّ اَدْخَلْتُهُ الْجَنَّةَ وَ مَنْ صَلاَّهَا بِغَيْرِ وَقْتِهَا اِنْ شِئْتُ رَحِمْتُهٗ وَ اِنْ شِئْتُ عَذَّبْتُهٗ )) رَوَاهُ الطَّبْرَانِيُّ (١) (حسن)

حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنه کان روايت آهي ته نبي اڪرم ﷺ هڪ ڏينهن پنهنجي صحابه ڪرام رضي الله عنهم وٽان گذريا ته پڇيو، ”ڇا توهان کي خبر آهي ته توهان جي رب ڇا چيو آهي؟“ صحابه ڪرام رضي الله عنهم ٽي دفعا عرض ڪيو، ”الله ۽ ان جو رسول بهتر ڄاڻن ٿا“. حضور اڪرم ﷺ فرمايو، ”الله تعاليٰ فرمائي ٿو منهنجي عزت ۽ جلال جو قسم جيڪو شخص وقت تي نماز ادا ڪندو مان ان کي جنت ۾ داخل ڪندس ۽ جنهن بي وقت (يعني دير سان) نماز پڙهي، ان کي چاهيان ته پنهنجي رحمت سان معاف ڪريان چاهيان ته عذاب ڏيان“. (طبراني)

**مسئلو 92** نماز ظهر (اڳين - ٻپهري) جو اول وقت جڏهن سج لڙي ۽ آخر وقت جڏهن هر شيء جو پاڇو ان جي برابر ٿي وڃي.

**مسئلو 93** نماز عصر (وچين - ٽيپهري) جو اول وقت جڏهن هر شيء جو پاڇو ان جي برابر هجي ۽ آخر وقت جڏهن هر شيء جو پاڇو ان جي ٻيڻ جي برابر ٿي وڃي.

**مسئلو 94** نماز مغرب (سانجهيءَ) جو اول ۽ آخر وقت روزو افطار ڪرڻ جو وقت آهي.

**مسئلو 95** نماز عشاء (سومهڻي) جو اول وقت جڏهن آسمان تان ڳاڙهاڻ

---

(١) صحيح الترغيب والترهيب ، للالباني ، الجزء الاول ، رقم الحديث ٣٩٨

کان تقريبن چاليهه منٽ پوءِ ٿائين) عشاء نماز جو آخري وقت اڌ رات تائين ۽ فجر نماز جو آخري وقت سج اڀرڻ تائين آهي.

**مسئلو 97 رسول الله ﷺ سڀ نمازون اول وقت ۾ ادا ڪندا هئا.**

عَنْ عَلِيٍّ ؓ قَالَ سَأَلْنَا جَابِرَ بْنَ عَبْدِاللهِ رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا عَنْ صَلاَةِ النَّبِيِّ ﷺ فَقَالَ : كَانَ يُصَلِّي الظُّهْرَ بِالْهَاجِرَةِ وَالْعَصْرَ وَالشَّمْسُ نَقِيَّةٌ وَالْمَغْرِبَ إِذَا وَجَبَتْ وَ الْعِشَاءَ أَحْيَانًا وَ أَحْيَانًا إِذَا رَآهُمْ اجْتَمَعُوْا عَجَّلَ وَ إِذَا رَآهُمْ أَبْطَؤُا أَخَّرَ ، وَالصُّبْحَ كَانَ النَّبِيُّ ﷺ يُصَلِّيهَا بِغَلَسٍ . مُتَّفَقٌ عَلَيْهِ (١)

حضرت علي ؓ کان روايت آهي تہ اسان جابر بن عبدالله رضي الله عنهما کان رسول الله ﷺ جي نمازن جي باري ۾ معلوم ڪيو تہ هن ٻڌايو، "رسول الله ﷺ ظهر جي نماز سج لڙڻ سان ئي پڙهندا هئا. عصر جي نماز جڏهن سج صاف ۽ روشن هوندو هو (يعني ان ۾ پيلاڻ نہ ايندي هئي) مغرب جي نماز جڏهن سج لهي ويندو هو ۽ عشاء جي نماز ڪڏهن جلدي ۽ ڪڏهن دير سان پڙهندا هئا. جڏهن ڏسندا تہ ماڻهو وڏيڪ جمع ٿي ويا آهن جلدي پڙهندا هئا. جڏهن ڏسندا تہ (ماڻهو) گهٽ آهن تہ دير سان پڙهندا هئا ۽ فجر جي نماز اونداهيءَ ۾ پڙهندا هئا." (بخاري ۽ مسلم)

**مسئلو 98 سڀ نمازون اول وقت ۾ پڙهڻ افضل آهن. ليڪن عشاء جي نماز دير سان پڙهڻ افضل آهي.**

عَنْ أُمِّ فَرْوَةَ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا قَالَتْ : قَالَ رَسُوْلُ اللهِ ﷺ ((أَفْضَلُ الْأَعْمَالِ الصَّلاَةُ فِيْ أَوَّلِ وَقْتِهَا)) رَوَاهُ أَبُوْدَاوُدَ وَالْحَاكِمُ (٢) (صحيح)

حضرت ام فروه رضي الله عنها کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو، "بهترين عمل نماز کي اول وقت ۾ ادا ڪرڻ آهي." (ابوداؤد ۽ حاڪم)

عَنْ عَائِشَةَ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا قَالَتْ : أَعْتَمَ النَّبِيُّ ﷺ ذَاتَ لَيْلَةٍ بِالْعِشَاءِ حَتّٰى ذَهَبَ عَامَّةُ اللَّيْلِ وَ حَتّٰى نَامَ أَهْلُ الْمَسْجِدِ ثُمَّ خَرَجَ فَصَلّٰى وَقَالَ ((إِنَّهُ لَوَقْتُهَا لَوْ لاَ أَنْ أَشُقَّ عَلٰى أُمَّتِيْ)) رَوَاهُ مُسْلِمٌ (٣)

---

(١) اللؤلؤ والمرجان ، الجزء الاول ، رقم الحديث ٣٧٨

(٢) صحيح سنن ابي داؤد، للالباني ، الجزء الاول ، رقم الحديث ٤١١

(٣) مختصر صحيح مسلم ، للالباني ، رقم الحديث ٢٢٤

ٻه دفعا، اَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا رَسُوْلُ اللّٰهِ ٻه دفعا، حَيَّ عَلَى الصَّلَاةِ ٻه دفعا، حَيَّ عَلَى الْفَلَاحِ ٻه دفعا، اَللّٰهُ اَكْبَرُ ٻه دفعا لَآ اِلٰـهَ اِلاَّ اللّٰه هڪ دفعو. (ابو دائود)

**وضاحت** مٿيان ڪلما ٻيڻي اذان جا آهن، جيڪي 19 ٿين ٿا. هيڪوٽي اذان ۾ اَشْهَدُ اَنْ لَآ اِلٰـهَ اِلَّا اللّٰهُ ۽ اَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا رَسُوْلُ اللّٰهِ کي وري نہ چئبو تنهن ڪري هيڪوٽي اذان ۾ 15 ڪلما ٿين ٿا.

عَنْ اَبِيْ مَحْذُوْرَةَ رضي الله عنه اَنَّ النَّبِيَّ ﷺ عَلَّمَهُ الْاَذَانَ تِسْعَ عَشْرَةَ كَلِمَةً وَالْاِقَامَةَ سَبْعَ عَشْرَةَ كَلِمَةً . رَوَاهُ اَحْمَدُ وَالتِّرْمِذِيُّ وَاَبُوْدَاوُدَ وَالنَّسَائِيُّ وَالدَّارِمِيُّ وَابْنُ مَاجَةَ(١) (صحيح)

حضرت ابو محذوره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ مون کي اذان سيکاري جنهن ۾ 19 ڪلما هئا ۽ اقامت سيکاري جنهن ۾ 17 ڪلما هئا.

(احمد، ترمذي، ابودائود، نسائي، دارمي ۽ ابن ماجہ)

**وضاحت** ٻيڻي اذان سان گڏ حضور اڪرم ﷺ ٻيڻي اقامت سيکاري جنهن ۾ 17 ڪلما آهن، اهي هي آهن.

اَللّٰهُ اَكْبَرُ چار دفعا، اَشْهَدُ اَنْ لَآ اِلٰـهَ اِلَّا اللّٰهُ ٻه دفعا، اَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا رَسُوْلُ اللّٰهِ ٻه دفعا حَيَّ عَلَى الصَّلَاةِ ٻه دفعا، حَيَّ عَلَى الْفَلَاحِ ٻه دفعا، قَدْ قَامَتِ الصَّلَاةُ ٻه دفعا اَللّٰهُ اَكْبَرُ ٻه دفعا، لَآ اِلٰـهَ اِلاَّ اللّٰه هڪ دفعو.

عَنِ ابْنِ عُمَرَ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا قَالَ : كَانَ الْاَذَانُ عَلٰى عَهْدِ رَسُوْلِ اللّٰهِ ﷺ مَرَّتَيْنِ مَرَّتَيْنِ وَالْاِقَامَةُ مَرَّةً مَرَّةً غَيْرَ اَنَّهُ كَانَ يَقُوْلُ قَدْ قَامَتِ الصَّلَاةُ ، قَدْ قَامَتِ الصَّلَاةُ . رَوَاهُ اَبُوْدَاوُدَ وَالنَّسَائِيُّ وَالدَّارِمِيُّ(٢) (حسن)

حضرت ابن عمر رضي الله عنهما کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جي وقت مبارڪ ۾ اذان جا ڪلما ٻٽا هوندا هئا جڏهن تہ اقامت جا ڪلما، "قَدْ قَامَتِ الصَّلَاةُ" کان سواءِ هيڪوٽا هوندا هئا. (ابودائود، نسائي ۽ دارمي)

**وضاحت** هيڪوٽي اقامت جا ڪلما يارهن آهن، اهي هي آهن:

اَللّٰهُ اَكْبَرُ ٻه دفعا، اَشْهَدُ اَنْ لَآ اِلٰـهَ اِلَّا اللّٰهُ هڪ دفعو، اَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا رَسُوْلُ اللّٰهِ هڪ دفعو، حَيَّ عَلَى الصَّلَاةِ هڪ دفعو، حَيَّ عَلَى الْفَلَاحِ هڪ دفعو، قَدْ قَامَتِ الصَّلَاةُ ٻه دفعا، اَللّٰهُ اَكْبَرُ ٻه دفعا، لَآ اِلٰـهَ اِلاَّ اللّٰه هڪ دفعو.

---

(١) صحيح سنن ابي داؤد، للالباني ، الجزء الاول ، رقم الحديث ٤٧٤

(٢) صحيح سنن ابي داؤد، للالباني ، الجزء الاول ، رقم الحديث ٤٨٢

**مسئلو 106** اذان جو جواب ڏيڻ مسنون آهي.

**مسئلو 107** اذان جي جواب ڏيڻ جو مسنون طريقو هيٺيون آهي.

عَنْ اَبِيْ سَعِيْدِ نِ الْخُدْرِيِّ رضي الله عنه قَالَ : قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ (( اِذَا سَمِعْتُمُ النِّدَاءَ فَقُوْلُوْا مِثْلَ مَا يَقُوْلُ الْمُؤَذِّنُ )) مُتَّفَقٌ عَلَيْهِ(١)

حضرت ابوسعيد خدري رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو، "جڏهن توهان اذان ٻڌو تہ جيڪي ڪلما موذن چئي اهي توهان بہ چئو."

(بخاري ۽ مسلم)

عَنْ عُمَرَ رضي الله عنه فِيْ فَضْلِ الْقَوْلِ كَمَا يَقُوْلُ الْمُؤَذِّنُ كَلِمَةً سِوَى الْحَيْعَلَتَيْنِ فَيَقُوْلُ لاَ حَوْلَ وَ لاَ قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ . رَوَاهُ مُسْلِمٌ(٢)

حضرت عمر رضي الله عنه کان اذان جو جواب ڏيڻ جي فضيلت جي باري ۾ روايت آهي تہ هر ڪلمي جو جواب اهو ئي ڪلمو آهي سواءِ "حَيَّ عَلَى الصَّلاَةِ" ۽ "حَيَّ عَلَى الْفَلاَحِ" جي، انهن جي جواب ۾ "لاَ حَوْلَ وَ لاَ قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ" چوڻ گهرجي. (مسلم)

**مسئلو 108** اذان جو جواب ڏيڻ واري لاءِ جنت جي خوشخبري آهي.

عَنْ اَبِيْ هُرَيْرَةَ رضي الله عنه قَالَ كُنَّا مَعَ رَسُوْلِ اللّٰهِ ﷺ فَقَامَ بِلاَلٌ يُنَادِيْ فَلَمَّا سَكَتَ قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ (( مَنْ قَالَ مِثْلَ هٰذَا يَقِيْنًا دَخَلَ الْجَنَّةَ )) رَوَاهُ النَّسَائِيُّ(٣) (حسن)

حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ اسين رسول الله ﷺ جي خدمت ۾ حاضر هئاسون. حضرت بلال رضي الله عنه اذان ڏني. رسول الله ﷺ فرمايو، "جنهن پوري يقين سان اذان جو جواب ڏنو، اهو جنت ۾ داخل ٿيندو." (نسائي)

**مسئلو 109** فجر جي اذان ۾ "اَلصَّلاَةُ خَيْرٌ مِنَ النَّوْمِ" جا لفظ چوڻ مسنون آهن.

عَنْ اَنَسٍ رضي الله عنه قَالَ : مِنَ السُّنَّةِ اِذَا قَالَ الْمُؤَذِّنُ فِي الْفَجْرِ حَيَّ عَلَى الْفَلاَحِ قَالَ الصَّلاَةُ خَيْرٌ مِنَ النَّوْمِ . رَوَاهُ ابْنُ خُزَيْمَةَ(٤) (صحيح)

---

(١) اللؤلؤ والمرجان ، الجزء الاول ، رقم الحديث ٢١٥

(٢) بلوغ المرام ، كتاب الصلاة ، باب الاذان

(٣) صحيح سنن النسائي، للالباني ، الجزء الاول ، رقم الحديث ٦٥٠

(٤) صحيح ابن خزيمة ، للدكتور محمد مصطفى اعظمي ، الجزء الاول ، رقم الحديث ٣٨٦

حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آهي تہ فجر جي اذان ۾ موذن جو "حَيَّ عَلَى الصَّلاَةِ" ( چوڻ ) کانپوءِ "اَلصَّلاَةُ خَيْرٌ مِنَ النَّوْمِ" چوڻ سنت آهي. (ابن خزيمہ)

**مسئلو 110 اذان کان پوءِ هيٺيون دعائون گهرڻ مسنون آهن.**

(١) عَنْ سَعْدِ بْنِ اَبِيْ وَقَّاصٍ رضي الله عنه قَالَ : قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ ((مَنْ قَالَ حِيْنَ يَسْمَعُ الْمُؤَذِّنَ اَشْهَدُ اَنْ لاَّ اِلٰهَ اِلاَّ اللّٰهُ وَحْدَهُ لاَ شَرِيْكَ لَهُ وَ اَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُهُ وَرَسُوْلُهُ رَضِيْتُ بِاللّٰهِ رَبًّا وَّ بِالْاِسْلاَمِ دِيْنًا غُفِرَلَهُ ذَنْبُهُ)) رَوَاهُ مُسْلِمٌ (١)

(1) حضرت سعد بن ابي وقاص رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو، "جنهن اذان ٻڌي هي ڪلما چيا، "مان شاهدي ڏيان ٿو تہ الله تعاليٰ کان سواءِ ڪو معبود نہ آهي هو اڪيلو آهي، لاشريڪ آهي ۽ محمد رسول الله ﷺ هن جو ٻانهو ۽ رسول آهي. الله تعاليٰ جي رب هئڻ، محمد ﷺ جي رسول هئڻ تي ۽ اسلام جي دين هئڻ تي مان راضي آهيان." تہ ان جا گناهہ بخشيا ويندا." (مسلم)

(٢) عَنْ جَابِرٍ رضي الله عنه قَالَ : قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ ((مَنْ قَالَ حِيْنَ يَسْمَعُ النِّدَاءَ اَللّٰهُمَّ رَبَّ هٰذِهِ الدَّعْوَةِ التَّامَّةِ وَالصَّلاَةِ الْقَائِمَةِ اٰتِ مُحَمَّدَنِ الْوَسِيْلَةَ وَالْفَضِيْلَةَ وَابْعَثْهُ مَقَامًا مَّحْمُوْدَنِ الَّذِيْ وَعَدْتَهُ حَلَّتْ لَهُ شَفَاعَتِيْ يَوْمَ الْقِيَامَةِ)) رَوَاهُ الْبُخَارِيُّ (٢)

(2) حضرت جابر رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو تہ جنهن شخص اذان ٻڌي هيئن چيو، "اي الله! هن (توحيد جي) مڪمل دعوت ۽ قائم ٿيڻ واري نماز جا پروردگار! محمد ﷺ کي وسيلو، فضيلت ۽ مقام محمود عطا فرماءِ، جنهن جو تو ان سان واعدو فرمايو آهي." تہ قيامت جي ڏينهن هن جي سفارش ڪرڻ منهنجي (محمد ﷺ جي) ذمي هوندي". (بخاري)

**وضاحت** وسيلو جنت ۾ اعليٰ مقام جو نالو آهي ۽ مقام محمود، مقام شفاعت آهي.

(٣) عَنْ عَبْدِاللّٰهِ بْنِ عَمْرِو بْنِ الْعَاصِ رضي الله عنه اَنَّهُ سَمِعَ النَّبِيَّ ﷺ يَقُوْلُ ((اِذَا سَمِعْتُمُ الْمُؤَذِّنَ فَقُوْلُوْا مِثْلَ مَا يَقُوْلُ ثُمَّ صَلُّوْا عَلَيَّ فَاِنَّهُ مَنْ صَلّٰى عَلَيَّ صَلاَةً صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ عَشْرًا ثُمَّ سَلُوا اللّٰهَ لِيَ الْوَسِيْلَةَ فَاِنَّهَا مَنْزِلَةٌ فِي الْجَنَّةِ لاَ تَنْبَغِيْ اِلاَّ لِعَبْدٍ مِنْ عِبَادِ اللّٰهِ وَاَرْجُوْا اَنْ اَكُوْنَ اَنَا هُوَ فَمَنْ سَاَلَ اللّٰهَ لِيَ الْوَسِيْلَةَ حَلَّتْ عَلَيْهِ الشَّفَاعَةُ . رَوَاهُ مُسْلِمٌ(٣)

---

(١)مختصر صحيح مسلم، للالباني ، رقم الحديث ٢٠٠
(٢)مختصر صحيح مسلم، للالباني ، رقم الحديث ٣٧٧
(٣)مختصر صحيح مسلم، للالباني ، رقم الحديث ١٩٨

(3) حضرت عبدالله بن عمرو بن عاص رضي الله عنهما کان روايت آهي تہ مون رسول الله ﷺ کي فرمائيندي ٻڌو آهي، "جڏهن ٻانگي جي ٻانگ ٻڌو تہ اهو چئو جيڪو ٻانگو چئو ٿو. پوءِ مون تي درود پڙهو ڇو جو مون تي درود پڙهڻ واري تي الله تعاليٰ ڏهہ رحمتون نازل فرمائي ٿو. ان کان پوءِ منهنجي لاءِ الله تعاليٰ کان وسيلو گهرو. وسيلو جنت ۾ هڪ مقام آهي، جيڪو جنتين مان ڪنهن هڪ کان ڏنو ويندو. مون کي اميد آهي تہ اهو الله جي ٻانهن مان ئي هڪ ٻانهو هوندس، تنهن ڪري جيڪو ماڻهو منهنجي لاءِ الله تعاليٰ کان وسيلي جي دعا ڪندو ان لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي." (مسلم)

## مسئلو 111 اذان (ٻانگ) کان پوءِ نماز ادا ڪرڻ کانسواءِ بنا عُذر جي مسجد مان ٻاهر نڪرڻ منع آهي.

عَنْ اَبِي الشَّعْثَاءِ ﷺ قَالَ خَرَجَ رَجُلٌ مِنَ الْمَسْجِدِ بَعْدَ مَا نُوْدِيَ بِالصَّلَاةِ فَقَالَ اَبُوْهُرَيْرَةَ ﷺ فَقَدْ عَصَى اَبَا الْقَاسِمِ. رَوَاهُ النَّسَائِيُّ(١) (صحيح)

حضرت ابو شعثاءِ ﷺ کان روايت آهي تہ هڪ ماڻهو ٻانگ کانپوءِ (نماز پڙهڻ کانسواءِ) مسجد مان ٻاهر نڪتو تہ حضرت ابوهريره ﷺ فرمايو، "هن ماڻهو ابو القاسم ﷺ جي نافرماني ڪئي". (نسائي)

## مسئلو 112 اذان رڪجي رڪجي ۽ اقامت جلدي جلدي چوڻ مسنون آهي.

## مسئلو 113 اذان ۽ اقامت جي وچ ۾ تقريباً ايترو وقفو هئڻ گهرجي جو کاڌو کائڻ وارو کائڻ کان واندو ٿي وڃي (تقريباً 15 منٽ).

عَنْ جَابِرٍ ﷺ اَنَّ رَسُوْلَ اللّٰهِ ﷺ قَالَ لِبِلَالٍ ((اِذَا اَذَّنْتَ فَتَرَسَّلْ وَاِذَا اَقَمْتَ فَاحْدُرْ وَاجْعَلْ بَيْنَ اَذَانِكَ وَ اِقَامَتِكَ قَدْرَ مَا يَفْرُغُ الْآكِلُ مِنْ اَكْلِهِ وَالشَّارِبُ مِنْ شُرْبِهِ وَ الْمُعْتَصِرُ اِذَا دَخَلَ لِقَضَاءِ حَاجَتِهِ وَ لَا تَقُوْمُوْا حَتّٰى تَرَوْنِيْ)) رَوَاهُ التِّرْمِذِيُّ(٢)

حضرت جابر ﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ حضرت بلال ﷺ کي فرمايو، "اذان رڪجي رڪجي ۽ اقامت جلدي جلدي چوندو ڪر، اذان ۽ اقامت جي

---

(١) صحيح سنن النسائي، للالباني ، الجزء الاول ، رقم الحديث ٦٦٠

(٢) ابواب الصلاة ، باب ما جاء في الترسل في الاذان

وچ ۾ ايترو وقفو رکو جو کاڌو کائڻ وارو کائڻ پيئڻ کان واندو ٿي وڃي، رفع حاجت وارو پنهنجي حاجت کان واندو ٿي وڃي ۽ جيسين تائين مون کي (حجري کان نڪري مسجد ۾ ايندي) نه ڏسو تيستائين صف ۾ نه بيهو.“ (ترمذي)

**مسئلو 114** اذان ۽ اقامت جي وچ ۾ دعا رد نه ٿي ڪئي وڃي.

عَنْ اَنَسٍ ﷺ قَالَ : قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ ((لاَ يُرَدُّ الدُّعَاءُ بَيْنَ الْاَذَانِ وَالْاِقَامَةِ)) رَوَاهُ اَبُوْدَاوُدَ وَالتِّرْمِذِيُّ (١) (صحيح)

حضرت انس ﷺ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو، ”اذان ۽ اقامت جي وچ ۾ دعا رد نه ٿي ڪئي وڃي.“ (ابو داؤد ۽ ترمذي)

**مسئلو 115** اقامت جو جواب ڏيندي، ”قَدْ قَامَتِ الصَّلاَةُ “ جي جواب ۾ ”اقامها الله وادامها“ چوڻ صحيح حديث کان ثابت نه آهي.

**مسئلو 116** فجر جي اذان ۾ ”اَلصَّلاَةُ خَيْرٌ مِنَ النَّوْمِ “ جي جواب ۾ ”صدقت و بررت“ چوڻ صحيح حديث کان ثابت نه آهي.

**مسئلو 117** اسر (سحري) ۽ تهجد لاءِ اذان ڏيڻ سنت آهي.

**مسئلو 118** انڌو ماڻهو اذان ڏئي سگهي ٿو.

عَنْ عَائِشَةَ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا اِنَّ بِلاَلاً ﷺ كَانَ يُؤَذِّنُ بِلَيْلٍ فَقَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ ((كُلُوْا وَاشْرَبُوْا حَتّٰى يُؤَذِّنَ ابْنُ اُمِّ مَكْتُوْمٍ فَاِنَّهُ لاَ يُؤَذِّنُ حَتّٰى يَطْلُعَ الْفَجْرُ)) مُتَّفَقٌ عَلَيْهِ(٢)

حضرت عائشة رضي الله عنها کان روايت آهي ته بلال ﷺ رات جو (اٿارڻ لاءِ) اذان ڏيندو هئو تنهن ڪري رسول الله ﷺ فرمايو، ابن ام مڪتوم ﷺ جي اذان تائين کائيندا پيئندا رهو. ڇو جو هو فجر کان پهرئين اذان نه ٿو ڏئي.“
(بخاري ۽ مسلم)

**وضاحت** حضرت ابن ام مڪتوم ﷺ نابينا صحابي هئو.

**مسئلو 119** سفر ۾ ٻه ماڻهو به هجن ته انهن کي اذان ڏئي باجماعت نماز ادا ڪرڻ گهرجي.

---

(١) صحيح سنن ابي داؤد، للالباني ، الجزء الاول ، رقم الحديث ٤٨٩

(٢) اللؤلؤوالمرجان ، الجزء الاول ، رقم الحديث ٦٦٣

عَنْ مَالِكِ بْنِ حُوَيْرِثٍ ﷺ قَالَ : اَتَى رَجُلاَنِ النَّبِيَّ ﷺ يُرِيْدَانِ السَّفَرَ فَقَالَ النَّبِيُّ ﷺ ((اِذَا اَنْتُمَا خَرَجْتُمَا فَأَذِّنَا ثُمَّ اَقِيْمَا ثُمَّ لِيَؤُمَّكُمَا اَكْبَرُكُمَا)) رَوَاهُ الْبُخَارِيُّ(١)

حضرت مالڪ بن حويرث ﷺ کان روايت آهي تہ (ٻہ ماڻهو) نبي اڪرم ﷺ خدمت ۾ حاضر ٿيا جيڪي سفر لاءِ نڪتا ٿي، حضور ﷺ (انهن کي) نصيحت فرمائي تہ، "جڏهن ٻئي سفر تي وڃو تہ اذان ۽ اقامت چئو، پوءِ توهان مان جيڪو وڏو هجي اهو امامت ڪرائي." (بخاري)

**مسئلو 120** جيڪڏهن اذان ڏيڻ جي فضيلت معلوم ٿي وڃي تہ ماڻهو پاڻ ۾ پُـڪا (قرعہ) وجهي اذان ڏين.

**وضاحت** تفصيل لاءِ ڏسو حديث مسئلو نمبر 131

**مسئلو 121** اذان جي دوران آڱرين چمي اکين تي لڳائڻ سنت کان ثابت نہ آهي.

**مسئلو 122** ڪنهن مصيبت يا آفت جي موقعي تي اذانون ڏيڻ سنت کان ثابت نہ آهي.



(١) مختصر صحيح بخاري ، للزبيدي، رقم الحديث ٣٨٤

# اَلسُّتْرَةُ

# اوٽ (سُتره) جا مسئلا

**مسئلو 123 نمازي پنهنجي سامهون کان لنگهڻ وارن جي خلل کان بچڻ لاءِ سامهون ڪا شيءِ رکي ڇڏي، ان کي "سُتره" چئجي ٿو.**

عَنْ مُوْسَى بْنِ طَلْحَةَ عَنْ أَبِيْهِ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا قَالَ كُنَّا نُصَلِّيْ وَالدَّوَابُّ تَمُرُّ بَيْنَ أَيْدِيْنَا وَ ذَكَرَ ذٰلِكَ لِرَسُوْلِ اللّٰهِ ﷺ فَقَالَ ((مِثْلُ مُؤْخِرَةِ الرَّحْلِ تَكُوْنُ بَيْنَ يَدَيْ أَحَدِكُمْ، فَلَا يَضُرُّهُ مَنْ مَرَّ بَيْنَ يَدَيْهِ)) رَوَاهُ ابْنُ مَاجَةَ (١) (صحيح)

حضرت موسيٰ بن طلحه رضي الله عنهما پنهنجي پيءُ کان روايت ڪن ٿا ته اسان نماز پڙهندا هئاسون ۽ جانور اسان جي سامهون گذرندا رهندا هئا. رسول الله ﷺ سان ان ڳالهه جو ذڪر ڪيو ويو ته رسول الله ﷺ فرمايو. "جيڪڏهن توهان جي سامهون ڪجاوي جي ڪاٺي جي برابر ڪا شيءِ هجي ته سامهون کان گذرڻ واري ڪابه شيءِ توهان کي نقصان نه پهچائيندي." (ابن ماجه)

**وضاحت** اٺ تي ويهڻ لاءِ ڪاٺي جي ٺهيل ڪرسي کي ڪجاوه چئجي ٿو.

**مسئلو 124 نمازي جي اڳيان لنگهڻ جي وعيد.**

عَنْ أَبِيْ جُهَيْمٍ ﷺ قَالَ : قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ ((لَوْ يَعْلَمُ الْمَارُّ بَيْنَ يَدَيِ الْمُصَلِّيْ مَاذَا عَلَيْهِ مِنَ الْإِثْمِ لَكَانَ أَنْ يَقِفَ أَرْبَعِيْنَ خَيْرًا لَهُ مِنْ أَنْ يَمُرَّ بَيْنَ يَدَيْهِ)) مُتَّفَقٌ عَلَيْهِ(٢)

حضرت ابو جهيم ﷺ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو. "نمازي جي اڳيان (۽ ستره جي پويان) لنگهڻ واري کي جيڪڏهن ان ڳالهه جي خبر هجي ته ان تي ڪيترو گناهه آهي ته هو نمازيءَ جي اڳيان لنگهڻ جي بدران چاليهه (سال يا مهينا يا ڏينهن) انتظار ڪرڻ بهتر سمجهي." (بخاري ۽ مسلم)

**وضاحت** راوي پڇڻ جي ڪري واضح نه ڪري سگهيو ته حضور ﷺ چاليهه سال چيا يا چاليهه مهينا چيا يا چاليهه ڏينهن چيا.

---

(١) صحيح سنن ابن ماجة ، للالباني ، الجزء الاول ، رقم الحديث ٧٦٨

(٢) اللؤلؤ والمرجان ، الجزء الاول ، رقم الحديث ٢٨٤

### مسئلو 125 ستره (لوٽ) نماز جي جاءِ کان ڏيڍ ٻه فٽن جي وٿي تي رکجي.

عَنْ سَهْلٍ ؓ قَالَ كَانَ بَيْنَ مُصَلَّى رَسُوْلِ اللّٰهِ ﷺ وَ بَيْنَ الْجِدَارِ مَمَرُّ الشَّاةِ. رَوَاهُ الْبُخَارِيُّ (١)

حضرت سهل ؓ کان روايت آهي ته نبي اڪرم ﷺ جي نماز پڙهڻ جي جاءِ ۽ ڀت جي وچ ۾ هڪ ٻڪري جي لنگهڻ جي برابر فاصلو هو. (بخاري)

### مسئلو 126 ستره (لوٽ) ۽ نمازي جي وچان گذرڻ واري کي نماز دوران ئي هٿ سان روڪجي.

عَنْ اَبِيْ سَعِيْدِ نِ الْخُدْرِيِّ ؓ قَالَ سَمِعْتُ النَّبِيَّ ﷺ يَقُوْلُ ((اِذَا صَلّٰى اَحَدُكُمْ اِلٰى شَيْءٍ يَسْتُرُهُ مِنَ النَّاسِ فَاَرَادَ اَحَدٌ اَنْ يَجْتَازَ بَيْنَ يَدَيْهِ فَلْيَدْفَعْهُ فَاِنْ اَبٰى فَلْيُقَاتِلْهُ فَاِنَّمَا هُوَ الشَّيْطَانُ)) رَوَاهُ الْبُخَارِيُّ (٢)

حضرت ابوسعيد خدري ؓ فرمائين ٿا ته مون رسول الله ﷺ کي فرمائيندي ٻڌو آهي ته جڏهن توهان مان ڪو شخص ماڻهو کان لوٽ ڪري نماز پڙهي ۽ پوءِ ڪو ماڻهو (ان لوٽ جي اندران) لنگهڻ چاهي ته ان کي (نماز جي دوران) روڪيو ۽ اگر هو نه رڪجي ته زبردستي روڪيو ڇو جو اهو شيطان آهي. (بخاري)

### مسئلو 127 امام پنهنجي اڳيان لوٽ رکي ته پوءِ مقتدين کي لوٽ رکڻ جي ضرورت نه آهي.

عَنِ ابْنِ عُمَرَ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا قَالَ كَانَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ اِذَا خَرَجَ يَوْمَ الْعِيْدِ يَاْمُرُ بِالْحَرْبَةِ فَتُوْضَعُ بَيْنَ يَدَيْهِ فَيُصَلِّيْ اِلَيْهَا وَالنَّاسُ وَرَاءَهُ وَ كَانَ يَفْعَلُ ذٰلِكَ فِي السَّفَرِ . مُتَّفَقٌ عَلَيْهِ (٣)

حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنهما کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جڏهن عيد جي ڏينهن نماز لاءِ گهر مان نڪرندا هئا ته پاڻ سان گڏ پنهنجو نيزو گڏ کڻي وڃڻ جو حڪم ڏيندا هئا. جنهن کي حضور ﷺ جي اڳيان کوڙيو ويندو هو. حضور ﷺ ان طرف نماز پڙهندا ۽ ماڻهو حضور ﷺ جي پويان هوندا هئا. سفر ۾ به حضور ﷺ ستره (لوٽ) استعمال فرمائيندا هئا. (بخاري ۽ مسلم)

---

(١) كتاب الصلاة ، باب قدر كم ينبغي ان يكون بين المصلي والسترة

(٢) مختصر صحيح بخاري ، للزبيدي، رقم الحديث ٣٢٠

(٣) اللؤلؤ والمرجان ، الجزء الاول ، رقم الحديث ٢٧٨

**مسئلو 134** نماز ۾ پوئين صف ۾ اڪيلو بيهڻ جي ڪري اڳين صف مان ماڻهو کي پويان ڇڪڻ صحيح حديث مان ثابت نہ آهي.

**مسئلو 135** ٿنڀن جي وچ ۾ صف ٺاهڻ ناپسنديده آهي.

عَنْ مُعَاوِيَةَ بْنِ قُرَّةَ عَنْ أَبِيْهِ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا قَالَ : كُنَّا نُنْهَى أَنْ نَصُفَّ بَيْنَ السَّوَارِيْ عَلٰى عَهْدِ رَسُوْلِ اللّٰهِ ﷺ وَنُطْرَدُ عَنْهَا طَرْدًا. رَوَاهُ ابْنُ مَاجَةَ (١) (حسن)

حضرت معاويہ بن قرا رضي الله عنهما پنهنجي پيءُ کان روايت ڪري ٿو تہ اسان کي عهد رسالت ۾ ٿنڀن جي وچ ۾ صف ٺاهڻ کان روڪيو ويندو هو ۽ اتان هٽايو ويندو هو. (ابن ماجہ)

**مسئلو 136** عورت اڪيلي صف ۾ بيهي سگهي ٿي.

عَنْ أَنَسِ بْنِ مَالِكٍ رضي الله عنه قَالَ صَلَّيْتُ أَنَا وَ يَتِيْمٌ فِيْ بَيْتِنَا خَلْفَ النَّبِيِّ ﷺ وَ أُمِّيْ أُمُّ سُلَيْمٍ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا خَلْفَنَا. رَوَاهُ الْبُخَارِيُّ (٢)

حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنه کان روايت آهي تہ مون ۽ هڪ يتيم (ٻار) نبي اڪرم ﷺ جي پويان پنهنجي گهر ۾ نماز پڙهي. منهنجي والده ام سليم رضي الله عنها (اڪيلي) اسان سڀني کان پويان هئي. (بخاري)

**مسئلو 137** حضور اڪرم ﷺ اسان کي صفون سڌيون ڪرڻ جي تاڪيد فرمائي.

**مسئلو 138** صف ۾ ڪلهي سان ڪلهو ۽ قدم سان قدم ملائڻ گهرجي.

عَنْ أَنَسٍ رضي الله عنه عَنِ النَّبِيِّ ﷺ قَالَ (( أَقِيْمُوْا صُفُوْفَكُمْ فَإِنِّيْ أَرَاكُمْ مِنْ وَرَاءِ ظَهْرِيْ وَكَانَ أَحَدُنَا يَلْزِقُ مَنْكِبَهُ بِمَنْكِبِ صَاحِبِهِ وَقَدَمَهُ بِقَدَمِهِ)) رَوَاهُ الْبُخَارِيُّ (٣)

حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو، "پنهنجون صفون سڌيون رکو. مان توهان کي پنهنجي پٺ کان ڏسان ٿو. تنهنڪري اسان مان هر ماڻهو پنهنجو ڪلهو برابر واري نمازي جي ڪلهي سان ۽ پير پير سان ملائي بيهندو هو." (بخاري)

**وضاحت** رسول الله ﷺ جو پنهنجي پٺ سان ڏسڻ معجزو هو.

---

(١) صحيح سنن ابن ماجة، للالباني، الجزء الاول، رقم الحديث ٨٢٦

(٢) كتاب الاذان، باب المراة واحدها تكون صفا

(٣) كتاب الاذان، باب الزاق المنكب بالمنكب

# مَسَائِلُ الاِمَامَةِ

# امامت جا مسئلا

**مسئلو 149** سڀ کان وڌيڪ قرآن ڄاڻڻ وارو، پوءِ سڀ کان وڌيڪ سنت جو علم رکڻ وارو، پوءِ هجرت ۾ پهرئين وارو، پوءِ سيني ۾ وڏي عمر وارو، امام ٿيڻ جو حقدار آهي.

**مسئلو 150** مقرر ٿيل امام جي اجازت کانسواءِ ڪنهن مهمان کي امامت نہ ڪرائڻ گهرجي.

عَنْ اَبِيْ مَسْعُوْدٍ رضي الله عنه قَالَ : قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ يَؤُمُّ الْقَوْمَ اَقْرَؤُهُمْ لِكِتَابِ اللّٰهِ فَاِنْ كَانُوْا فِي الْقِرَاءَةِ سَوَاءً فَاَعْلَمُهُمْ بِالسُّنَّةِ فَاِنْ كَانُوْا فِي السُّنَّةِ سَوَاءً فَاَقْدَمُهُمْ هِجْرَةً فَاِنْ كَانُوْا فِي الْهِجْرَةِ سَوَاءً فَاَقْدَمُهُمْ سِنًّا وَلاَ يَؤُمَّنَّ الرَّجُلُ الرَّجُلَ فِيْ سُلْطَانِهِ وَلاَ يَقْعُدُ فِيْ بَيْتِهِ عَلٰى تَكْرِمَتِهِ اِلاَّ بِاِذْنِهِ رَوَاهُ اَحْمَدُ وَمُسْلِمٌ (١)

حضرت ابو مسعود رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو، ”ماڻهن جي امامت اهو شخص ڪرائي جيڪو ڪتاب الله (قرآن شريف) جو سڀ کان بهتر پڙهڻ وارو هجي، اگر قرائت ۾ ماڻهو برابر هجن تہ سنت جو وڌيڪ ڄاڻڻ وارو امامت ڪرائي، اگر ان ۾ بہ برابر هجن تہ پوءِ جنهن پهرئين هجرت ڪئي هجي، اگر ان ۾ بہ برابر هجن تہ پوءِ عمر ۾ سڀ مان وڏو امامت ڪرائي. امامت لاءِ مقرر ٿيل ماڻهو جي جاءِ تي ڪو ٻيو ماڻهو بنا اجازت امامت نہ ڪرائي، نہ ڪوئي ماڻهو ڪنهن جي گهر ۾ بنا اجازت ان جي جاءِ تي ويهي.“ (احمد ۽ مسلم)

**مسئلو 151** انڌو ماڻهو بنا ڪراهت جي امام ٿي سگهي ٿو.

عَنْ اَنَسٍ رضي الله عنه اَنَّ النَّبِيَّ ﷺ اَسْتَخْلَفَ ابْنَ اُمِّ مَكْتُوْمٍ يَؤُمُّ النَّاسَ وَهُوَ اَعْمٰى. رَوَاهُ اَحْمَدُ وَاَبُوْدَاؤُدَ (٢) (صحيح)

---

(١) مختصر صحيح مسلم ، للالباني ، رقم الحديث ٣٦٦

(٢) صحيح سنن ابي داؤد، للالباني ، الجزء الاول ، رقم الحديث ٥٥٥

بيمار ۽ پوڙها سڀ هوندا آهن. (ليڪن) جڏهن اڪيلو نماز پڙهي ته جيتري چاهي ڊگهي نماز پڙهي.“ (احمد، بخاري، مسلم، ابوداؤد، نسائي، ترمذي ۽ ابن ماجه)

**مسئلو 158** امام ۽ جماعتين جي وچ ۾ جيڪڏهن ڀت يا ڪا اهڙي شيءِ هجي جو مقتدي امام جي نقل ۽ حرڪت نه ڏسي سگهن ته به نماز جائز آهي.

عَنْ عَائِشَةَ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا قَالَتْ صَلّٰى رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ فِيْ حُجْرَتِهِ وَالنَّاسُ يَأْتَمُّوْنَ بِهٖ مِنْ وَرَاءِ الْحُجْرَةِ. رَوَاهُ أَبُوْدَاؤُدَ (صحيح) (١)

حضرت عائشة رضي الله عنها کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ پنهنجي (اعتڪاف واري) حجره ۾ نماز پڙهائي ۽ ماڻهن حجره کان ٻاهر حضور اڪرم ﷺ جي پويان نماز پڙهي. (ابوداؤد)

**مسئلو 159** هڪ ماڻهو فرض نماز ادا ڪرڻ کانپوءِ ان وقت جي نماز لاءِ ٻين ماڻهن جي امامت ڪري سگهي ٿو.

**مسئلو 160** مٿين صورت ۾ امام جي پهرئين نماز فرض ۽ ٻين نفل ٿيندي.

**مسئلو 161** امام ۽ مقتدي (جماعتي) جي نيت جدا جدا ٿيڻ سان نماز ۾ ڪو فرق نه ٿيندو.

عَنْ جَابِرٍ ﷺ أَنَّ مُعَاذًا كَانَ يُصَلِّيْ مَعَ النَّبِيِّ ﷺ الْعِشَاءَ الْآخِرَةَ ثُمَّ يَرْجِعُ إِلٰى قَوْمِهٖ فَيُصَلِّيْ بِهِمْ تِلْكَ الصَّلَاةَ. مُتَّفَقٌ عَلَيْهِ (٢)

حضرت جابر ﷺ کان روايت آهي ته حضرت معاذ ﷺ عشاء جي نماز نبي اڪرم ﷺ سان گڏ ادا ڪندا هئا پوءِ پنهنجي قوم ۾ وڃي انهن کي اهائي نماز پڙهائيندا هئا. (بخاري ۽ مسلم)

عَنْ مِحْجَنِ بْنِ الْأَدْرَعِ ﷺ قَالَ أَتَيْتُ النَّبِيَّ ﷺ وَهُوَ فِي الْمَسْجِدِ فَحَضَرَتِ الصَّلَاةُ فَصَلّٰى وَلَمْ أُصَلِّ فَقَالَ لِيْ: أَلَا صَلَّيْتَ؟ قُلْتُ يَا رَسُوْلَ اللّٰهِ ﷺ إِنِّيْ قَدْ صَلَّيْتُ فِيْ

---

(١) صحيح سنن ابي داؤد، للالباني، الجزء الاول، رقم الحديث ٩٩٦

(٢) نيل الاوطار، كتاب الصلاة، باب هل يقتدي المفترض بالمتنفل ام لا؟

# مَسَائِلُ الْمَأْمُوْمِ
# مقتدي جا مسئلا

**مسئلو 168** مقتدي تي امام جي پوري پوري اقتدا ڪرڻ واجب آهي.

عَنْ اَنَسٍ ﷺ قَالَ صَلَّى بِنَا رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ ذَاتَ يَوْمٍ فَلَمَّا قَضَى الصَّلاَةَ اَقْبَلَ عَلَيْنَا بِوَجْهِهٖ فَقَالَ :اَيُّهَا النَّاسُ اِنِّي اِمَامُكُمْ فَلاَ تَسْبِقُوْنِيْ بِالرُّكُوْعِ وَلاَ بِالسُّجُوْدِ وَلاَ بِالْقِيَامِ وَلاَ بِالْاِنْصِرَافِ. رَوَاهُ مُسْلِمٌ (١)

حضرت انس ﷺ کان روايت آهي تہ هڪ ڏينهن رسول الله ﷺ اسان کي نماز پڙهائي، جڏهن نماز پوري ٿي وئي تہ حضور ﷺ منهن مبارڪ اسان ڏانهن ڪيو ۽ فرمايو، "ماڻهو ٻڌو! مان توهان جو امام آهيان، رڪوع، سجدي، قيام ۽ سلام ورائڻ ۾ مون کان جلدي نہ ڪريو." (مسلم)

**مسئلو 169** امام سجدي جي حالت ۾ هليو وڃي، تڏهن مقتدي کي قومہ جي حالت مان سجدي ۾ وڃڻ گهرجي. اهڙي طرح باقي نماز ۾ امام جي اقتدا (پيروي) ڪرڻ ضروري آهي.

عَنِ الْبَرَاءِ ﷺ قَالَ كُنَّا مَعَ رَسُوْلِ اللّٰهِ ﷺ لاَ يَحْنُوْا اَحَدٌ مِنَّا ظَهْرَهُ حَتّٰى نَرَاهُ قَدْ سَجَدَ. رَوَاهُ مُسْلِمٌ (٢)

حضرت براء ﷺ کان روايت آهي تہ اسان رسول الله ﷺ جي پويان نماز پڙهندا هئاسون تہ ان وقت تائين ڪوبہ ماڻهو پنهنجي پٺي نہ جهڪائيندو هو، جيستائين رسول الله ﷺ کي سجدي ۾ نہ ڏسي وٺون. (مسلم)

**مسئلو 170** جماعت هلندي هجي تہ مقتدي امام کي جنهن حالت ۾ ڏسي ان حالت ۾ شامل ٿي وڃي.

**وضاحت** تفصيل لاءِ ڏسو حديث مسئلو نمبر 172

---

(١) ڪتاب الصلاة، باب تحريم سبق الامام بركوع والسجود

(٢) ڪتاب الصلاة ، باب متابعة الامام والعمل بعده

## مسئلو 171 امام جي پيروي ۽ اقتدا نہ ڪرڻ تي وعيد .

عَنْ اَبِيْ هُرَيْرَةَ رضي الله عنه قَالَ: قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ اَمَا يَخْشٰى اَحَدُكُمْ اِذَا رَفَعَ رَاْسَهُ قَبْلَ الْاِمَامِ اَنْ يَّجْعَلَ اللّٰهُ رَاْسَهُ رَاْسَ حِمَارٍ. مُتَّفَقٌ عَلَيْهِ(١)

حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو، ”توهان مان جيڪو شخص امام کان پهرئين پنهنجو مٿو مٿي کڻي ٿو، ڇا ان کي خوف نہ ٿو اچي تہ ڪٿي الله تعاليٰ ان جو مٿو گڏهہ جو نہ ٺاهي ڇڏي.“ (بخاري ۽ مسلم)

---

(١) مختصر صحيح بخاري ، للزبيدي ، رقم الحديث ٤١٢

# مَسَائِلُ الْمَسْبُوْقِ

## نماز ۾ پوءِ شامل ٿيڻ واري نمازي جا مسئلا

**مسئلو 172** جماعت هلندي هجي ته پوءِ اچڻ وارو نمازي، امام کي جنهن حالت ۾ ڏسي تکبير تحريمه چئي، ان حالت ۾ شريڪ ٿي وڃي.

**مسئلو 173** جماعت سان هڪ رکعت ملڻ تي به نمازي کي سڄي نماز باجماعت جو ثواب ملي ٿو.

عَنْ اَبِيْ هُرَيْرَةَ ﷺ قَالَ :قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ اِذَا جِئْتُمْ اِلَى الصَّلاَةِ وَنَحْنُ سُجُوْدٌ فَاسْجُدُوْا وَلاَ تَعُدُّوْهُ شَيْئًا ،مَنْ اَدْرَكَ رَكْعَةً فَقَدْ اَدْرَكَ الصَّلاَةَ .رَوَاهُ اَبُوْدَاوُدَ (١)

حضرت ابوهريره ﷺ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو، ”جڏهن توهان نماز لاءِ اچو ۽ اسين سجدي ۾ هجون ته توهان به سجدي ۾ شامل ٿي وڃو ۽ ان کي رکعت شمار نه ڪريو. جنهن کي هڪ رکعت به جماعت سان ملي ان کي پوري نماز جو ثواب ملي ويو.“ (ابو داؤد)

**مسئلو 174** جماعت بيهي وڃي ته پوءِ اچڻ واري نمازي کي جماعت ۾ ڊوڙي شامل نه ٿيڻ گهرجي بلڪ پوري اطمينان ۽ وقار سان جماعت ۾ شريڪ ٿيڻ گهرجي.

**مسئلو 175** جماعت ۾ پوءِ سان شامل ٿيڻ واري نمازي کي امام سان گڏ پڙهيل نماز کي نماز جو پهريون حصو ۽ امام جي سلام ورائڻ کانپوءِ اڪيلي ۾ پڙهيل نماز کي نماز جو پويون حصو شمار ڪرڻ گهرجي.

عَنْ اَبِيْ هُرَيْرَةَ ﷺ قَالَ :سَمِعْتُ رَسُوْلَ اللّٰهِ ﷺ يَقُوْلُ : اِذَا اُقِيْمَتِ الصَّلاَةُ فَلاَ تَاْتُوْهَا تَسْعَوْنَ وَاْتُوْهَا تَمْشُوْنَ عَلَيْكُمُ السَّكِيْنَةُ فَمَا اَدْرَكْتُمْ فَصَلُّوْا وَمَا فَاتَكُمْ فَاَتِمُّوْا. مُتَّفَقٌ عَلَيْهِ (٢)

---

(١) صحيح سنن ابي داؤد ، للالباني ، الجزء الاول ، رقم الحديث ٧٩٢

(٢) اللؤلؤ والمرجان ، الجزء الاول ، رقم الحديث ٣٥٠

حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي ته مون رسول الله ﷺ کي فرمائيندي ٻڌو ته، ”جڏهن نماز (جماعت) بيهي وڃي ته ڊوڙندا نه اچو بلڪ (عام رفتار سان) هلي اچو، توهان تي اطمينان سان هلي اچڻ واجب آهي. نماز جو حصو (جيڪو امام سان مليو) اهو ادا ڪريو ۽ جيڪو رهجي وڃي ان کي (پوءِ) مڪمل ڪريو.“
(بخاري ۽ مسلم)

**مسئلو 176** جڏهن فرض نماز جي اقامت ٿي وڃي ۽ جماعت بيهي وڃي ته پوءِ اچڻ واري نمازي کي جدا نفل يا سنت نماز شروع نه ڪرڻ گهرجي، چاهي پهرئين رڪعت ملڻ جو يقين ڇو نه هجي.

عَنْ اَبِيْ هُرَيْرَةَ رضي الله عنه اَنَّ النَّبِيَّ ﷺ قَالَ : اِذَا اُقِيْمَتِ الصَّلاَةُ فَلاَ صَلاَةَ اِلاَّ الْمَكْتُوْبَةَ . رَوَاهُ مُسْلِمٌ (١)

حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي ته نبي اڪرم ﷺ فرمايو، ”جڏهن فرض نماز جي اقامت ٿي وڃي ته سواءِ فرض نماز جي ڪا بي نماز نه ٿي ٿئي.“
(مسلم)



(١) مختصر صحيح مسلم ، للالباني ، رقم الحديث ٢٦٣

# صِفَةُ الصَّلاَةِ

# نماز جو طريقو

**مسئلو 177** نيت دل جي ارادي جو نالو آهي. زبان سان الفاظ ادا ڪرڻ ڪنهن حديث مان ثابت نہ آهن.

**مسئلو 178** صفون سڌيون ڪرڻ ۽ اقامت چوڻ کانپوءِ امام ڪي "الله اڪبر" (تڪبير تحريمہ) چئي نماز جي ابتدا ڪرڻ گهرجي.

**مسئلو 179** تڪبير تحريمہ سان گڏ ٻئي هٿ ڪلهن تائين کڻڻ مسنون آهن.

**مسئلو 180** تڪبير تحريمہ جي وقت ٻنهي هٿن سان ڪن جهلڻ يا ڪنن کي هٿ لائڻ سنت کان ثابت نہ آهي.

عَنْ نُعْمَانَ ابْنِ بَشِيْرٍ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا قَالَ كَانَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ يُسَوِّيْ صُفُوْفَنَا إِذَا قُمْنَا إِلَى الصَّلاَةِ فَإِذَا اسْتَوَيْنَا كَبَّرَ. رَوَاهُ أَبُوْدَاؤُدَ (۱)

حضرت نعمان بن بشير رضي الله عنهما کان روايت آهي تہ جڏهن اسان نماز لاءِ بيهندا هئاسون تہ رسول الله ﷺ اسان جون صفون سڌيون ڪرائيندا هئا. پوءِ الله اڪبر چئي نماز شروع ڪندا هئا. (ابو دائود)

عَنِ ابْنِ عُمَرَ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا قَالَ رَأَيْتُ رَسُوْلَ اللّٰهِ ﷺ إِذَا قَامَ فِي الصَّلاَةِ رَفَعَ يَدَيْهِ تَكُوْنَا حَذْوَ مَنْكِبَيْهِ. مُتَّفَقٌ عَلَيْهِ (۲)

حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنهما کان روايت آهي تہ مون رسول الله ﷺ کي ڏٺو جڏهن نماز لاءِ بيهندا هئا تہ پنهنجا ٻئي هٿ مٿي کڻندا هئا ايستائين جو ڪلهن تائين پهچي ويندا هئا. (بخاري ۽ مسلم)

**وضاحت** هٿ کڻڻ وقت ترين جو رخ قبلي ڏانهن هئڻ گهرجي.

---

(۱) صحيح سنن ابي داؤد، للالباني، الجزء الاول، رقم الحديث ٦١٩

(۲) اللؤلؤ والمرجان، الجزء الاول، رقم الحديث ٢١٧

عَنِ ابْنِ عَبَّاسٍ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا اَنَّ النَّبِيَّ ﷺ كَانَ اِذَا قَرَاَ سَبِّحِ اسْمَ رَبِّكَ الْأَعْلٰى قَالَ ((سُبْحَانَ رَبِّيَ الْأَعْلٰى)) رَوَاهُ اَبُوْدَاوٗدَ (١) (صحيح)

(1) حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي ته نبي اکرم ﷺ جڏهن (نماز ۾) سبح اسم ربک الاعلي (ترجمو: پنهنجي وڏي مرتبي واري رب جي پاڪائي بيان ڪر) پڙهندا هئا ته جواب ۾ سبحان ربي الاعلي (ترجمو: منهنجو وڏي مرتبي وارو رب پاڪ آهي) فرمائيندا هئا." (ابو داؤد)

(٢) عَنْ مُوْسَى بْنِ اَبِيْ عَائِشَةَ ﷺ قَالَ : كَانَ رَجُلٌ يُصَلِّيْ فَوْقَ بَيْتِهِ وَ كَانَ اِذَا قَرَاَ ((اَلَيْسَ ذٰلِكَ بِقَادِرٍ عَلٰى اَنْ يُحْيِيَ الْمَوْتٰى)) قَالَ : سُبْحَانَكَ بَلٰى فَسَأَلُوْهُ عَنْ ذٰلِكَ فَقَالَ سَمِعْتُهُ مِنْ رَسُوْلِ اللّٰهِ ﷺ . رَوَاهُ اَبُوْدَاوٗدَ (٢) (صحيح)

حضرت موسيٰ بن ابي عائشة ﷺ کان روايت آهي ته هڪ ماڻهو پنهنجي گهر ۾ نماز پڙهي رهيو هو جڏهن هن آيت جي قرات ڪئي "اليس ذالک بقادر علي يحيي الموتي" (ترجمو: ڇا الله ان ڳالهه تي قادر نه آهي ته مئلن کي جيئرو ڪري؟) ته جواب ۾ پاڻ ئي چيو: "سبحانک بلي (ترجمو: اي الله تون هر عيب کان پاڪ آهين. مئلن کي جيئرو چو نه ڪري سگهين ٿو؟) ماڻهن ان کان ان جي باري ۾ سوال ڪيو ته هن جواب ڏنو ته مون رسول الله ﷺ کان ائين ٻڌو آهي. (ابوداؤد)

## مسئلو 201 قرائت جي دوران سجده تلاوت جي آيت اچي ته تلاوت ڪرڻ واري ۽ ٻڌڻ وارن کي سجدو ڪرڻ گهرجي.

عَنِ ابْنِ عُمَرَ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا اَنَّ النَّبِيَّ ﷺ كَانَ يَقْرَاُ الْقُرْآنَ فَيَقْرَاُ سُوْرَةً فِيْهَا سَجْدَةٌ فَيَسْجُدُ وَ نَسْجُدُ مَعَهُ . رَوَاهُ مُسْلِمٌ (٣)

حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنهما کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ قرآن پڙهندي سجده جي آيت تي ايندا هئا ته سجدو ڪندا هئا ۽ اسين به حضور ﷺ سان گڏ سجدو ڪندا هئاسون. (مسلم)

## مسئلو 202 سجده تلاوت جي مسنون دعا هي آهي.

---

(١) صحيح سنن ابي داؤد ، للالباني ، الجزء الاول ، رقم الحديث ٧٨٥

(٢) صحيح سنن ابي داؤد ، للالباني ، الجزء الاول ، رقم الحديث ٧٨٦

(٣) مختصر صحيح مسلم ، للالباني ، رقم الحديث ٣٥٣

عَنْ عَائِشَةَ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا قَالَتْ كَانَ النَّبِيُّ ﷺ يَقُوْلُ فِيْ سُجُوْدِ الْقُرْآنِ بِاللَّيْلِ ((سَجَدَ وَجْهِيَ لِلَّذِيْ خَلَقَهُ وَ شَقَّ سَمْعَهُ وَ بَصَرَهُ بِحَوْلِهِ وَ قُوَّتِهِ)) رَوَاهُ اَبُوْدَاؤُدَ وَ التِّرْمِذِيُّ وَالنَّسَائِيُّ (صحيح) (١)

**(3)** حضرت عائشة رضي الله عنها کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ قيام الليل جي دوران جڏهن سجده تلاوت ڪندا هئا تہ فرمائيندا هئا، "منهنجي چهري ان هستي کي سجدو ڪيو جنهن ان کي پيدا ڪيو ۽ پنهنجي طاقت ۽ قدرت سان ان ۾ ڪن ۽ اکيون ڏاهيون". (ابو داؤد، ترمذي ۽ نسائي)

**وضاحت** تلاوت ڪرڻ وارو سجدو نہ ڪري تہ ٻڌڻ واري کي بہ سجدو نہ ڪرڻ گهرجي.

**مسئلو 203** سجده تلاوت واجب نہ آهي.

عَنْ زَيْدِ بْنِ ثَابِتٍ ﷺ قَالَ قَرَأْتُ عَلَى النَّبِيِّ ﷺ النَّجْمَ فَلَمْ يَسْجُدْ فِيْهَا. مُتَّفَقٌ عَلَيْهِ(٢)

حضرت زيد بن ثابت ﷺ کان روايت آهي تہ مون رسول الله ﷺ جي سامهون سورة النجم تلاوت ڪئي تہ حضور اڪرم ﷺ سجده تلاوت نہ ڪيو.
(بخاري ۽ مسلم)

**مسئلو 204** رڪوع ۾ وڃڻ کان اڳ ۽ رڪوع کان اٿڻ کانپوءِ تڪبير تحريمہ وانگر ٻئي هٿ ڪلهن تائين کڻڻ مسنون آهن. ان کي رفع يدين چئجي ٿو.

**مسئلو 205** ٽن يا چئن رڪعتن واري نماز ۾ ٻي رڪعت مان اٿڻ کان پوءِ بہ رفع يدين ڪرڻ مسنون آهي.

عَنْ نَافِعٍ ﷺ اَنَّ ابْنَ عُمَرَ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا كَانَ اِذَا دَخَلَ فِي الصَّلَاةِ كَبَّرَ وَ رَفَعَ يَدَيْهِ وَ اِذَا رَكَعَ رَفَعَ يَدَيْهِ وَ اِذَا قَالَ سَمِعَ اللّٰهُ لِمَنْ حَمِدَهُ رَفَعَ يَدَيْهِ وَاِذَا قَامَ مِنَ الرَّكْعَتَيْنِ رَفَعَ يَدَيْهِ وَ رَفَعَ ذٰلِكَ ابْنُ عُمَرَ اِلَى النَّبِيِّ ﷺ. رَوَاهُ الْبُخَارِيُّ(٣)

---

(١) صحيح سنن الترمذي، للالباني ، الجزء الثالث، رقم الحديث ٢٧٢٣

(٢) صحيح مسلم، كتاب المساجد ، باب سجود والتلاوة

(٣) كتاب الاذان ، باب رفع اليدين إذا قام من الركعتين

حضرت نافع ﷺ کان روايت آهي تہ عبدالله بن عمر رضي الله عنهما جڏهن نماز شروع ڪندا هئا تہ الله اڪبر چئي ٻئي هٿ کڻندا هئا ۽ جڏهن رڪوع ڪندا هئا تہ ٻئي هٿ کڻندا هئا ۽ جڏهن (رڪوع مان اٿڻ لاءِ) "سمع الله لمن حمده" چوندا هئا تہ پوءِ ٻئي هٿ کڻندا هئا ۽ جڏهن (ٽن يا چئن رڪعتن واري نماز ۾) ٻن رڪعتن کانپوءِ اٿندا هئا. تڏهن بہ ٻئي هٿ کڻندا هئا ۽ فرمائيندا هئا تہ نبي اڪرم ﷺ ان طرح سان ڪندا هئا. (بخاري)

**مسئلو 206** رڪوع ۽ سجدي جون متعدد مسنون تسبيحون آهن، انهن مان ڪجھ ھي آھن.

(١) عَنْ حُذَيْفَةَ بْنِ الْيَمَانِ ﷺ اَنَّهُ سَمِعَ رَسُوْلَ اللّٰهِ ﷺ يَقُوْلُ اِذَا رَكَعَ ((سُبْحَانَ رَبِّيَ الْعَظِيْمِ)) ثَلاَثَ مَرَّاتٍ وَ اِذَا سَجَدَ قَالَ ((سُبْحَانَ رَبِّيَ الْاَعْلٰى)) ثَلاَثَ مَرَّاتٍ . رَوَاهُ ابْنُ مَاجَةَ(١) (صحيح)

(1) حضرت حذيفہ بن يمان ﷺ کان روايت آهي تہ هن رسول اڪرم ﷺ کي رڪوع ۾ "سبحان ربي العظيم" (ترجمو: منھنجو رب پاڪ آهي) ٽي دفعا چوندي ٻڌو ۽ سجدي ۾ "سبحان ربي الاعلي" (ترجمو: منھنجو بلند رب پاڪ آهي) ٽي دفعا چوندي ٻڌو. (ابن ماجہ)

(٢) عَنْ عَائِشَةَ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا اَنَّ النَّبِيَّ ﷺ كَانَ يَقُوْلُ فِيْ رُكُوْعِهٖ وَ سُجُوْدِهٖ ((سُبُّوْحٌ قُدُّوْسٌ رَبُّ الْمَلٰٓئِكَةِ وَالرُّوْحِ)) رَوَاهُ مُسْلِمٌ (٢)

(2) حضرت عائشہ رضي الله عنها کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ پنھنجي رڪوع ۽ سجدي ۾ ھي تسبيح چوندا هئا. ((سُبُّوْحٌ قُدُّوْسٌ رَبُّ الْمَلٰٓئِكَةِ وَالرُّوْحِ)) (مسلم)

**مسئلو 207** رڪوع ۾ ٻنهي هٿن جون آڱريون کولي ۽ گوڏن تي سختي سان رکڻ گهرجن.

**مسئلو 208** رڪوع ۾ ٻئي ٻانهون ويڪريون رکڻ گهرجن.

قَالَ اَبُوْحُمَيْدٍ ﷺ فِيْ اَصْحَابِهٖ اَمْكَنَ النَّبِيُّ ﷺ يَدَيْهِ مِنْ رُكْبَتَيْهِ. رَوَاهُ الْبُخَارِيُّ(٣)

---

(١) صحيح سنن ابن ماجة ، للالباني ، الجزء الاول ، رقم الحديث ٧٢٥

(٢) كتاب الصلاة ، باب ما يقال في الركوع والسجود

(٣) كتاب الاذان ، باب وضع الاكف على الركب في الركوع

حضرت ابو حميد ﷜ صحابي کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ رکوع ڪندا هئا تہ پنهنجي هٿن سان گوڏن کي مضبوطيءَ سان پڪڙيندا هئا. (بخاري)

عَنْ عَائِشَةَ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا قَالَتْ : كَانَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ يَرْفَعُ فَيَضَعُ يَدَيْهِ عَلٰى رُكْبَتَيْهِ وَ يُجَافِيْ بِعَضُدَيْهِ . رَوَاهُ ابْنُ مَاجَةَ (١) (صحيح)

حضرت عائشة رضي الله عنها کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ رکوع ڪندا هئا تہ پنهنجا ٻئي هٿ گوڏن تي رکندا هئا ۽ پنهنجون ٻانهون ويڪريون رکندا هئا. (ابن ماجہ)

## مسئلو 209 رکوع جي حالت ۾ چيلهہ سڌي ۽ مٿي جي برابر هئڻ گهرجي، نہ مٿي هجي نہ هيٺ هجي.

عَنْ عَائِشَةَ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا ...... وَ كَانَ إِذَا رَكَعَ لَمْ يُشْخِصْ رَأْسَهُ وَ لَمْ يُصَوِّبْهُ وَ لٰكِنْ بَيْنَ ذٰلِكَ . رَوَاهُ مُسْلِمٌ (٢)

حضرت عائشة رضي الله عنها کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جڏهن رکوع ڪندا هئا تہ پنهنجو مٿو(چيلهہ کان) نہ مٿي ڪندا هئا نہ هيٺ ڪندا هئا، بلڪ ان جي برابر رکندا هئا. (مسلم)

## مسئلو 210 رکوع ۽ سجدو اطمينان سان نہ ڪرڻ وارو نماز جو چور آهي.

عَنْ أَبِيْ قَتَادَةَ ﷜ قَالَ : قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ (( أَسْوَأُ النَّاسِ سَرِقَةً نِ الَّذِيْ يَسْرِقُ مِنْ صَلَاتِهِ)) قَالُوْا يَا رَسُوْلَ اللّٰهِ ﷺ وَ كَيْفَ يَسْرِقُ مِنْ صَلَاتِهِ ؟ قَالَ ((لَا يُتِمُّ رُكُوْعَهَا وَلَا سُجُوْدَهَا)) رَوَاهُ أَحْمَدُ (٣) (صحيح)

حضرت ابوقتاده ﷜ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو، "بدترين چور نماز جو چور آهي." صحابين پڇيو، "يا رسول الله ﷺ! نماز جي چوري ڪيئن؟" حضور اڪرم ﷺ فرمايو، "نماز جو چور اهو آهي جيڪو رکوع يا سجدو پورو نہ ڪري." (احمد)

---

(١) صحيح سنن ابن ماجة، للالباني ، الجزء الاول ، رقم الحديث ٧١٤

(٢) كتاب الصلاة ، باب ما يجمع صفة الصلاة

(٣) مشكوة المصابيح ، للالباني ، الجزء الاول ، رقم الحديث ٨٨٥

## مسئلو 211 رڪوع ۽ سجدي ۾ قرآن جي تلاوت ڪرڻ جي منع آهي.

عَنِ ابْنِ عَبَّاسٍ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا قَالَ : قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ ((أَلاَ نُهِيْتُ اَنْ اَقْرَأَ الْقُرْآنَ رَاكِعًا اَوْ سَاجِدًا)) رَوَاهُ مُسْلِمٌ (١)

حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو، ”(ماڻهوءَ! خبردار!) مون کي رڪوع ۽ سجدي ۾ قرآن پڙهڻ کان منع ڪيو ويو آهي.“ (مسلم)

## مسئلو 212 رڪوع کانپوءِ اطمينان سان سڌو ٿي بيهڻ ضروري آهي.

عَنْ ثَابِتٍ ﷺ قَالَ : كَانَ اَنَسٌ يَنْعَتُ لَنَا صَلاَةَ النَّبِيِّ ﷺ فَكَانَ يُصَلِّيْ فَإِذَا رَفَعَ رَأْسَهُ مِنَ الرُّكُوْعِ قَامَ حَتّٰى نَقُوْلُ قَدْ نَسِيَ . رَوَاهُ الْبُخَارِيُّ (٢)

(1) حضرت ثابت ﷺ کان روايت آهي ته حضرت انس ﷺ اسان جي سامهون رسول الله ﷺ جي نماز جو بيان ڪندا هئا ته نماز قائم ڪري ڏيکاريندا هئا. رڪوع مان جڏهن مٿو کڻي قومه لاءِ بيهندا هئا ته ايتري دير لاءِ بيهندا هئا جو اسين چوندا هئاسين ته شايد حضرت انس ﷺ کان سجدي ۾ وڃڻ وسري ويو آهي. (بخاري)

قَالَ اَبُوْ حُمَيْدٍ فَإِذَا رَفَعَ رَأْسَهُ اِسْتَوٰى حَتّٰى يَعُوْدَ كُلُّ فَقَارٍ مَكَانَهُ. رَوَاهُ الْبُخَارِيُّ(٣)

(2) حضرت ابو حميد ﷺ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ رڪوع مان مٿو مبارڪ کڻندا هئا ته سڌا ٿي بيهندا هئا ايستائين جو بدن جو هر سنڌ پنهنجي جاءِ تي اچي وڃي. (بخاري)

**وضاحت** رڪوع کانپوءِ سڌو ٿي بيهڻ جي حالت کي ”قومه“ چئجي ٿو، قومه جي حالت ۾ هٿ ٻڌڻ يا کليا رکڻ بابت ڪابه وضاحت حديث ۾ نه ٿي ملي، تنهن ڪري ٻنهي طرح سان جائز آهي.

## مسئلو 213 قومه جي مسنون دعا هي آهي.

عَنْ رِفَاعَةَ بْنِ رَافِعٍ ﷺ قَالَ : كُنَّا نُصَلِّيْ وَرَاءَ النَّبِيِّ ﷺ فَلَمَّا رَفَعَ رَأْسَهُ مِنَ الرَّكْعَةِ قَالَ : سَمِعَ اللّٰهُ لِمَنْ حَمِدَهُ فَقَالَ رَجُلٌ رَبَّنَا وَلَكَ الْحَمْدُ حَمْدًا كَثِيْرًا طَيِّبًا مُبَارَكًا فِيْهِ

---

(١) كتاب الصلاة ، باب النهي عن قراة القرآن في الركوع والسجود

(٢) مختصر صحيح بخاري ،للزبيدي ، رقم الحديث ٤٦١

(٣) مختصر صحيح بخاري ،للزبيدي ، رقم الحديث ٤٧٠

فَلَمَّا انْصَرَفَ قَالَ ((مَنِ الْمُتَكَلِّمُ؟)) قَالَ : أَنَا ، قَالَ ((رَأَيْتُ بِضْعَةً وَّ ثَلاَثِيْنَ مَلَكًا يَبْتَدِرُوْنَهَا أَيُّهُمْ يَكْتُبُهَا أَوَّلُ )) رَوَاهُ الْبُخَارِيُّ (١)

حضرت رفاعة بن رافع رضي الله عنه کان روايت آهي تہ اسان رسول الله ﷺ جي پويان نماز پڙهي رهيا هئاسون. جڏهن حضور اڪرم ﷺ مٿو مبارڪ مٿي کنيو تہ فرمايو. ”سمع الله لمن حمده“ (ترجمو: جنهن الله جي تعريف ڪئي الله تعاليٰ ٻڌي) مقتدين (جماعت وارن مان) هڪ ماڻهو چيو. رَبَّنَا وَلَكَ الْحَمْدُ حَمْدًا كَثِيْرًا طَيِّبًا مُبَارَكًا فِيْهِ (ترجمو: اسان جا پروردگار! تعريف تنهنجي لاءِ ئي آهي. ڪثرت سان اهڙي تعريف جيڪا شرڪ کان پاڪ ۽ برڪت واري آهي). جڏهن حضور اڪرم ﷺ نماز کان فارغ ٿيا تہ پڇيو. ”اهي ڪلما (جملا) ڪنهن چيا هئا؟“ هن شخص عرض ڪيو تہ مان هئس. حضور ﷺ فرمايو. ”مون ٽيهن کان وڌيڪ فرشتن کي انهن ڪلمن جو ثواب لکڻ ۾ هڪ ٻئي کان اڳڀرائي ڪندي ڏٺو“. (بخاري)

**مسئلو 214 نماز ۾ سجدو ستن عضون تي ڪرڻ گهرجي.**

**مسئلو 215 سجدي ۾ نڪ زمين تي ضرور لڳڻ گهرجي.**

**مسئلو 216 نماز ۾ ڪپڙن ۽ وارن کي ٺيڪ ڪرڻ يا ٺاهڻ جي منع آهي.**

عَنِ ابْنِ عَبَّاسٍ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا قَالَ : قَالَ النَّبِيُّ ﷺ ((أُمِرْتُ أَنْ أَسْجُدَ عَلٰى سَبْعَةِ أَعْظُمٍ عَلَى الْجَبْهَةِ وَ أَشَارَ بِيَدِهٖ عَلٰى أَنْفِهٖ وَالْيَدَيْنِ وَالرُّكْبَتَيْنِ وَأَطْرَافِ الْقَدَمَيْنِ وَ لاَ نَكْفِتَ الثِّيَابَ وَالشَّعْرَ)) رَوَاهُ الْبُخَارِيُّ (٢)

حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو. ”مون کي ستن عضون تي سجدو ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي. پيشاني تي (اهو چوندي) حضور اڪرم ﷺ پنهنجي هٿ سان نڪ جي طرف اشارو ڪيو. ٻنهي هٿن. ٻنهي گوڏن ۽ ٻنهي پيرن جي آڱرين تي“ ۽ وڌيڪ فرمايائون. ”مون کي حڪم ڏنو ويو آهي تہ اسين نماز ۾ ڪپڙن ۽ وارن کي ٺيڪ نہ ڪيون.“ (بخاري)

**مسئلو 217 سجدو پوري اطمينان سان ڪرڻ گهرجي.**

**مسئلو 218 سجدي ۾ ٻانهون زمين تي وڇائڻ نہ گهرجن.**

---

(١) مختصر صحيح بخاري ،للزبيدي ، رقم الحديث ٤٦٠

(٢) مختصر صحيح بخاري ،للزبيدي ، رقم الحديث ٤٦٤

صَلَاتِهِ لَمْ يَنْهَضْ حَتّٰى يَسْتَوِيَ قَاعِدًا. رَوَاهُ الْبُخَارِيُّ (١)

حضرت مالڪ بن حويرث ﷺ کان روايت آهي تہ هن رسول الله ﷺ کي نماز پڙهندي ڏٺو. حضور ﷺ جڏهن نماز جي طاق رڪعتن ۾ (يعني پهرئين ۽ ٽئين) ۾ هوندا تہ (ٻئي سجدي کان پوء) ٿوري دير لاءِ سڌا ٿي ويهندا هئا ۽ پوءِ قيام لاءِ اٿندا هئا. (بخاري)

**مسئلو 226** تشهد ۾ شهادت جي آڱر کڻڻ مسنون آهي.

**مسئلو 227** تشهد ۾ ساڄو هٿ ساڄي گوڏي تي ۽ کاٻو هٿ کاٻي گوڏي تي رکڻ گهرجي.

عَنْ عَبْدِاللّٰهِ بْنِ زُبَيْرٍ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا قَالَ : كَانَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ إِذَا قَعَدَ يَدْعُوْ وَضَعَ يَدَهُ الْيُمْنٰى عَلٰى فَخِذِهِ الْيُمْنٰى وَ يَدَهُ الْيُسْرٰى عَلٰى فَخِذِهِ الْيُسْرٰى وَ اَشَارَ بِإِصْبَعِهِ السَّبَّابَةِ وَ وَضَعَ إِبْهَامَهُ عَلٰى إِصْبَعِهِ الْوُسْطٰى. رَوَاهُ مُسْلِمٌ (٢)

حضرت عبدالله بن زبير رضي الله عنهما کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جڏهن تشهد ۾ ويهندا هئا تہ ساڄو هٿ ساڄي گوڏي تي ۽ کاٻو هٿ کاٻي گوڏي تي رکندا ۽ پنهنجي (ساڄي هٿ جي) آڱوٺي کي پنهنجي وچين آڱر تي رکي حلقو ٺاهي شهادت جي آڱر مٿي کڻندا هئا. (مسلم)

**وضاحت** شهادت جي آڱر کي رڳو ڪلمہ شهادت جي وقت کڻڻ جي وضاحت حديثن مان ثابت نہ آهي. تنهن ڪري تشهد جي شروع کان وٺي تشهد جي آخر تائين لاڳيتو کڻجي يا ڪلمہ شهادت وقت کڻجي، سنت ادا ٿي ويندي.

**مسئلو 228** شهادت جي آڱر کڻڻ شيطان کي تلوار هڻڻ کان وڌيڪ سخت آهي.

عَنْ نَافِعٍ ﷺ قَالَ : قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ ((لَهِيَ اَشَدُّ عَلَى الشَّيْطَانِ مِنَ الْحَدِيْدِ يَعْنِي السَّبَّابَةَ)) رَوَاهُ اَحْمَدُ (٣) (حسن)

حضرت نافع ﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو، "شهادت جي

---

(١) مختصر صحيح بخاري ، للزبيدي ، رقم الحديث ٤٦٧

(٢) كتاب المساجد ، باب صفة الجلوس في الصلاة

(٣) مشكوة المصابيح ، للالباني ، الجزء الاول ، رقم الحديث ٩١٧

جي آخري قعده ۾ ويٺا ته ٻه سجدا ( سجده سهو) ادا ڪيا.

**وضاحت** ٽن يا چئن رڪعتن واري نماز ۾ ٻي رڪعت کانپوءِ ٽين يا چوٿين رڪعت ۾ التحيات پڙهڻ واجب آهي. ان ويهڻ کي قعده يا تشهد چئجي ٿو.

**مسئلو 232** پهرئين تشهد ۾ ساڄو پير بيهارجي ۽ کاٻي پير تي ويهڻ مسنون آهي.

**مسئلو 233** ٻئي يا آخري تشهد ۾ ساڄو پير بيهارجي ۽ کاٻي پير کي ساڄي ٽنگ جي ٻڪيءَ جي هيٺان ڪڍي ڌڙ تي ويهڻ کي "تورڪ" چئجي ٿو. تورڪ ڪرڻ افضل آهي.

عَنْ اَبِيْ حُمَيْدِ نِ السَّاعِدِيِّ ﷺ اَنَّهُ قَالَ : وَ هُوَ فِيْ نَفَرٍ مِنْ اَصْحَابِ رَسُوْلِ اللّٰهِ ﷺ اَنَا كُنْتُ اَحْفَظَكُمْ لِصَلَاةِ رَسُوْلِ اللّٰهِ ﷺ اِذَا جَلَسَ فِي الرَّكْعَتَيْنِ جَلَسَ عَلٰى رِجْلِهِ الْيُسْرٰى وَ نَصَبَ الْيُمْنٰى فَاِذَا جَلَسَ فِي الرَّكْعَةِ الْآخِرَةِ قَدَّمَ رِجْلَهُ الْيُسْرٰى وَ نَصَبَ الْأُخْرٰى وَ قَعَدَ عَلٰى مَقْعَدِهٖ. رَوَاهُ الْبُخَارِيُّ (١)

حضرت ابو حميد ساعدي ﷺ صحابه ڪرام رضي الله عنهم جي مجلس ۾ ويٺا هئا ته فرمايائون ته مون کي نبي اڪرم ﷺ جي نماز جو طريقو توهان سڀني کان وڌيڪ ياد آهي. رسول الله ﷺ ٻي رڪعت کانپوءِ پهرئين تشهد ۾ ساڄو پير بيهاريندا هئا ۽ کاٻي پير تي ويهندا هئا. آخري رڪعت (يعني ٻئي تشهد) ۾ کاٻي پير کي ساڄي پير جي ٻڪيءَ هيٺان ڪڍي، ساڄو پير بيهاري، (کاٻي) ڌڙ تي ويهندا هئا. (بخاري)

**مسئلو 234** ٻئي تشهد ۾ التحيات کانپوءِ درود شريف ۽ ان کانپوءِ مسنون دعائن مان ڪا هڪ پڙهڻ گهرجي.

عَنْ فُضَالَةَ بْنِ عُبَيْدٍ ﷺ قَالَ : سَمِعَ النَّبِيُّ ﷺ رَجُلاً يَدْعُوْ فِيْ صَلَاتِهٖ فَلَمْ يُصَلِّ عَلَى النَّبِيِّ ﷺ فَقَالَ النَّبِيُّ ﷺ ((عَجِلَ هٰذَا)) ثُمَّ دَعَاهُ فَقَالَ لَهُ اَوْ لِغَيْرِهٖ ((اِذَا صَلّٰى اَحَدُكُمْ فَلْيَبْدَأْ بِتَحْمِيْدِ اللّٰهِ وَ الثَّنَاءِ عَلَيْهِ ثُمَّ لِيُصَلِّ عَلَى النَّبِيِّ ﷺ ثُمَّ لِيَدْعُ بَعْدُ مَا شَاءَ. رَوَاهُ التِّرْمِذِيُّ (صحيح) (٢)

---

(١) مختصر صحيح بخاري ، للزبيدي ، رقم الحديث ٤٧٠

(٢) صحيح سنن الترمذي ، للالباني ، الجزء الثالث ، رقم الحديث ٢٧٦٧

حضرت فضاله بن عبيد ﷺ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ هڪ ماڻهو کي نماز ۾ درود کانسواءِ دعا گهرندي ٻڌو ته حضور ﷺ فرمايو، ”هن جلدي ڪئي“. پوءِ حضور ﷺ ان ماڻهو کي پاڻ وٽ سڏيو ۽ ان کي يا ڪنهن ٻئي شخص کي مخاطب ٿي فرمايو، ”جڏهن ڪو نماز پڙهي ته الله تعاليٰ جي حمد و ثنا سان آغاز ڪري پوءِ الله تعاليٰ جي نبي ﷺ تي درود موڪلي ۽ ان کانپوءِ جيڪا چاهي دعا گهري“. (ترمذي)

**مسئلو 235 حضور اڪرم ﷺ نماز ۾ هيٺين درود پڙهڻ جي هدايت فرمائي آهي.**

عَنْ عَبْدِالرَّحْمٰنِ ابْنِ اَبِيْ لَيْلٰى ﷺ قُلْنَا : يَا رَسُوْلَ اللّٰهِ ﷺ كَيْفَ الصَّلَاةُ عَلَيْكُمْ اَهْلَ الْبَيْتِ؟ قَالَ : ((قُوْلُوْا : اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَعَلٰى آلِ مُحَمَّدٍ كَمَا صَلَّيْتَ عَلٰى اِبْرَاهِيْمَ اِنَّكَ حَمِيْدٌ مَجِيْدٌ ، اَللّٰهُمَّ بَارِكْ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَعَلٰى آلِ مُحَمَّدٍ كَمَا بَارَكْتَ عَلٰى آلِ اِبْرَاهِيْمَ اِنَّكَ حَمِيْدٌمَجِيْدٌ)) رَوَاهُ الْبُخَارِيُّ (١)

حضرت عبدالرحمان بن ابو ليلي ﷺ کان روايت آهي ته اسان پڇيو، ”يا رسول الله ﷺ! اسان توهان ﷺ تي ۽ اهل بيت تي ڪهڙي طرح درود موڪليون؟“ حضور ﷺ فرمايو ته چئو، ”يا الله! محمد ﷺ ۽ آل محمد ﷺ تي اهڙي طرح رحمت نازل فرماءِ جهڙي طرح تو ابراهيم ۽ آل ابراهيم تي رحمت نازل فرمائي. بيشڪ تون بزرگ ۽ پنهنجي ذات ۾ محمود آهين. يا الله! محمد ﷺ ۽ آل محمد ﷺ تي اهڙي طرح سان برڪت نازل فرماءِ جهڙي طرح تو ابراهيم ۽ آل ابراهيم تي برڪت نازل فرمائي، بيشڪ تون ساراهيل ۽ وڏي عزت وارو آهين.“ (بخاري)

**مسئلو 236 درود شريف کان پوءِ، مسنون دعائن مان هڪ يا جيتريون ڪير چاهي پڙهي سگهي ٿو.**

**مسئلو 237 درود شريف کانپوءِ مسنون دعائن مان هي به هي آهن.**

عَنْ عَائِشَةَ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا قَالَتْ : كَانَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ يَدْعُوْا فِي الصَّلَاةِ يَقُوْلُ ((اَللّٰهُمَّ اِنِّيْ اَعُوْذُبِكَ مِنْ عَذَابِ الْقَبْرِ وَ اَعُوْذُبِكَ مِنْ فِتْنَةِ الْمَسِيْحِ الدَّجَّالِ وَ اَعُوْذُبِكَ مِنْ فِتْنَةِ الْمَحْيَا وَالْمَمَاتِ اَللّٰهُمَّ اِنِّيْ اَعُوْذُبِكَ مِنَ الْمَاْثَمِ وَالْمَغْرَمِ. مُتَّفَقٌ عَلَيْهِ (٢)

---

(١) كتاب الانبياء ، باب قول الله تعالىٰ ﴿ واتخذوا ابراهيم خليلا﴾

(٢) اللؤلؤ والمرجان ، الجزء الاول ، رقم الحديث ٣٤٥

(1) حضرت عائشة رضي الله عنها کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ نماز ۾ (تشهد ۽ درود کانپوءِ) هي دعا گهرندا هئا. "يا الله! مان تنهنجي پناهه گهران ٿو قبر جي عذاب کان، تنهنجي پناهه گهران ٿو مسيح دجال جي فتني کان ۽ تنهنجي پناهه گهران ٿو زندگي ۽ موت جي آزمائش کان. يا الله! تنهنجي پناهه گهران ٿو گناهه ۽ قرض کان". (بخاري ۽ مسلم)

عَنْ أَبِي بَكْرٍ الصِّدِّيقِ رضي الله عنه قَالَ لِرَسُولِ اللّٰهِ ﷺ عَلِّمْنِي دُعَاءً أَدْعُو بِهِ فِي صَلَاتِي قَالَ: قُلْ (( اَللّٰهُمَّ إِنِّي ظَلَمْتُ نَفْسِي ظُلْمًا كَثِيرًا وَلَا يَغْفِرُ الذُّنُوبَ إِلَّا أَنْتَ فَاغْفِرْ لِي مَغْفِرَةً مِنْ عِنْدِكَ وَارْحَمْنِي إِنَّكَ أَنْتَ الْغَفُورُ الرَّحِيمُ)) مُتَّفَقٌ عَلَيْهِ (١)

(2) حضرت ابوبکر صديق رضي الله عنه کان روايت آهي ته مون رسول الله ﷺ کي عرض ڪيو. مون کي ڪا دعا ٻڌايو جا مان نماز ۾ پڙهان. رسول الله ﷺ فرمايو ته چئو. "(ترجمو) اي الله! مون پنهنجي جان تي گهڻو ظلم ڪيو ۽ تو کان سواءِ ڪير آهي جو گناهه بخشي؟ تون پنهنجي خاص بخشش سان مون کي بخش ڪر ۽ مون تي رحم فرماءِ بيشڪ تون ئي بخشڻ وارو مهربان آهين". (بخاري ۽ مسلم)

**مسئلو 238** التحيات، درود شريف ۽ دعائن کان فارغ ٿيڻ کانپوءِ "السلام عليڪم ورحمة الله" چئي نماز ختم ڪرڻ مسنون آهي.

عَنْ عَلِيِّ بْنِ أَبِي طَالِبٍ رضي الله عنه عَنِ النَّبِيِّ ﷺ قَالَ ((مِفْتَاحُ الصَّلَاةِ الطُّهُورُ وَتَحْرِيمُهَا التَّكْبِيرُ وَتَحْلِيلُهَا التَّسْلِيمُ)) رَوَاهُ أَحْمَدُ وَأَبُوْدَاوُدَ وَالتِّرْمِذِيُّ وَابْنُ مَاجَةَ (٢)

(صحيح)

حضرت علي بن ابو طالب رضي الله عنه، نبي اڪرم ﷺ کان روايت ڪن ٿا ته حضور اڪرم ﷺ فرمايو، "طهارت (پاڪيزگي) نماز جي ڪنجي آهي. نماز جو آغاز تڪبير کان ۽ اختتام سلام چوڻ آهي." (احمد، ابوداؤد، ترمذي ۽ ابن ماجه)

**مسئلو 239** سلام ورائڻ کانپوءِ امام کي کاٻي يا ساڄي پاسي کان ڦري جماعتين ڏانهن منهن ڪري وهڻ گهرجي.

عَنْ سَمُرَةَ بْنِ جُنْدُبٍ رضي الله عنه قَالَ: كَانَ النَّبِيُّ ﷺ إِذَا صَلَّى صَلَاةً أَقْبَلَ عَلَيْنَا

---

(١) اللؤلؤ والمرجان ، الجزء الثاني ، رقم الحديث ١٧٢٩

(٢) صحيح سنن ابن ماجة ، للالباني ، الجزء الاول ، رقم الحديث ٢٢٢

بِوَجْهِهِ. رَوَاهُ الْبُخَارِيُّ(١)

حضرت سمرة بن جندب رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جڏھن نماز پڙھي وٺندا ھئا تہ پنھنجو منھن مبارڪ اسان ڏانھن ڦيرائيندا ھئا. (بخاري)

**مسئلو 240** **نماز ختم ڪرڻ ۽ سلام ورائڻ ڪانپوءِ ھٿ کڻي اجتماعي دعا گھرڻ سنت کان ثابت نہ آھي.**

**مسئلو 241** **نماز ختم ڪري سلام ورائڻ ڪانپوءِ ساڄي يا کابي پاسي ماڻھن سان ھٿ ملائڻ سنت کان ثابت نہ آھي.**



(١) مختصر صحيح بخاري ،للزبيدي ، رقم الحديث ٤٨١

# صَلاَةِ النِّسَاءِ
# عورتن جي نماز

**مسئلو 242 عورت جو مسجد جي بدران پنهنجي گهر جي آخري حصي ۾ نماز ادا ڪرڻ وڌيڪ افضل آهي.**

عَنْ أُمِّ حُمَيْدٍ اِمْرَأَةِ أَبِيْ حُمَيْدٍ نِ السَّاعِدِيِّ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا أَنَّهَا جَاءَ تْ إِلَى النَّبِيِّ ﷺ فَقَالَتْ : يَا رَسُوْلَ اللّٰهِ ﷺ إِنِّيْ أُحِبُّ الصَّلاَةَ مَعَكَ ؟ قَالَ ((قَدْ عَلِمْتُ أَنَّكِ تُحِبِّيْنَ الصَّلاَةَ مَعِيَ وَ صَلاَ تُكِ فِيْ بَيْتِكِ خَيْرٌ مِنْ صَلاَ تِكِ فِيْ حُجْرَتِكِ ، وَصَلاَ تُكِ فِيْ حُجْرَتِكِ خَيْرٌ مِنْ صَلاَ تِكِ فِيْ دَارِكِ ، وَ صَلاَ تُكِ فِيْ دَارِكِ خَيْرٌ مِنْ صَلاَ تِكِ فِيْ مَسْجِدِ قَوْمِكِ وَ صَلاَ تُكِ فِيْ مَسْجِدِ قَوْمِكِ خَيْرٌ مِنْ صَلاَ تِكِ فِيْ مَسْجِدِيْ)) قَالَ : فَأَمَرَتْ فَبُنِيَ لَهَا مَسْجِدٌ فِيْ أَقْصٰى شَيْءٍ مِنْ بَيْتِهَا وَ أَظْلَمِهٖ ، وَكَانَتْ تُصَلِّيْ فِيْهِ حَتّٰى لَقِيَتِ اللّٰهَ عَزَّوَجَلَّ . رَوَاهُ أَحْمَدُ وَابْنُ حِبَّانَ وَ ابْنُ خُزَيْمَةَ (١) (حسن)

حضرت ابو حميد ساعدي رضي الله عنه جي زال حضرت ام حميد ساعدي رضي الله عنها، نبي اڪرم ﷺ جي خدمت ۾ حاضر ٿي ۽ عرض ڪيو، "يا رسول الله ﷺ! مان چاهيان ٿي ته توهان سان گڏ (مسجد نبوي ۾) نماز پڙهان." حضور اڪرم ﷺ ارشاد فرمايو، "مون کي معلوم آهي ته تون مون سان گڏ نماز پڙهڻ چاهين ٿي ليڪن تنهنجو (گهر جي) هڪ ڪند ۾ نماز پڙهڻ ۽ تنهن جي ڪمري ۾ نماز پڙهڻ کان افضل آهي ۽ تنهن جو ڪمري ۾ نماز پڙهڻ گهر جي پڊري (صحن) ۾ نماز پڙهڻ کان بهتر آهي ۽ تنهن جو گهر جي پڊري ۾ نماز پڙهڻ پاڙي جي مسجد ۾ نماز پڙهڻ کان افضل آهي ۽ تنهن جي پاڙي جي مسجد ۾ نماز ادا ڪرڻ منهنجي مسجد ۾ نماز ادا ڪرڻ کان افضل آهي". راوي چئي ٿو ته حضرت ام حميد رضي الله عنها (پنهنجي گهر ۾ مسجد ٺاهڻ جو) حڪم ڏنو، تنهن ڪري ان جي گهر جي آخري حصي ۾ مسجد ٺاهي وئي جنهن کي اونداهي ۾ رکيو ويو (يعني ان ۾ دري يا روشندان وغيره نه ٺاهيو ويو) ۽ هو هميشه ان ۾ نماز پڙهندي رهي

---

(١) الترغيب والترهيب ، للالباني ، الجزء الاول ، رقم الحديث ٣٣٨

ايستائين جو پنهنجي الله عزوجل سان وجي ملي. (احمد، ابن حبان ۽ ابن خزيمہ)

**مسئلو 243 شرعي حڪمن جي پابندي ڪندي عورتون نماز لاءِ مسجد ۾ وڃڻ چاهين تہ انهن کي منع نہ ڪئي وڃي.**

عَنِ ابْنِ عُمَرَ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا قَالَ : قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ((لاَ تَمْنَعُوْا نِسَاءَ كُمُ الْمَسَاجِدَ وَ بُيُوْتُهُنَّ خَيْرٌ لَهُنَّ)) رَوَاهُ اَبُوْدَاوُدَ (١) (حسن)

حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنهما کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو، "عورتن کي مسجدن ۾ وڃڻ کان منع نہ ڪريو ليڪن (نماز پڙهڻ لاءِ) انهن جا گهر مسجدن کان بهتر آهن". (ابو داؤد)

**مسئلو 244 عورتن کي ڏينهن جي ٽائيم ۾ مسجد ۾ اچڻ کان پاسو ڪرڻ گهرجي.**

عَنِ ابْنِ عُمَرَ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا قَالَ : قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ ((اِئْذَنُوْا لِلنِّسَاءِ بِاللَّيْلِ إِلَى الْمَسَاجِدِ)) رَوَاهُ التِّرْمِذِيُّ (٢) (صحيح)

حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنهما کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو، "عورتن کي رات جي وقت مسجدن ۾ اچڻ جي اجازت ڏيو". (ترمذي)

**مسئلو 245 عورتن کي خوشبو لڳائي مسجد ۾ وڃڻ جي منع آهي.**

**مسئلو 246 ڪنهن عورت خوشبو لڳائي هجي تہ ان کي مسجد ۾ وڃڻ کان پهرئين خوشبو ڌوئڻ گهرجي.**

لَقِيَ اَبُوْهُرَيْرَةَ رضی اللہ عنہ مُتَطَيِّبَةً تُرِيْدُ الْمَسْجِدَ فَقَالَ يَا اَمَةَ الْجَبَّارِ اَيْنَ تُرِيْدِيْنَ ؟ قَالَتِ الْمَسْجِدِ . قَالَ وَ لَهُ تَطَيَّبْتِ ؟ قَالَتْ نَعَمْ ! قَالَ : فَإِنِّيْ سَمِعْتُ رَسُوْلَ اللّٰهِ ﷺ يَقُوْلُ ((اَيُّمَا امْرَاَةٍ تَطَيَّبَتْ ثُمَّ خَرَجَتْ إِلَى الْمَسْجِدِ لَمْ تُقْبَلْ لَهَا صَلاَةٌ حَتّٰى تَغْتَسِلَ)) رَوَاهُ ابْنُ مَاجَةَ (٣)
(صحيح)

---

(١) صحيح سنن ابي داؤد ، للالباني ، الجزء الاول ، رقم الحديث ٥٣٠

(٢) صحيح سنن الترمذي ، للالباني ، الجزء الاول ، رقم الحديث ٤٦٦

(٣) صحيح سنن ابن ماجة ، للالباني ، الجزء الثاني ، رقم الحديث ٣٢٣٣

**مسئلو 252** عورت جو اذان (بانگ) ڏيڻ سنت کان ثابت نہ آهي.

**مسئلو 253** عورت، عورتن جي امامت ڪرائي سگهي ٿي.

**مسئلو 254** عورت کي امامت ڪرائڻ وقت پهرئين صف جي وچ ۾ بيهڻ گهرجي.

**وضاحت** تفصيل لاءِ ڏسو حديثون مسئلو نمبر 156 ۽ 155

**مسئلو 255** زال مڙس بہ هڪ صف ۾ نماز ادا ڪري نہ ٿا سگهن.

عَنِ ابْنِ عَبَّاسٍ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا قَالَ : صَلَّيْتُ إِلَى جَنْبِ النَّبِيِّ ﷺ وَ عَائِشَةُ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا خَلْفَنَا تُصَلِّيْ مَعَنَا وَ أَنَا إِلَى جَنْبِ النَّبِيِّ ﷺ أُصَلِّيْ مَعَهُ . رَوَاهُ النَّسَائِيُّ(١) (صحيح)

حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي تہ مون نبي اڪرم ﷺ سان گڏ نماز پڙهي، حضرت عائشة رضي الله عنها اسان جي پويان (باجماعت نفل) نماز ادا ڪئي. جڏهن تہ مان نبي اڪرم ﷺ جي پرسان (بيهي) نماز پڙهي رهيو هئس“. (نسائي)

**مسئلو 256** مٿين حڪمن کانسواءِ مرد ۽ عورت جي نماز جي طريقي ۾ ڪو فرق نہ آهي.

عَنْ مَالِكِ بْنِ حُوَيْرِثٍ ﷜ قَالَ : قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ((صَلُّوْا كَمَا رَأَيْتُمُوْنِيْ أُصَلِّيْ)) رَوَاهُ الْبُخَارِيُّ (٢)

(1) حضرت مالڪ بن حويرث ﷜ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو، ”توهان سڀ (مرد ۽ عورتون) اهڙي طرح نماز پڙهو جهڙي طرح مون کي پڙهندي ڏسو ٿا“. (بخاري)

عَنْ أَنَسٍ ﷜ قَالَ : قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ((اِعْتَدِلُوْا فِي السُّجُوْدِ وَ لَا يَبْسُطْ أَحَدُكُمْ ذِرَاعَيْهِ اِنْبِسَاطَ الْكَلْبِ)) مُتَّفَقٌ عَلَيْهِ (٣)

(2) حضرت انس ﷜ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ وسلم فرمايو، ”سجدو اطمينان سان ڪريو ۽ توهان مان ڪوبہ (مرد يا عورت) سجدي ۾ پنهنجون ٻانهون

---

(١) صحيح سنن النسائي ، للالباني ، الجزء الاول ، رقم الحديث ٧٧٤

(٢) كتاب الاذان ، باب الاذان للمسافرين

(٣) مختصر صحيح مسلم ، للالباني ، رقم الحديث ٣٠٠

ڪتي وانگر نہ وڇائي“. (بخاري ۽ مسلم)

ڪَانَتْ اُمُّ الدَّرْدَآءِ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا تَجْلِسُ فِيْ صَلاَ تِهَا جِلْسَةَ الرَّجُلِ وَ كَانَتْ فَقِيْهَةً . ذَكَرَهُ الْبُخَارِيُّ (١)

(3) حضرت ام درداء رضي الله عنها نماز ۾ مردن وانگر ويهندي هئي ۽ هو فقيهہ خاتون هئي. (بخاري)

قَالَ إِبْرَاهِيْمُ النَّخْعِيُّ : تَفْعَلُ الْمَرْاَةُ فِي الصَّلاَةِ كَمَا يَفْعَلُ الرَّجُلُ . ذَكَرَهُ ابْنُ اَبِيْ شَيْبَةَ (٢)

(4) حضرت ابراهيم نخعي رحمة الله عليه (امام ابو حنيفہ رحمة الله عليه جو استاد) فرمائي ٿو. ”عورت اهڙي طرح نماز پڙهي جهڙي طرح مرد پڙهي ٿو“. (ابن ابي شيبہ)

**مسئلو 257** **مستحاضہ (رت جي بيماري واري عورت) ڪي حيض جا ڏينهن گذرڻ تي غسل ڪري هر نماز لاءِ نئون وضو ڪرڻ گهرجي.**

**وضاحت** تفصيل لاءِ ڏسو حديث مسئلو نمبر 23

**مسئلو 258** **حائضہ (حيض واري عورت) لاءِ حيض جي ڏينهن جي نمازن جي قضا نہ آهي.**

**وضاحت** تفصيل لاءِ ڏسو حديث مسئلو نمبر 339

**مسئلو 259** **عورتن تي جمعي جي نماز واجب نہ آهي.**

**وضاحت** تفصيل لاءِ ڏسو حديثو مسئلو 344.

**مسئلو 260** **شرعي حڪمن جي پابندي ڪندي عورتون عيد نماز لاءِ مسجد يا ميدان ۾ وڃڻ چاهين تہ وڃي سگهن ٿيون.**

**وضاحت** تفصيل لاءِ ڏسو حديث مسئلو نمبر 459

**مسئلو 261** **تهجد پڙهندڙ عورتن جي فضيلت**

**وضاحت** تفصيل لاءِ ڏسو حديث مسئلو نمبر 296

---

(١) ڪتاب الاذان، باب سنة الجلوس في التشهد

(٢) مصنف ابن ابي شيبه، الجزء الاول، رقم الصفحه ٧٥

هو اڪيلو آهي هن جو ڪو شريڪ نہ آهي، بادشاهي ان جي آهي، تعريف جي لائق ان جي ذات آهي ۽ هو هر شيء تي قادر آهي تہ ان جا سڀ گناھ معاف ڪيا ويندا، ڀوءِ ڀلي سمنڊ جي گجي برابر ڇو نہ هجن." (مسلم)

(٤) عَنْ عُقْبَةَ بْنِ عَامِرٍ ﷺ قَالَ أَمَرَنِي رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ ((أَنْ أَقْرَأَ بِالْمُعَوِّذَاتِ دُبُرَ كُلِّ صَلاَةٍ)) رَوَاهُ أَحْمَدُ وَأَبُوْدَاوُدَ وَالنِّسَائِيُّ وَالْبَيْهَقِيُّ(١) (صحيح)

(4) حضرت عقبہ بن عامر ﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ هر نماز کانپوءِ "معوذات" پڙهڻ جو حڪم ڏنو. (احمد، ابوداٶد، نسائي ۽ بيهقي)

**وضاحت** معوذات مان مراد قرآن شريف جون آخري ٻہ سورتون (قل اعوذ برب الفلق ۽ قل اعوذ برب الناس) آهن.

(٥) عَنْ كَعْبِ بْنِ عُجْرَةَ ﷺ عَنْ رَسُوْلِ اللّٰهِ ﷺ قَالَ (( مُعَقِّبَاتٌ لاَ يَخِيْبُ قَائِلُهُنَّ أَوْ فَاعِلُهُنَّ ثَلاَثٌ وَثَلاَثُوْنَ تَسْبِيْحَةً وَ ثَلاَثٌ وَثَلاَثُوْنَ تَحْمِيْدَةً وَأَرْبَعٌ وَثَلاَثُوْنَ تَكْبِيْرَةً فِيْ دُبُرِ كُلِّ صَلاَةٍ.)) رَوَاهُ مُسْلِمٌ (٢)

(5) حضرت ڪعب ابن عجرة ﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو، "نماز کانپوءِ پڙهڻ واريون ڪجھ اهڙيون دعائون آهن، جنهن کي پڙهڻ وارو يا ان جو ذڪر ڪرڻ وارو ڪڏهن بہ ثواب کان محروم نہ ٿو رهي، (ان مان هڪ هي آهي) 33 دفعا سبحان الله، 33 دفعا الحمد لله ۽ 34 دفعا الله اڪبر چوڻ."
(مسلم)

عَنْ عَبْدِاللّٰهِ بْنِ زُبَيْرٍ رضي الله عنهما قَالَ كَانَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ إِذَا سَلَّمَ مِنْ صَلاَتِهِ يَقُوْلُ بِصَوْتِهِ الْأَعْلَى ((لاَ إِلٰـهَ إِلاَّ اللّٰهُ وَحْدَهُ لاَ شَرِيْكَ لَهُ لَهُ الْمُلْكُ وَلَهُ الْحَمْدُ وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ لاَ حَوْلَ وَلاَ قُوَّةَ إِلاَّ بِاللّٰهِ لاَ إِلٰـهَ إِلاَّ اللّٰهُ وَلاَ نَعْبُدُ إِلاَّ إِيَّاهُ لَهُ النِّعْمَةُ وَلَهُ الْفَضْلُ وَ لَهُ الثَّنَاءُ الْحَسَنُ لاَ إِلٰـهَ إِلاَّ اللّٰهُ مُخْلِصِيْنَ لَهُ الدِّيْنَ وَلَوْ كَرِهَ الْكَافِرُوْنَ.)) رَوَاهُ مُسْلِمٌ (٣)

(6) حضرت عبدالله بن زبير رضي الله عنهما کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جڏهن نماز پوري ڪندا هئا تہ بلند آواز سان هيٺيون چوندا هئا. "الله تعالى کانسواءِ ڪو معبود نہ آهي هو اڪيلو آهي، هن جو ڪو شريڪ نہ آهي، بادشاهي

(١) صحيح سنن النسائي ، للالباني ، الجزء الاول ، رقم الحديث ١٢٦٨
(٢) كتاب المساجد ، باب استحباب الذكر بعد الصلاة
(٣) كتاب المساجد ، باب استحباب الذكر بعد الصلاة

ان جي آهي. تعريف جي لائق ان جي ذات آهي ۽ هو هر شيءِ تي قادر آهي. الله جي توفيق کان سواءِ نه گناهه کان بچڻ جي طاقت آهي نه نيڪي ڪرڻ جي قوت. الله تعاليٰ کان سواءِ ڪوبه معبود نه آهي. هن کان سواءِ ڪنهن جي عبادت نه ٿا ڪريون. سڀ نعمتون هن جي طرف کان آهن. بزرگي هن لاءِ آهي. بهترين تعريف جو مالڪ اهو ئي آهي. هن کان سواءِ ڪوبه معبود نه آهي. اسين پنهنجو دين ان لاءِ خاص ڪيون ٿا. چاهي ڪافرن کي ڪيترو به برو ڇو نه لڳي." (مسلم)

عَنْ أَبِي أُمَامَةَ رضي الله عنه قَالَ: قَالَ رَسُوْلُ اللهِ ﷺ ((مَنْ قَرَأَ آيَةَ الْكُرْسِيِّ دُبُرَ كُلِّ صَلَاةٍ مَكْتُوْبَةٍ لَمْ يَمْنَعْهُ مِنْ دُخُوْلِ الْجَنَّةِ إِلَّا أَنْ يَمُوْتَ.)) رَوَاهُ النَّسَائِيُّ وَابْنُ حِبَّانَ وَالطَّبْرَانِيُّ (١)

(صحيح)

(7) حضرت ابو امامه رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو. "جنهن هر نماز (فرض) کانپوءِ آيت الڪرسي پڙهي ان کي موت کان سواءِ ڪا شيءِ جنت ۾ وڃڻ کان نه ٿي روڪي سگهي.(٢) (نسائي، ابن حبان ۽ طبراني)

عَنْ أَبِي سَعِيْدٍ نِ الْخُدْرِيِّ رضي الله عنه قَالَ: كَانَ إِذَا سَلَّمَ النَّبِيُّ ﷺ مِنَ الصَّلَاةِ قَالَ ثَلَاثَ مَرَّاتٍ ((سُبْحَانَ رَبِّكَ رَبِّ الْعِزَّةِ عَمَّا يَصِفُوْنَ وَسَلَامٌ عَلَى الْمُرْسَلِيْنَ وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ.)) رَوَاهُ أَبُوْ يَعْلَى (٣)

(8) حضرت ابو سعيد خدري رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جڏهن (نماز مان) سلام ورائيندا هئا ته ٽي دفعا هيئن چوندا هئا. "تنهنجو عزت وارو رب ان تمام عيبن کان پاڪ آهي جي ڪافر بيان ڪن ٿا. سلامتي هجي رسولن تي ۽ عبادت جي لائق رڳو الله رب العالمين جي ذات آهي." (ابو يعلي)

---

(١) سلسله احاديث الصحيحة للالباني ، الجزء الثاني ، رقم الحديث ٩٧٢

(٢) آيت الڪرسي جا لفظ هي آهن:

اَللّٰهُ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ الْحَيُّ الْقَيُّوْمُ لَا تَاْخُذُهٗ سِنَةٌ وَّ لَا نَوْمٌ لَهٗ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ مَنْ ذَا الَّذِيْ يَشْفَعُ عِنْدَهٗٓ اِلَّا بِاِذْنِهٖ يَعْلَمُ مَا بَيْنَ اَيْدِيْهِمْ وَ مَا خَلْفَهُمْ وَ لَا يُحِيْطُوْنَ بِشَيْءٍ مِّنْ عِلْمِهٖٓ اِلَّا بِمَا شَآءَ وَسِعَ كُرْسِيُّهُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ وَلَا يَئُوْدُهٗ حِفْظُهُمَا وَهُوَ الْعَلِيُّ الْعَظِيْمُ.

(٣) عدة الحصن والحصين ، رقم الحديث ٢٦٣

عَنْ اَبِيْ هُرَيْرَةَ ﷺ قَالَ : قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ ((اُقْتُلُوا الْاَسْوَدَيْنِ فِي الصَّلاةِ ، الْحَيَّةَ وَالْعَقْرَبَ)) رَوَاهُ اَحْمَدُ وَاَبُوْدَاوُدَ (١) (صحيح)

حضرت ابوهريره ﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو، ”نماز ۾ نانگ ۽ وڇون کي ماريو.“ (احمد ۽ ابوداؤد)

**مسئلو 268 ڪنهن سبب جي ڪري سجدي جي جاءِ تان مٽي يا رِيتي وغيره هٽائڻي هجي تہ هڪ دفعو نماز جي وچ ۾ ائين ڪري سگهجي ٿو.**

عَنْ مُعَيْقِيْبٍ ﷺ عَنِ النَّبِيِّ فِي الرَّجُلِ الَّذِيْ يُسَوِّي التُّرَابَ حَيْثُ يَسْجُدُ قَالَ ((اِنْ كُنْتَ فَاعِلاً فَوَاحِدَةً)) مُتَّفَقٌ عَلَيْهِ (٢)

حضرت معيقيب ﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ سجدي جي جاءِ تان مٽي برابر ڪرڻ واري جي باري ۾ فرمايو، ”اگر ائين ڪرڻ ضروري هجي تہ هڪ دفعو ڪجي.“ (بخاري ۽ مسلم)

**مسئلو 269 امام کي ان جي غلطي کان واقف ڪرڻ لاءِ مردن کي ”سبحان الله“ چوڻ گهرجي ۽ زالن کي تاڙي وڄائڻ گهرجي.**

**مسئلو 270 نمازي بوقت ضرورت، غير نمازي کي ڌيان ڏيارڻ چاهي، مثال طور: ٻاهر جي ويجهو وڃڻ کان روڪڻ لاءِ ڪنهن کي توجهہ ڏيارڻي هجي تہ مرد کي ”سبحان الله“ چوڻ گهرجي ۽ عورت کي تاڙي وڄائي توجهہ ڏيارڻ جي اجازت آهي.**

عَنْ اَبِيْ هُرَيْرَةَ ﷺ قَالَ : قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ ((اَلتَّسْبِيْحُ لِلرِّجَالِ وَ التَّصْفِيْقُ لِلنِّسَاءِ)) مُتَّفَقٌ عَلَيْهِ (٣)

حضرت ابوهريره ﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو، (نماز ۾ ڪا ضرورت پيش اچڻ تي) مردن کي ”سبحان الله“ چوڻ ۽ عورت کي تاڙي وڄائڻ گهرجي.“ (بخاري ۽ مسلم)

---

(١) صحيح سنن ابي داؤد ، للالباني ، الجزء الاول ، رقم الحديث ٨١٤
(٢) اللؤلؤوالمرجان ، الجزء الاول ، رقم الحديث ٣١٨
(٣) اللؤلؤوالمرجان ، الجزء الاول ، رقم الحديث ٢٤٤

هئو. (بخاري)

## مسئلو 277 بوٽ نجاست کان پاڪ هجن تہ بوٽن سميت نماز پڙهڻ جائز آهي.

عَنْ سَعِيْدِ بْنِ زَيْدٍ رضي الله عنه قَالَ : سَأَلْتُ اَنَسًا اَكَانَ النَّبِيُّ ﷺ يُصَلِّيْ فِيْ نَعْلَيْهِ؟ قَالَ : نَعَمْ مُتَّفَقٌ عَلَيْهِ (١)

حضرت سعيد بن زيد رضي الله عنه کان روايت آهي تہ مون حضرت انس رضي الله عنه کان پڇيو تہ "ڇا رسول الله ﷺ بوٽن سميت نماز پڙهندا هئا؟" هن جواب ڏنو تہ "ها".
(بخاري ۽ مسلم)



(١) اللؤلؤ والمرجان ، الجزء الاول ، رقم الحديث ٣٢٥

# اَلْمَمْنُوْعَاتُ فِي الصَّلاَةِ

# نماز ۾ ممنوع ڪمن جا مسئلا

**مسئلو 278** نماز ۾ چيلهه تي هٿ رکڻ جي منع آهي.

عَنْ اَبِيْ هُرَيْرَةَ رضي الله عنه قَالَ : نَهٰى رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ عَنِ الْخَصْرِ فِي الصَّلاَةِ . مُتَّفَقٌ عَلَيْهِ(١)

حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ نماز ۾ چيلهه تي هٿ رکڻ کان منع فرمايو آهي. (بخاري ۽ مسلم)

**مسئلو 279** نماز ۾ آڱرين مان آواز ڪيڻ يا آڱرين ۾ آڱريون وجهڻ منع آهي.

عَنْ كَعْبِ بْنِ عُجْرَةَ رضي الله عنه قَالَ : قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ ((اِذَا تَوَضَّأَ اَحَدُكُمْ فَأَحْسَنَ وُضُوْءَهُ ثُمَّ خَرَجَ عَامِدًا اِلَى الْمَسْجِدِ فَلاَ يُشَبِّكَنَّ بَيْنَ اَصَابِعِهِ فَاِنَّهُ فِي الصَّلاَةِ)) رَوَاهُ اَحْمَدُ وَالتِّرْمِذِيُّ وَاَبُوْدَاوُدَ وَالنَّسَائِيُّ(٢) (صحيح)

حضرت ڪعب بن عجره رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو. "جڏهن توهان مان ڪو وضو ڪري مسجد ڏانهن وڃي ته رستي ۾ آڱريون آڱرين ۾ وجهي نه هلي ڇو جو هو حالت نماز ۾ هوندو آهي."

(احمد، ترمذي، ابوداؤد ۽ نسائي)

**مسئلو 280** نماز ۾ ڊگهاسي ڏيڻ کان ڪوشش ڪري پرهيز ڪرڻ جو حڪم آهي.

عَنْ اَبِيْ سَعِيْدِ نِ الْخُدْرِيِّ رضي الله عنه قَالَ : قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ ((اِذَا تَثَاءَبَ اَحَدُكُمْ فِي الصَّلاَةِ فَلْيَكْظِمْ مَا اسْتَطَاعَ فَاِنَّ الشَّيْطَانَ يَدْخُلُ)) رَوَاهُ مُسْلِمٌ (٣)

---

(١) صحيح بخاري ، كتاب العمل في الصلاة ، باب الحضر في الصلاة

(٢) صحيح سنن ابي داؤد ، للالباني ، الجزء الاول ، رقم الحديث ٥٢٦

(٣) مختصر صحيح مسلم ، للالباني ، رقم الحديث ٣٤٥

حضرت ابوسعيد خدري ﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو، ”جڏهن ڪنهن کي نماز ۾ اوباسي اچي تہ ان کي ڪوشش ڪري روڪي ڇو جو ان ان وقت شيطان وات ۾ داخل ٿئي ٿو.“ (مسلم)

**مسئلو 281 نماز ۾ نگاهون آسمان ڏانهن ڪڻ جي منع آهي.**

عَنْ اَبِيْ هُرَيْرَةَ ﷺ قَالَ : قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ ((لَيَنْتَهِيَنَّ اَقْوَامٌ عَنْ رَفْعِهِمْ اَبْصَارَهُمْ عِنْدَ الدُّعَاءِ فِي الصَّلاَةِ اِلَى السَّمَاءِ اَوْ لَيُخْطَفَنَّ اَبْصَارُهُمْ)) رَوَاهُ مُسْلِمٌ (١)

حضرت ابوهريره ﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو، ”ماڻهن کي نماز جي حالت ۾ نگاهون آسمان ڏانهن کڻ نہ گهرجن نہ تہ انهن جون نگاهون (نظرون) ختم ٿي وينديون“. (مسلم)

**مسئلو 282 نماز ۾ منهن ڍڪڻ منع آهي.**

**مسئلو 283 نماز ۾ ڪپڙو ٻنهي ڪلهن ۾ اهڙي طرح لٽڪائڻ جو ان جون ٻئي ڪنڊون سڌيون زمين ڏانهن هجن. ان کي ”سدل“ چئجي ٿو ۽ ان جي منع آهي.**

**وضاحت** تفصيل لاءِ ڏسو حديث، مسئلو نمبر 67

**مسئلو 284: نماز ۾ ڪپڙا يا وار ٺيڪ ڪرڻ يا بنا عذر ڪا بہ حرڪت ڪرڻ منع آهي.**

**وضاحت** تفصيل لاءِ ڏسو حديث مسئلو نمبر 216

**مسئلو 285 سجدي جي جاءِ تان بار بار پٿريون هٽائڻ جي منع آهي.**

**وضاحت** تفصيل لاءِ ڏسو حديث، مسئلو نمبر 268

**مسئلو 286 نماز ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ منع آهي.**

عَنْ اَبِيْ ذَرٍّ ﷺ قَالَ : قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ ((لاَ يَزَالُ اللّٰهُ مُقْبِلاً عَلَى الْعَبْدِ فِي الصَّلاَةِ مَا لَمْ يَلْتَفِتْ فَإِذَا صَرَفَ وَجْهَهُ انْصَرَفَ عَنْهُ)) رَوَاهُ اَحْمَدُ وَ اَبُوْدَاؤُدَ وَالنَّسَائِيُّ وَ ابْنُ خُزَيْمَةَ (٢) (حسن)

---

(١) مختصر صحيح مسلم ، للالباني ، رقم الحديث ٢٣٦

(٢) صحيح الترغيب والترهيب ، للالباني ، الجزء الاول ، رقم الحديث ٥٥٥

# فَضْلُ السُّنَنِ وَالنَّوَافِلِ

# سنتن ۽ نفلن جي فضيلت

**مسئلو 289** ظهر نماز کان پهرين چار، بعد ۾ ٻه، سانجهي نماز کان پوءِ ٻه، عشاء نماز کان پوءِ ٻه ۽ فجر نماز کان پهرئين ٻه رڪعتون (ڪل ٻارنهن رڪعتون) سنت (موڪده) پڙهڻ وارن لاءِ الله تعاليٰ جنت ۾ گهر ٺاهي ٿو.

عَنْ عَائِشَةَ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا قَالَتْ : قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ ((مَنْ ثَابَرَ عَلٰى ثِنْتَيْ عَشْرَةَ رَكْعَةً مِنَ السُّنَّةِ بَنَى اللّٰهُ لَهُ بَيْتًا فِي الْجَنَّةِ اَرْبَعِ رَكْعَاتٍ قَبْلَ الظُّهْرِ وَ رَكْعَتَيْنِ بَعْدَهَا وَ رَكْعَتَيْنِ بَعْدَ الْمَغْرِبِ وَ رَكْعَتَيْنِ بَعْدَ الْعِشَاءِ وَ رَكْعَتَيْنِ قَبْلَ الْفَجْرِ)) رَوَاهُ التِّرْمِذِيُّ وَابْنُ مَاجَةَ (١) (صحيح)

حضرت عائشة رضي الله عنها کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو، "جيڪو شخص باقاعدگي سان ٻارهن رڪعتون سنتون ادا ڪري ٿو ته الله تعاليٰ ان لاءِ جنت ۾ گهر ٺاهي ٿو. نماز ظهر کان اڳ چار رڪعتون، نماز ظهر کان پوءِ ٻه رڪعتون، نماز مغرب کانپوءِ ٻه رڪعتون ، نماز عشاء کانپوءِ ٻه رڪعتون ۽ نماز فجر کان پهرئين ٻه رڪعتون". (ترمذي ۽ ابن ماجه)

**مسئلو 290** فجر نماز کان پهرئين ٻه رڪعتون سنت سڄي دنيا ۾ جيڪي ڪجهه آهي ان کان قيمتي آهن.

عَنْ عَائِشَةَ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا قَالَتْ : قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ ((رَكْعَتَا الْفَجْرِ خَيْرٌ مِنَ الدُّنْيَا وَ مَا فِيْهَا)) رَوَاهُ التِّرْمِذِيُّ (٢) (صحيح)

حضرت عائشة رضي الله عنها کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو، "فجر (نماز) جون ٻه رڪعتون (سنت موڪده) دنيا ۽ جيڪي ڪجهه ان ۾ آهي ان کان بهتر آهن." (ترمذي)

---

(١) صحيح سنن الترمذي، للالباني، الجزء الاول، رقم الحديث ٣٣٨

(٢) صحيح سنن الترمذي، للالباني، الجزء الاول، رقم الحديث ٣٤٠

**مسئلو 291** ظهر نماز کان اڳ چار رڪعتون سنت ادا ڪرڻ وارن لاءِ آسمان جا دروازا کوليا وڃن ٿا.

**وضاحت** تفصيل لاءِ ڏسو حديث مسئلو نمبر 305

**مسئلو 292** ظهر نماز کان پهرئين چار ۽ بعد ۾ چار رڪعتون سنت ادا ڪرڻ وارن تي الله تعاليٰ دوزخ جي باهه حرام ڪري ڇڏي ٿو.

عَنْ أُمِّ حَبِيبَةَ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا عَنِ النَّبِيِّ ﷺ قَالَ ((مَنْ صَلّٰى قَبْلَ الظُّهْرِ أَرْبَعًا وَ بَعْدَهَا أَرْبَعًا حَرَّمَهُ اللّٰهُ عَلَى النَّارِ)) رَوَاهُ ابْنُ مَاجَةَ (١) (صحيح)

حضرت ام حبيبه رضي الله عنها کان روايت آهي ته نبي اڪرم ﷺ فرمايو، "جيڪو شخص ظهر (نماز) کان پهرئين چار رڪعتون ۽ پوءِ چار رڪعتون (سنتون) ادا ڪري الله تعاليٰ ان تي باهه حرام ڪري ڇڏي ٿو." (ابن ماجه)

**مسئلو 293** عصر نماز کان پهرئين چار رڪعتون (سنت غير موڪده) پڙهڻ واري تي الله تعاليٰ رحم فرمائي ٿو.

عَنِ ابْنِ عُمَرَ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا عَنِ النَّبِيِّ ﷺ قَالَ (( رَحِمَ اللّٰهُ امْرَءً صَلّٰى قَبْلَ الْعَصْرِ أَرْبَعًا )) رَوَاهُ التِّرْمِذِيُّ (٢) (حسن)

حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنهما کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو، "جنهن ماڻهو عصر (نماز) کان پهرئين چار رڪعتون پڙهيون الله تعاليٰ ان تي رحم فرمائي ٿو." (ترمذي)

**مسئلو 294** چاشت نماز جون چار رڪعتون ادا ڪرڻ واري جي سڄي ڏينهن جا سڀ ڪم الله تعاليٰ پنهنجي ذمي وٺي ٿو.

**وضاحت** تفصيل لاءِ ڏسو حديث مسئلو 499

**مسئلو 295** نماز تراويح جي نماز گذريل سڀني صغيره گناهن جي مغفرت جو باعث ٿئي ٿي.

**وضاحت** تفصيل لاءِ ڏسو حديث مسئلو نمبر 391

---

(١) صحيح سنن ابن ماجة، للالباني، الجزء الاول، رقم الحديث ٩٠١

(٢) صحيح سنن الترمذي، للالباني، الجزء الاول، رقم الحديث ٣٥٤

اڳي ٻه رڪعتون نماز پڙهندا هئا. پوءِ وري ماڻهن کي عشاءِ نماز پڙهائيندا هئا ۽ واپس منهنجي گهر اچي ٻه رڪعتون پڙهندا هئا. حضور اڪرم ﷺ رات جي نماز (قيام الليل) 9 رڪعتون پڙهندا هئا، جن ۾ وتر به شامل آهي. حضور اڪرم ﷺ رات جو ڪافي حصو ويهي ۽ ڪافي حصو ويهي نماز پڙهندا هئا. جڏهن بيهي قرائت فرمائيندا هئا ته رڪوع ۽ سجدا به بيهي ڪندا هئا ۽ جڏهن ويهي قرائت فرمائيندا هئا ته رڪوع ۽ سجدا به ويهي ادا ڪندا هئا. جڏهن فجر طلوع ٿيندو هئو ته ٻه رڪعتون ادا فرمائيندا هئا". (مسلم)

**مسئلو 303** ظهر نماز کان اڳ ٻه سنتون ادا ڪرڻ سنت کان ثابت آهن.

عَنِ ابْنِ عُمَرَ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا قَالَ: صَلَّيْتُ مَعَ رَسُوْلِ اللّٰهِ ﷺ قَبْلَ الظُّهْرِ سَجْدَتَيْنِ وَ بَعْدَهَا سَجْدَتَيْنِ وَ بَعْدَ الْمَغْرِبِ سَجْدَتَيْنِ وَ بَعْدَ الْعِشَاءِ سَجْدَتَيْنِ وَ بَعْدَ الْجُمُعَةِ سَجْدَتَيْنِ فَأَمَّا الْمَغْرِبُ وَالْعِشَاءُ وَالْجُمُعَةُ فَصَلَّيْتُ مَعَ النَّبِيِّ فِيْ بَيْتِهِ . رَوَاهُ مُسْلِمٌ (١)

حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنهما کان روايت آهي ته مون رسول الله ﷺ سان گڏ ظهر نماز کان اڳ ٻه رڪعتون ۽ ظهر نماز کانپوءِ ٻه رڪعتون ادا ڪيون. مغرب کان پوءِ ٻه رڪعتون، عشاءِ کان پوءِ ٻه رڪعتون ۽ جمعي (نماز) کانپوءِ ٻه رڪعتون پڙهيون. مغرب، عشاءِ ۽ جمعي جون ٻه رڪعتون نبي اڪرم ﷺ سان گڏ گهر ۾ ادا ڪيون". (مسلم)

**وضاحت** پنجن نمازن ۾ رڪعتن جو تعداد هن طرح آهي.

| نماز | فرض | فرض کان پهرين سنت موڪده | فرض کان پوءِ سنت موڪده |
|---|---|---|---|
| 1. فجر | 2 | 2 | - |
| 2. ظهر | 4 | 4 يا 2 | 2 |
| 3. عصر | 4 | - | - |
| 4. سانجهي | 3 | - | 2 |
| 5. عشاءِ | 4 | - | 2 |

**مسئلو 304** سنتون ۽ نفل ٻه ٻه ڪري ادا ڪرڻ افضل آهن.

---

(١) مختصر صحيح مسلم ، للالباني ، رقم الحديث ٣٧٢

عَنِ ابْنِ عُمَرَ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا عَنِ النَّبِيِّ ﷺ قَالَ ((صَلَاةُ اللَّيْلِ وَ النَّهَارِ مَثْنٰى مَثْنٰى)) رَوَاهُ اَبُوْدَاوُدَ (١) (صحيح)

حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنهما کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو، "رات ۽ ڏينهن جي نماز (نفل) ٻہ ٻہ رڪعتون آهن". (ابو دائود)

**مسئلو 305** هڪ سلام سان چار رڪعتون سنت يا نفل ادا ڪرڻ بہ درست آهن.

عَنْ اَبِيْ اَيُّوْبَ ﷺ عَنِ النَّبِيِّ ﷺ قَالَ ((اَرْبَعٌ قَبْلَ الظُّهْرِ لَيْسَ فِيْهِنَّ تَسْلِيْمٌ تُفْتَحُ لَهُنَّ اَبْوَابُ السَّمَاءِ)) رَوَاهُ اَبُوْدَاوُدَ (٢) (حسن)

حضرت ابو ايوب انصاري ﷺ کان روايت آهي تہ نبي اڪرم ﷺ فرمايو، "ظهر (نماز) کان پهريئين چار رڪعتون (سنتون) جن ۾ سلام نہ هجي ان لاءِ آسمان جا دروازا کوليا وڃن ٿا". (ابوداٿود)

**مسئلو 306** فجر جي سنتن کان پوءِ ٿوري دير ساڄي پاسي ليٽڻ مسنون آهي.

عَنْ اَبِيْ هُرَيْرَةَ ﷺ قَالَ : قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ ((اِذَا صَلّٰى اَحَدُكُمْ رَكْعَتَيِ الْفَجْرِ فَلْيَضْطَجِعْ عَلٰى يَمِيْنِهِ)) رَوَاهُ التِّرْمِذِيُّ وَاَبُوْدَاوُدَ(٣) (صحيح)

حضرت ابوهريره ﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو، "جڏهن توهان مان ڪو ماڻهو ٻہ رڪعتون فجر جون (سنتون) پڙهي تہ ساڄي پاسي ليٽي پئي". (ترمذي ۽ ابو دائود)

**مسئلو 307** جمعي نماز کانپوءِ چار يا ٻہ رڪعتون (سنتون) پڙهڻ مسنون آهن.

**وضاحت** تفصيل لاءِ ڏسو حديث، مسئلو نمبر 357

**مسئلو 308** ظهر نماز جون پهريون چار سنتون جيڪڏهن فرض نماز کان

---

(١) صحيح سنن ابي داؤد، للالباني، الجزء الاول، رقم الحديث ١١٥١

(٢) صحيح سنن ابي داؤد، للالباني، الجزء الاول، رقم الحديث ١١٣٦

(٣) صحيح سنن الترمذي، للالباني، الجزء الاول، رقم الحديث ٣٤٤

پهرئين نہ پڙهي سگهجن تہ فرض کان پوءِ پڙهي سگهجن ٿيون.

عَنْ عَائِشَةَ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا اَنَّ النَّبِيَّ ﷺ كَانَ اِذَا لَمْ يُصَلِّ اَرْبَعًا قَبْلَ الظُّهْرِ ، صَلاَّهُنَّ بَعْدَهَا . رَوَاهُ التِّرْمِذِيُّ (١) (حسن)

حضرت عائشة رضي الله عنها کان روايت آهي، "جڏهن رسول الله ﷺ جي ظهر (نماز جون) پهريون چار سنتون رهجي وينديون هيون تہ ظهر کانپوءِ پڙهندا هئا." (ترمذي)

**مسئلو 309** **عصر نماز کان پهرئين بہ يا چار رڪعتون سنت غير موکده آهن.**

عَنِ ابْنِ عُمَرَ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا قَالَ : قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ ((رَحِمَ اللّٰهُ امْرَأً صَلّٰى قَبْلَ الْعَصْرِ اَرْبَعًا)) رَوَاهُ اَحْمَدُ وَالتِّرْمِذِيُّ وَاَبُوْدَاؤُدَ (٢) (حسن)

حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنهما کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو، "جنهن ماڻهو عصر (نماز) کان پهرئين چار رڪعتون پڙهيون الله تعالى ان تي رحم فرمائيندو". (احمد، ترمذي ۽ ابوداؤد)

**مسئلو 310** **عشاءِ نماز کانپوءِ بہ رڪعتون سنت موکده آهن.**

**وضاحت** تفصيل لاءِ ڏسو حديث، مسئلو نمبر 289

**مسئلو 311** **مغرب (سانجهي) نماز کان پهرئين بہ رڪعتون نماز سنت غير موکده آهن.**

عَنْ عَبْدِاللّٰهِ بْنِ مُغَفَّلٍ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ قَالَ : قَالَ النَّبِيُّ ﷺ ((صَلُّوْا قَبْلَ صَلاَةِ الْمَغْرِبِ رَكْعَتَيْنِ)) قَالَ : فِي الثَّالِثَةِ لِمَنْ شَاءَ ، كَرَاهِيَةَ اَنْ يَتَّخِذَهَا النَّاسُ سُنَّةً . مُتَّفَقٌ عَلَيْهِ(٣)

حضرت عبدالله بن مغفل رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ ٻہ دفعا فرمايو، "مغرب نماز کان پهرئين بہ رڪعتون (سنتون) ادا ڪريو" ٽيون دفعي فرمايو، "جنهن جي دل چاهي پڙهي" حضور اڪرم ﷺ ٽيون دفعي اهي الفاظ ان

---

(١) صحيح سنن الترمذي ، للالباني ، الجزء الاول ، رقم الحديث ٣٥٠

(٢) صحيح سنن ابي داؤد ، للالباني ، الجزء الاول ، رقم الحديث ١١٣٢

(٣) مختصر صحيح بخاري ، للزبيدي ، رقم الحديث ٦١٩

خيال جي ڪري ادا فرمايا ته ڪٿي ماڻهو ان کي سنت موڪده نه ٿاهي ڇڏين.*
(بخاري ۽ مسلم)

**مسئلو 312** جمعي نماز کان پهرئين نفل نماز جو تعداد مقرر نه آهي، جيڪو جيترو چاهي اوترو پڙهي ليڪن ٻه رڪعتون تحية المسجد ادا ڪرڻ ضروري آهن. پوءِ کڻي جمعي نماز جو خطبو هلندو هجي.

**مسئلو 313** جمعي نماز کان پهرئين نماز سنت موڪده ادا ڪرڻ حديث کان ثابت نه آهي.

**وضاحت** تفصيل لاءِ ڏسو حديث، مسئلو نمبر 353 ۽ 352

**مسئلو 314** وتر نماز کان پوءِ ويهي ٻه نفل پڙهڻ سنت کان ثابت آهن.

عَنْ اَبِيْ اُمَامَةَ رضي الله عنه اَنَّ النَّبِيَّ ﷺ كَانَ يُصَلِّيْهِمَا بَعْدَ الْوِتْرِ وَ هُوَ جَالِسٌ يَقْرَأُ فِيْهِمَا اِذَا زُلْزِلَتْ وَ قُلْ يَا اَيُّهَا الْكَافِرُوْنَ. رَوَاهُ اَحْمَدُ (١) (حسن)

حضرت ابو امامه رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ وتر (نماز) کانپوءِ ٻه رڪعتون (نفل نماز) ويهي پڙهندا هئا ۽ انهن ۾ سورة زلزال ۽ سورة ياايها الڪافرون تلاوت فرمائيندا هئا. (احمد)

**مسئلو 315** سنتون ۽ نفل سواري تي ويهي ادا ڪري سگهجن ٿيون.

**مسئلو 316** نماز شروع ڪرڻ کان پهرئين سواريءَ جو رخ قبلي ڏانهن ڪرڻ گهرجي. پوءِ ڀلي ڪهڙي پاسي به ٿي وڃي.

**مسئلو 317** جيڪڏهن سواري جو رُخ قبلي ڏانهن ڪرڻ ممڪن نه هجي ته پوءِ جنهن طرح رُخ هجي نماز ادا ڪرڻ جائز آهي.

**وضاحت** تفصيل لاءِ ڏسو حديث، مسئلو نمبر 423 - 421

**مسئلو 318** سنتن ۽ نفلن ۾ قرآن ڪريم مان ڏسي تلاوت ڪرڻ جائز آهي.

---

(١) مشكوة المصابيح ، للالباني ، الجزء الاول ، رقم الحديث ١٢٧٨

نمازون (يعني سنتون ۽ نفل) گهرن ۾ ادا ڪرڻ افضل آهن.“ (بخاري ۽ مسلم)

**مسئلو 324** فجر نماز کانپوءِ سج بلند ٿيڻ تائين ۽ عصر نماز کانپوءِ سج لهڻ تائين نفلي نماز ادا نہ ڪرڻ گهرجي.

عَنْ اَبِيْ هُرَيْرَةَ رضي الله عنه اَنَّ رَسُوْلَ اللّٰهِ ﷺ نَهٰى عَنِ الصَّلاَةِ بَعْدَ الْعَصْرِ حَتّٰى تَغْرُبَ الشَّمْسُ وَعَنِ الصَّلاَةِ بَعْدَ الصُّبْحِ حَتّٰى تَطْلُعَ الشَّمْسُ . رَوَاهُ مُسْلِمٌ (١)

حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ عصر نماز کانپوءِ نماز پڙهڻ کان منع فرمايو، ايستائين جو سج لهي وڃي ۽ فجر نماز کان پوءِ نماز پڙهڻ کان منع فرمايو آهي، ايستائين جو سج اڀري وڃي. (مسلم)

**مسئلو 325** سفر ۾ سنتون ۽ نفل معاف آهن.

**وضاحت** تفصيل لاءِ ڏسو حديث، مسئلو نمبر 425

(١) مختصر صحيح مسلم، للالباني ، رقم الحديث ٢٦٨

# صَلاَةُ الْقَضَاءِ

# قضا نماز جا مسئلا

**مسئلو 334** اگر ڪنهن سبب جي ڪري نماز وقت تي ادا نہ ڪري سگهجي تہ موقع ملڻ تي يڪدم ادا ڪرڻ گهرجي.

**مسئلو 335** قضا نماز باجماعت ادا ڪرڻ جائز آهي.

عَنْ جَابِرٍ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا اَنَّ عُمَرَ بْنِ الْخَطَّابِ ﷺ جَاءَ يَوْمَ الْخَنْدَقِ بَعْدَ مَا غَرَبَتِ الشَّمْسِ فَجَعَلَ يَسُبُّ كُفَّارَ قُرَيْشٍ قَالَ يَا رَسُوْلَ اللّٰهِ ﷺ مَا كِدْتُ اُصَلِّي الْعَصْرَ حَتّٰى كَادَتِ الشَّمْسُ تَغْرُبُ قَالَ النَّبِيُّ ﷺ ((وَاللّٰهِ مَا صَلَّيْتُهَا)) فَقُمْنَا اِلٰى بُطْحَانَ فَتَوَضَّأْنَا لَهَا فَصَلَّى الْعَصْرَ بَعْدَ مَا غَرَبَتِ الشَّمْسُ ثُمَّ صَلَّى بَعْدَهَا الْمَغْرِبَ. رَوَاهُ الْبُخَارِيُّ(١)

حضرت جابر بن عبدالله رضي الله عنهما کان روايت آهي تہ غزوہ خندق جي ڏينهن حضرت عمر ﷺ سج لهڻ کانپوءِ قريش کي گهٽ وڌ ڳالهائيندا آيا ۽ عرض ڪيو، "يا رسول الله! ﷺ مون سج لهڻ وقت عصر نماز ادا ڪئي." رسول اڪرم ﷺ فرمايو، "والله! مون تہ عصر نماز ادا نہ ڪئي." پوءِ اسان سڀ بطحان (هڪ جاءِ تي) آياسون. حضور ﷺ ۽ اسان سڀني وضو ڪيو ۽ سج لهڻ کانپوءِ پهرئين عصر نماز (باجماعت) پڙهي پوءِ سانجهي نماز ادا ڪئي. (بخاري)

**مسئلو 336** ڀل يا ننڊ جي سبب ڪري نماز قضا ٿي وڃي تہ ياد اچڻ (يا ننڊ مان اک کلڻ تي) يڪدم ادا ڪرڻ گهرجي.

عَنْ اَنَسٍ ﷺ قَالَ : قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ ((مَنْ نَسِيَ صَلاَةً فَلْيُصَلِّ اِذَا ذَكَرَهَا ، لاَ كَفَّارَةَ لَهَا اِلاَّ ذٰلِكَ)) مُتَّفَقٌ عَلَيْهِ(٢)

حضرت انس ﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله فرمايو، "جيڪو شخص

---

(١) مختصر صحيح بخاري، للزبيدي، رقم الحديث ٣٦٥

(٢) اللؤلؤ والمرجان ، الجزء الاول ، رقم الحديث ٣٩٧

نماز پڙهڻ وسري وڃي تہ جڏهن ان کي ياد اچي تہ پڙهي، پل ہر رهيل نماز جو ڪفارو تہ آهي مگر ان کي ادا ڪرڻ ئي ان جو ڪفارو آهي.“ (بخاري ۽ مسلم)

**مسئلو 337 فجر نماز جون پهريون ٻہ سنتون جيڪڏهن فرض نماز کان اڳ نہ پڙهي سگهجن تہ فرض نماز کان يڪدم پوءِ يا سج اڀرڻ کان پوءِ ٻنهي طرح سان ادا ڪرڻ جائز آهي.**

عَنْ قَيْسِ بْنِ عَمْرٍو رضي الله عنه قَالَ رَأَى النَّبِيُّ ﷺ رَجُلاً يُصَلِّيْ بَعْدَ صَلاَةِ الصُّبْحِ رَكْعَتَيْنِ فَقَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ ((صَلاَةُ الصُّبْحِ رَكْعَتَانِ)) فَقَالَ الرَّجُلُ : إِنِّيْ لَمْ أَكُنْ صَلَّيْتُ الرَّكْعَتَيْنِ الَّتَيْنِ قَبْلَهُمَا فَصَلَّيْتُهُمَا اْلآنَ فَسَكَتَ رَسُوْلُ اللّٰهِ . رَوَاهُ أَبُوْدَاوُدَ وَالتِّرْمِذِيُّ (١)

(صحيح)

حضرت قيس بن عمرو رضي الله عنه کان روايت آهي تہ نبي اڪرم ﷺ هڪ ماڻهو کي صبح جي نماز کانپوءِ ٻہ رڪعتون پڙهندي ڏٺو تہ فرمايو، ”صبح جي نماز (فجر) تہ ٻہ رڪعتون آهن“. هن ماڻهو عرض ڪيو، ”مون فرض نماز کان پهرئين جون ٻہ رڪعتون نہ پڙهيون هيون تنهن ڪري هاڻي پڙهي رهيو آهيان.“ رسول الله ﷺ اهو جواب ٻڌي خاموش ٿي ويا (يعني ان جي اجازت ڏني). (ابوداؤد)

**وضاحت** صحابي جي ڪنهن فعل تي رسول الله ﷺ جو خاموش رهڻ محدثين جي اصطلاح ۾ ”سنت تقريري“ آهي.

عَنْ أَبِيْ هُرَيْرَةَ رضي الله عنه قَالَ : قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ ((مَنْ لَّمْ يُصَلِّ رَكْعَتَيِ الْفَجْرِ فَلْيُصَلِّهِمَا بَعْدَ مَا تَطْلُعُ الشَّمْسُ)) رَوَاهُ التِّرْمِذِيُّ (٢) (صحيح)

حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو، ”جنهن فجر جون سنتون نہ پڙهيون اهو سج نڪرڻ کانپوءِ پڙهي“. (ترمذي)

**مسئلو 338 رات جو وتر نہ پڙهيو هجي تہ صبح جي وقت پڙهي سگهجي ٿو.**

**وضاحت** تفصيل لاءِ ڏسو حديث، مسئلو نمبر 381

---

(١) صحيح سنن ابي داؤد ، للالباني ، الجزء الاول ، رقم الحديث ١١٢٨

(٢) صحيح سنن الترمذي، للالباني ، الجزء الاول ، رقم الحديث ٣٤٧

**مسئلو 339 حائضہ (ماهواري واري عورت) لاءِ حيض جي ڏينهن جي نمازن جي قضا نہ آهي.**

عَنْ مُعَاذَةَ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا اَنَّ امْرَأَةً قَالَتْ لِعَائِشَةَ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا اَتَجْزِيْ اِحْدَانَا صَلاَتَهَا اِذَا طَهُرَتْ فَقَالَتْ اَحَرُوْرِيَّةٌ اَنْتِ كُنَّا نَحِيْضُ مَعَ النَّبِيِّ ﷺ فَلاَ يَأْمُرُنَا بِهِ اَوْ قَالَتْ فَلاَ نَفْعَلُهُ . رَوَاهُ الْبُخَارِيُّ (١)

حضرت معاذه رضي الله عنها روايت ڪري ٿي تہ هڪ عورت حضرت عائشة رضي الله عنها کان معلوم ڪيو، "عورت حيض کان پاڪ ٿئي تہ ان کي قضا نمازون پڙهڻ گهرجن؟" حضرت عائشة رضي الله عنها فرمايو، "ڇا تون خارجي (ٻاهر جي) آهين؟ اسان رسول الله ﷺ سان گڏ هونديون هيوسون اسان کي حيض ايندو هو ليڪن اسان کي قضا نمازن جي پڙهڻ جو حڪم نہ ڏنو ويندو هو." يا حضرت عائشة رضي الله عنها هيئن فرمايو، "اسان قضا نماز نہ پڙهندا هئاسون". (بخاري)

**مسئلو 340 جاهليت جي وقت ۾ ڇڏيل نمازن جي قضا (قضا عمري) سنت کان ثابت نہ آهي.**



---

(١) ڪتاب الحيض ، باب لا تقضي الحائض الصلاة

تَهَاوُنًا بِهَا طَبَعَ اللّٰهُ عَلٰى قَلْبِهِ)) رَوَاهُ اَبُوْدَاؤُدَ وَالتِّرْمِذِيُّ وَالنَّسَائِيُّ وَابْنُ مَاجَةَ وَالدَّارِمِيُّ (١)

(صحيح)

حضرت ابو جعد ضمري ﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو، "جنهن شخص ٽن جمعن جون (نمازون) غفلت جي ڪري ڇڏي ڏنيون، الله تعاليٰ ان جي دل تي مهر لڳائي ڇڏي ٿو". (ابوداﺋود، ترمذي، نسائي، ابن ماجہ ۽ دارمي)

**مسئلو 344 غلام، عورت، بيمار، ٻار ۽ مسافر کان سواءِ جمعي (نماز) هر مسلمان تي فرض آهي.**

عَنِ ابْنِ عُمَرَ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا قَالَ : قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ ((لَيْسَ عَلَى الْمُسَافِرِ جُمُعَةٌ)) رَوَاهُ الطَّبْرَانِيُّ (٢) (صحيح)

حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنهما کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو، "مسافر تي جمعي (نماز) نہ آهي". (طبراني)

عَنْ طَارِقِ بْنِ شِهَابٍ ﷺ قَالَ: قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ ((اَلْجُمُعَةُ حَقٌّ وَاجِبٌ عَلٰى كُلِّ مُسْلِمٍ فِيْ جَمَاعَةٍ اِلَّا عَلٰى اَرْبَعَةٍ عَبْدٍ مَمْلُوْكٍ اَوْ اِمْرَاَةٍ اَوْ صَبِيٍّ اَوْ مَرِيْضٍ)) رَوَاهُ اَبُوْدَاؤُدَ (٣)

(صحيح)

حضرت طارق بن شهاب ﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو، "غلام، عورت، ٻار ۽ بيمار کان سواءِ جماعت سان جمعي جي نماز پڙهڻ هر مسلمان تي واجب آهي". (ابوداﺋود)

**مسئلو 345 جمعي جي ڏينهن غسل ڪرڻ، سٺا ڪپڙا پائڻ ۽ خوشبو لڳائڻ مسنون آهي.**

عَنْ اَبِيْ سَعِيْدٍ ﷺ عَنِ النَّبِيِّ ﷺ قَالَ ((اِنَّ الْغُسْلَ يَوْمَ الْجُمُعَةِ عَلٰى كُلِّ مُحْتَلِمٍ وَ السِّوَاكَ وَاَنْ يَمَسَّ مِنَ الطِّيْبِ مَا يَقْدِرُ عَلَيْهِ)) رَوَاهُ النَّسَائِيُّ (٤) (صحيح)

---

(١) صحيح سنن ابي داؤد ، للالباني ، الجزء الاول ، رقم الحديث ٩٢٨

(٢) صحيح الجامع الصغير ، للالباني ، الجزء الخامس ، رقم الحديث ٥٢٨١

(٣) صحيح سنن ابي داؤد ، للالباني ، الجزء الاول ، رقم الحديث ٩٤٢

(٤) صحيح سنن النسائي ، للالباني ، الجزء الاول ، رقم الحديث ١٣١٠

حضرت ابوسعيد ؓ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو، ”هر مسلمان کي جمعي جي ڏينهن غسل ڪرڻ گهرجي ۽ سٺا ڪپڙا پائڻ گهرجن ۽ خوشبو ملي تہ اها بہ لڳائڻ گهرجي“. (نسائي)

**مسئلو 346 جمعي جي ڏينهن رسول الله ﷺ تي ڪثرت سان درود موڪلڻ جو حڪم آهي.**

عَنْ اَبِیْ مَسْعُوْدٍ الْاَنْصَارِیِّ ؓ قَالَ : قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ (( اَكْثِرُوا الصَّلاَةَ عَلَیَّ فِیْ يَوْمِ الْجُمُعَةِ فَإِنَّهُ لَيْسَ يُصَلِّيْ عَلَیَّ اَحَدٌ يَوْمَ الْجُمُعَةِ إِلاَّ عُرِضَتْ عَلَیَّ صَلاَتُهُ )) رَوَاهُ الْحَاكِمُ وَالْبَيْهَقِیُّ(١) (صحيح)

حضرت ابو مسعود انصاري ؓ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو، ”جمعي ڏينهن تي مون تي ڪثرت سان درود موڪليندا ڪريو جيڪو ماڻهو جمعي جي ڏينهن مون تي درود موڪلي ٿو. اهو منهنجي سامهون پيش ڪيو وڃي ٿو.“

(حاڪم ۽ بيهقي)

**مسئلو 347 جمعي (نماز) ۾ ٻہ خطبا آهن، خطبا ويهي ڏيڻ مسنون آهن.**

عَنْ جَابِرِ بْنِ سَمُرَةَ ؓ قَالَ : كَانَتْ لِلنَّبِیِّ ﷺ خُطْبَتَانِ يَجْلِسُ بَيْنَهُمَا يَقْرَأُ الْقُرْآنَ وَ يُذَكِّرُ النَّاسَ . رَوَاهُ مُسْلِمٌ (٢)

حضرت جابر بن سمره ؓ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ (جمعي نماز ۾) ٻہ خطبا ڏيندا هئا ۽ ٻنهي جي وچ ويهندا هئا. خطبي ۾ قرآن پڙهي ماڻهن کي نصيحت فرمائيندا هئا. (مسلم)

**مسئلو 348 امام کي منبر تي چڙهي سڀ کان پهرئين نمازين کي سلام چوڻ گهرجي.**

عَنْ جَابِرٍ ؓ اَنَّ النَّبِیَّ ﷺ كَانَ إِذَا صَعِدَ الْمِنْبَرَ سَلَّمَ . رَوَاهُ ابْنُ مَاجَةَ (٣) (حسن)

حضرت جابر ؓ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جڏهن منبر تي چڙهندا

---

(١) صحيح الجامع الصغير ، للالباني ، الجزء الاول ، رقم الحديث ١٢١٩

(٢) كتاب الجمعة ، باب ذكر الخطبتين قبل الصلاة

(٣) صحيح سنن ابن ماجة ، للالباني ، الجزء الاول ، رقم الحديث ٩١٠

هجن تہ چار جيڪڏهن گهر ۾ ادا ڪرڻيون هجن تہ بہ ادا ڪري سگهجن.

عَنْ اَبِيْ هُرَيْرَةَ ﷺ اَنَّ النَّبِيَّ ﷺ قَالَ ((إِذَا صَلَّى اَحَدُكُمُ الْجُمُعَةَ فَلْيُصَلِّ بَعْدَهَا اَرْبَعًا)) رَوَاهُ اَحْمَدُ وَ مُسْلِمٌ وَ اَبُوْدَاؤُدَ وَالنَّسَائِيُّ وَالتِّرْمِذِيُّ وَابْنُ مَاجَةَ (١)

حضرت ابوهريره ﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو، "جمعي(نماز) پڙهو تہ ان کانپوءِ چار رڪعتون نماز ادا ڪريو".

(احمد، مسلم، ابوداؤد، نسائي، ترمذي ۽ ابن ماجہ)

عَنِ ابْنِ عُمَرَ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا اَنَّهُ كَانَ إِذَا صَلَّى الْجُمُعَةَ اِنْصَرَفَ فَسَجَدَ سَجْدَتَيْنِ فِيْ بَيْتِهِ ثُمَّ قَالَ كَانَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ يَصْنَعُ ذٰلِكَ. رَوَاهُ مُسْلِمٌ (٢)

حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنهما جمعي نماز پڙهي پنهنجي گهر واپس اچي بہ رڪعتون ادا ڪندا ۽ فرمائيندا هئا تہ رسول الله ﷺ ائين ڪندا هئا. (مسلم)

**مسئلو 358** جمعي جي نماز ڳوٺ ۾ بہ ادا ڪري سگهجي.

عَنِ ابْنِ عَبَّاسٍ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا قَالَ : اِنَّ اَوَّلَ جُمُعَةٍ جُمِّعَتْ بَعْدَ جُمُعَةٍ فِيْ مَسْجِدِ رَسُوْلِ اللّٰهِ ﷺ فِيْ مَسْجِدِ عَبْدِالْقَيْسِ بِجُوَاثٰى مِنَ الْبَحْرَيْنِ. رَوَاهُ الْبُخَارِيُّ (٣)

حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما فرمائين ٿا تہ مسجد نبوي کان پوءِ سڀ کان پهرئين جمعي نماز بحرين جي ڳوٺ جوائي جي مسجد عبدالقيس ۾ پڙهي وئي. (بخاري)

**مسئلو 359** جيڪڏهن جمعي جي ڏينهن عيد ٿئي تہ ٻئي پڙهڻ بهتر آهن، ليڪن عيد نماز پڙهڻ کانپوءِ جمعي نماز بدران صرف ظهر جي نماز ادا ڪئي وڃي تہ بہ صحيح آهي.

عَنْ اَبِيْ هُرَيْرَةَ ﷺ عَنْ رَسُوْلِ اللّٰهِ ﷺ اَنَّهُ قَالَ (( قَدِ اجْتَمَعَ فِيْ يَوْمِكُمْ هٰذَا عِيْدَانِ فَمَنْ شَاءَ اَجْزَاَهُ مِنَ الْجُمُعَةِ وَ اِنَّا مُجَمِّعُوْنَ)) رَوَاهُ اَبُوْدَاؤُدَ وَابْنُ مَاجَةَ (٤) (صحيح

---

(١) صحيح مسلم ، كتاب الجمعة ، باب الصلاة بعد الجمعة

(٢) مختصر صحيح مسلم ، للالباني ، رقم الحديث ٤٢٤

(٣) كتاب الجمعة ، باب الجمعة في القرى والمدن

(٤) صحيح سنن ابي داؤد ، للالباني ، الجزء الاول ، رقم الحديث ٩٤٨

حضرت ابوهريره ﷺ رسول الله ﷺ کان روايت ڪئي آهي تہ نبي اڪرم ﷺ فرمايو، توهان جون اڄ جي ڏينهن ۾ عيدون (هڪ عيد ۽ ٻيو جمعو) گڏ ٿيون آهن. جنهن کي وڻي ان لاءِ جمعي (نماز) جي بدران عيد (نماز) ئي ڪافي آهي، ليڪن اسان ٻئي (يعني عيد ۽ جمعو) پڙهندا سون. (ابوداؤد ۽ ابن ماجہ)

**مسئلو 360** جمعي نماز پڙهڻ کانپوءِ احتياطاً ظهر نماز پڙهڻ ڪنهن حديث کان ثابت نہ آهي.

**مسئلو 361** جمعي کان پوءِ ويهي بلند آواز سان اجتماعي درود و سلام پڙهڻ ۽ جمعي نماز کانپوءِ اجتماعي دعا ڪرڻ سنت کان ثابت نہ آهي.



جي قرائت ۾ فرشتا حاضر هجن ٿا ۽ اهو وقت افضل آهي.“

(احمد، مسلم،ترمذي ۽ ابن ماجہ)

**مسئلو 366 نماز وتر سنت موڪده آهي، واجب نہ آهي.**

عَنْ عَلِيٍّ ﷺ قَالَ : اَلْوِتْرُ لَيْسَ بِحَتْمٍ كَهَيْئَةِ الْمَكْتُوبَةِ وَ لٰكِنَّهُ سُنَّةٌ سَنَّهَا رَسُولُ اللّٰهِ ﷺ. رَوَاهُ النَّسَائِيُّ (١) (صحيح)

حضرت علي ﷺ فرمائين ٿا تہ وتر(نماز) فرض واٽگر ضروري نہ آهي ليڪن سنت آهي جنهن جو حڪم رسول الله ﷺ ڏنو آهي. (نسائي)

**مسئلو 367 سنتون ۽ نفل سواري تي پڙهڻ جائز آهن.**

عَنِ ابْنِ عُمَرَ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا قَالَ كَانَ النَّبِيُّ ﷺ يُصَلِّيْ فِي السَّفَرِ عَلٰى رَاحِلَتِهٖ حَيْثُ تَوَجَّهَتْ بِهٖ يُوْمِيْ اِيْمَاءً صَلَاةَ اللَّيْلِ اِلَّا الْفَرَائِضَ يُوْتِرُ عَلٰى رَاحِلَتِهٖ. رَوَاهُ الْبُخَارِيُّ (٢)

حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنهما فرمائين ٿا تہ سفر جي دوران نبي اڪرم ﷺ پنهنجي سواري تي اشاري سان رات جي نماز ادا فرمائيندا هئا. جيڏانهن بہ سواري جو رخ هوندو هو، وتر بہ سواري تي ادا فرمائيندا هئا ليڪن فرض نماز ادا نہ فرمائيندا هئا. (بخاري)

**مسئلو 368 نماز وتر جو تعداد هڪ، ٽي ۽ پنج آهي جنهن ڪي جيترو وڻي پڙهي.**

عَنْ اَبِيْ اَيُّوْبَ ﷺ قَالَ : قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ ((اَلْوِتْرُ حَقٌّ عَلٰى كُلِّ مُسْلِمٍ فَمَنْ اَحَبَّ اَنْ يُّوْتِرَ بِخَمْسٍ فَلْيَفْعَلْ وَ مَنْ اَحَبَّ اَنْ يُّوْتِرَ بِثَلَاثٍ فَلْيَفْعَلْ وَ مَنْ اَحَبَّ اَنْ يُّوْتِرَ بِوَاحِدَةٍ فَلْيَفْعَلْ)) رَوَاهُ اَبُوْدَاؤدَ وَالنَّسَائِيُّ وَابْنُ مَاجَةَ (٣) (صحيح)

حضرت ابو ايوب ﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو، ”وتر پڙهڻ هر مسلمان جو ذمو آهي، ليڪن جيڪو پسند ڪري اهو پنج پڙهي، جيڪو پسند ڪري اهو ٽي پڙهي ۽ جيڪو پسند ڪري اهو هڪ پڙهي.“

(ابوداؤد، نسائي ۽ ابن ماجہ)

---

(١) صحيح سنن النسائي ، للالباني ، الجزء الاول ، رقم الحديث ١٥٨٢

(٢) كتاب الوتر ، باب الوتر في السفر

(٣) صحيح سنن ابي داؤد ، للالباني ، الجزء الاول ، رقم الحديث ١٢٦٠

**مسئلو 371** وتر نماز ۾ دعا قنوت رڪوع کان پهرئين ۽ پوءِ ٻنهي طرح سان پڙهڻ جائز آهي.

عَنْ اُبَيِّ بْنِ كَعْبٍ رضي الله عنه اَنَّ رَسُوْلَ اللهِ ﷺ كَانَ يُوْتِرُ فَيَقْنُتُ قَبْلَ الرُّكُوْعِ . رَوَاهُ ابْنُ مَاجَةَ (١) (صحيح)

حضرت ابي بن ڪعب رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ وتر ۾ دعا قنوت رڪوع کان پهرئين پڙهي. (ابن ماجه)

عَنْ اَنَسِ بْنِ مَالِكٍ رضي الله عنه قَالَ : قَنَتَ رَسُوْلُ اللهِ ﷺ بَعْدَ الرُّكُوْعِ. رَوَاهُ ابْنُ مَاجَةَ(٢) (صحيح)

حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنه کان روايت آهي ته نبي اڪرم ﷺ رڪوع کان پوءِ دعا قنوت گهري. (ابن ماجه)

**مسئلو 372** ضرورت مطابق دعا قنوت سڀني نمازن يا ڪجهه نمازن جي آخري رڪعت ۾ رڪوع کان پوءِ پڙهي سگهجي ٿي.

**مسئلو 373** قنوت پڙهڻ واجب نه آهي.

**مسئلو 374** قنوت کانپوءِ ٻيون دعائون به گهري سگهجن ٿيون.

**مسئلو 375** ضرورت مطابق دعاءِ قنوت ٻنا ڪنهن مقرر ٽيل ٽائيم (حد) تائين گهري سگهجي ٿي.

**مسئلو 376** جڏهن امام بلند آواز سان قنوت پڙهي ته مقتدين کي بلند آواز سان آمين چوڻ گهرجي.

عَنِ ابْنِ عَبَّاسٍ رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا قَالَ : قَنَتَ رَسُوْلُ اللهِ ﷺ شَهْرًا مُتَتَابِعًا فِي الظُّهْرِ وَالْعَصْرِ وَالْمَغْرِبِ وَالْعِشَاءِ وَ صَلَاةِ الصُّبْحِ إِذَا قَالَ سَمِعَ اللهُ لِمَنْ حَمِدَهُ مِنَ الرَّكْعَةِ الْآخِرَةِ يَدْعُوْ عَلَى اَحْيَاءٍ مِنْ بَنِيْ سُلَيْمٍ عَلَى رِعْلٍ وَ ذَكْوَانَ وَ عُصَيَّةَ وَ يُؤَمِّنُ مِنْ خَلْفَهُ. رَوَاهُ اَبُوْدَاؤُدَ (حسن)

---

(١) صحيح سنن ابن ماجة، للالباني، الجزء الاول، رقم الحديث ٩٧٠

(٢) صحيح سنن ابن ماجة، للالباني، الجزء الاول، رقم الحديث ٩٧٢

(٣) صحيح سنن ابي داؤد، للالباني، الجزء الاول، رقم الحديث ١٢٨٠

حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي، تہ "رسول الله ﷺ هڪ مهينو مسلسل ظهر، عصر، مغرب، عشاء ۽ فجر نماز جي آخري رڪعت ۾ (حالت قومہ ۾) "سمع الله لمن حمده" چوڻ کانپوءِ بني سليم جي قبيلي رعل، ذڪوان ۽ عصية لاءِ بددعا فرمائيندا رهيا ۽ مقتدي آمين چوندا هئا." (ابوداؤد)

عَنْ أَنَسٍ رضي الله عنه أَنَّ النَّبِيَّ ﷺ قَنَتَ شَهْرًا ثُمَّ تَرَكَهُ. رَوَاهُ أَبُوْدَاوُدَ(١) (صحيح)

حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ هڪ مهيني تائين قنوت پڙهي پوءِ ترڪ فرمائي. (ابو داؤد)

**مسئلو 377 دعا قنوت جيڪا نبي اڪرم ﷺ حضرت حسن بن علي رضي الله عنهما کي وترن ۾ پڙهڻ لاءِ سيکاري اها هي آهي.**

عَنِ الْحَسَنِ بْنِ عَلِيٍّ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا قَالَ : عَلَّمَنِيْ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ كَلِمَاتٍ أَقُوْلُهُنَّ فِي الْقُنُوْتِ الْوِتْرِ ((اَللّٰهُمَّ اهْدِنِيْ فِيْمَنْ هَدَيْتَ ، وَ عَافِنِيْ فِيْمَنْ عَافَيْتَ وَ تَوَلَّنِيْ فِيْمَنْ تَوَلَّيْتَ ، وَبَارِكْ لِيْ فِيْمَا أَعْطَيْتَ ، وَقِنِيْ شَرَّ مَا قَضَيْتَ فَإِنَّكَ تَقْضِيْ وَلاَ يُقْضٰى عَلَيْكَ ، إِنَّهُ لاَ يَذِلُّ مَنْ وَّالَيْتَ ، وَ لاَ يَعِزُّ مَنْ عَادَيْتَ ، تَبَارَكْتَ رَبَّنَا وَ تَعَالَيْتَ )) رَوَاهُ النِّسَائِيُّ(٢) (صحيح)

حضرت حسن بن علي رضي الله عنهما کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ مون کي وتر (نماز) ۾ پڙهڻ لاءِ هي دعا قنوت سيکاري، "يا الله! مون کي هدايت ڏي ۽ هدايت يافتہ ماڻهن ۾ شامل فرماءِ. مون کي عافيت عطا فرماءِ ۽ انهن ماڻهن ۾ شامل فرماءِ جن کي تو عافيت عطا فرمائي آهي. مون کي پنهنجو دوست ٺاهہ ۽ انهن ماڻهن ۾ شامل فرماءِ جن کي تو پنهنجو دوست ٺاهيو آهي. جيڪي نعمتون تو مون کي ڏنيون آهن، تن ۾ برڪت عطا فرماءِ، ان برائي (تڪليف) کان مون کي محفوظ رک جنهن جو تو فيصلو ڪيو آهي. بيشڪ فيصلو ڪرڻ وارو تون ئي آهين ۽ تنهنجي خلاف فيصلو نہ ٿو ڪيو وڃي. جنهن کي تو دوست رکيو اهو ڪڏهن بہ ذليل نہ ٿو ٿئي ۽ جنهن سان تون دشمني رکين اهو ڪڏهن بہ عزت حاصل ڪري نہ ٿو سگهي. اي اسان جا پروردگار! تنهن جي ذات وڏي بابرڪت، بلند و بالا آهي ۽ نبي اڪرم ﷺ تي رحمتون هجن (آمين). (نسائي)

---

(١) صحيح سنن ابي داؤد ، للالباني ، الجزء الاول ، رقم الحديث ١٢٨٢

(٢) صحيح سنن النسائي، للالباني ، الجزء الاول ، رقم الحديث ١٦٤٨

**مسئلو 378** وترن ۾ پڙهڻ جي هي مسنون دعا .

عَنْ عَلِيِّ بْنِ أَبِيْ طَالِبٍ رضي الله عنه أَنَّ النَّبِيَّ صلى الله عليه وسلم كَانَ يَقُوْلُ فِيْ آخِرِ وِتْرِهِ ((اَللّٰهُمَّ إِنِّيْ أَعُوْذُ بِكَ بِرِضَاكَ مِنْ سَخَطِكَ وَ بِمُعَافَاتِكَ مِنْ عُقُوْبَتِكَ وَ أَعُوْذُ بِكَ مِنْكَ لاَ أُحْصِيْ ثَنَاءً عَلَيْكَ أَنْتَ كَمَا أَثْنَيْتَ عَلٰى نَفْسِكَ)) رَوَاهُ النَّسَائِيُّ (١) (صحيح)

حضرت علي بن ابو طالب رضي الله عنه کان روايت آهي ته نبي اڪرم صلى الله عليه وسلم پنهنجي وتر ۾ هي دعا گهرندا هئا. "يا الله مان تنهنجي رضا جي واسطي سان تنهنجي غضب کان پناهه طلب ڪريان ٿو. تنهن جي عافيت جي ذريعي تنهنجي عذاب کان پناهه گهران ٿو. (هر معاملي ۾) تنهنجي پناهه جو طالب آهيان. مان تنهنجي تعريف نه ٿو ڪري سگهان تون يقيناً اهڙو ئي آهين جهڙي تو پنهنجي تعريف ڪئي آهي". (نسائي)

**مسئلو 379** ٽن رڪعتن وتر ۾ پهرئين رڪعت ۾ سورة اعلي ٻي ۾ سورة الڪافرون ۽ ٽئين ۾ سورة اخلاص پڙهڻ مسنون آهي.

عَنْ أُبَيِّ بْنِ كَعْبٍ رضي الله عنه أَنَّ النَّبِيَّ صلى الله عليه وسلم كَانَ يَقْرَأُ فِي الْوِتْرِ ﴿سَبِّحِ اسْمَ رَبِّكَ الْأَعْلٰى﴾ وَ فِي الرَّكْعَةِ الثَّانِيَةِ ﴿قُلْ يَا أَيُّهَا الْكَافِرُوْنَ﴾ وَ فِي الثَّالِثَةِ ﴿قُلْ هُوَ اللّٰهُ أَحَدٌ﴾ وَ لاَ يُسَلِّمُ إِلاَّ فِيْ آخِرِهِنَّ . رَوَاهُ النَّسَائِيُّ (٢) (صحيح)

حضرت ابي بن ڪعب رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله صلى الله عليه وسلم وتر (نماز) جي پهرئين رڪعت ۾ سورة اعلي ٻي رڪعت ۾ سورة الڪافرون ۽ ٽئين رڪعت ۾ سورة اخلاص تلاوت فرمائيندا هئا ۽ سلام آخري رڪعت ۾ ڦيرائيندا هئا. (نسائي)

**مسئلو 380** وتر پڙهڻ کانپوءِ ٽي دفعا ((سُبْحَانَ الْمَلِكِ الْقُدُّوْسِ)) پڙهڻ مسنون آهي.

عَنْ أُبَيِّ بْنِ كَعْبٍ رضي الله عنه كَانَ رَسُوْلُ اللّٰهِ صلى الله عليه وسلم يَقُوْلُ إِذَا سَلَّمَ ((سُبْحَانَ الْمَلِكِ الْقُدُّوْسِ)) ثَلاَثَ مَرَّاتٍ يُطِيْلُ فِيْ آخِرِهِنَّ . رَوَاهُ النَّسَائِيُّ (٣) (صحيح)

---

(١) صحيح سنن النسائي ، للالباني ، الجزء الاول ، رقم الحديث ١٦٤٨

(٢) صحيح سنن النسائي ، للالباني ، الجزء الاول ، رقم الحديث ١٦٠٦

(٣) صحيح سنن النسائي ، للالباني ، الجزء الاول ، رقم الحديث ١٦٠٤

حضرت ابي بن كعب رضي الله عنه كان روايت آهي ته رسول الله ﷺ وتر (نماز كانپوءِ) سلام ورائڻ بعد ٽي دفعا ((سُبْحَانَ الْمَلِكِ الْقُدُّوْسِ)) فرمائيندا هئا ۽ ٽئين دفعي پنهنجو آواز بلند كندا هئا. (نسائي)

**مسئلو 381 جيكو شخص وتر نماز رات جو پوئين پهر ۾ ادا كرڻ جي نيت سان سمهي پيو ليكن اٿي نه سگهيو ته هو صبح جو سج اڀرڻ كانپوءِ ادا كري سگهي ٿو.**

عَنْ زَيْدِ بْنِ أَسْلَمَ رضي الله عنه قَالَ : قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ ((مَنْ نَامَ عَنْ وِتْرِهِ فَلْيُصَلِّ إِذَا أَصْبَحَ)) رَوَاهُ التِّرْمِذِيُّ (١) (صحيح)

حضرت زيد بن اسلم رضي الله عنه كان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو "جو (شخص) وتر پڙهڻ لاءِ نه اٿي (جاڳي) سگهي اهو صبح جو ادا كري". (ترمذي)

**مسئلو 382 هك رات ۾ ٻه دفعا وتر نه پڙهڻ گهرجن.**

**مسئلو 383 عشاء نماز كانپوءِ وتر ادا كيا هجن ته تهجد نماز ادا كرڻ لاءِ وري وتر ادا نه كرڻ گهرجن.**

عَنْ طَلْقِ بْنِ عَلِيٍّ عَنْ أَبِيْهِ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا قَالَ : سَمِعْتُ النَّبِيَّ ﷺ يَقُوْلُ ((لَا وِتْرَانِ فِيْ لَيْلَةٍ)) رَوَاهُ أَحْمَدُ وَأَبُوْدَاؤُدَ وَالنَّسَائِيُّ وَالتِّرْمِذِيُّ (٢) (صحيح)

حضرت طلق بن علي رضي الله عنهما پنهنجي پيءُ كان روايت كن ٿا ته مون نبي اكرم ﷺ كي فرمائيندي ٻڌو آهي ته هك رات ۾ ٻه دفعا وتر نه پڙهڻ گهرجن. (احمد، ابوداؤد، نسائي ۽ ترمذي)

**مسئلو 384 وتر كانپوءِ ٻه ركعتون نفل ويهي پڙهڻ سنت كان ثابت آهي.**

**وضاحت** تفصيل لاءِ ڏسو حديث، مسئلو نمبر 314

---

(١) صحيح سنن الترمذي، للالباني، الجزء الاول، رقم الحديث ٣٨٧

(٢) صحيح سنن الترمذي، للالباني، الجزء الاول، رقم الحديث ٣٩١

رڪعتون نفل ۽ ٽي وتر (ڪل ٻارهن رڪعتون) پڙهڻ جو هو.

**مسئلو 388** تهجد نماز ٻه ٻه يا چار رڪعتون گڏ ٻنهي طرح پڙهڻ مسنون آهن، مگر ٻه ٻه رڪعتون ڪري پڙهڻ افضل آهن.

عَنْ عَائِشَةَ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا قَالَتْ : كَانَ رَسُوْلُ اللّٰهِ يُصَلِّيْ فِيْ مَا بَيْنَ اَنْ يَفْرُغَ مِنْ صَلاَةِ الْعِشَاءِ اِلَى الْفَجْرِ اِحْدٰى عَشْرَةَ رَكْعَةً يُسَلِّمُ مِنْ كُلِّ رَكْعَتَيْنِ وَ يُوْتِرُ بِوَاحِدَةٍ . مُتَّفَقٌ عَلَيْهِ (١)

حضرت عائشة رضي الله عنها کان روايت آهي، ”رسول الله ﷺ عشاء نماز ۽ فجر نماز جي وچ ۾ يارهن رڪعتون نماز ادا فرمائيندا هئا. هر ٻن رڪعتن کان پوءِ سلام ڦيرائيندا هئا ۽ آخر ۾ هڪ رڪعت وتر پڙهندا هئا.“ (بخاري ۽ مسلم)

عَنْ اَبِيْ سَلَمَةَ بْنِ عَبْدِالرَّحْمٰنِ رضي الله عنه اَنَّهُ سَأَلَ عَائِشَةَ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا كَيْفَ كَانَتْ صَلاَةُ رَسُوْلِ اللّٰهِ ﷺ فِيْ رَمَضَانَ ؟ فَقَالَتْ : مَا كَانَ يَزِيْدُ فِيْ رَمَضَانَ وَ لاَ فِيْ غَيْرِهِ عَلَى اِحْدٰى عَشْرَةَ رَكْعَةً . يُصَلِّيْ اَرْبَعًا فَلاَ تَسْأَلْ عَنْ حُسْنِهِنَّ وَ طُوْلِهِنَّ ، ثُمَّ يُصَلِّيْ اَرْبَعًا فَلاَ تَسْأَلْ عَنْ حُسْنِهِنَّ وَ طُوْلِهِنَّ ، ثُمَّ يُصَلِّيْ ثَلاَثًا ))مُتَّفَقٌ عَلَيْهِ (٢)

حضرت ابو سلمہ بن عبدالرحمان، حضرت عائشة رضي الله عنها کان پڇيو تہ ”رسول الله ﷺ رمضان ۾ رات جي نماز ڪيتري ادا ڪندا هئا؟“ حضرت عائشة رضي الله عنها فرمايو، ”رسول الله ﷺ رمضان يا غير رمضان ۾ رات جي نماز يارهن رڪعتن کان وڌيڪ نہ پڙهندا هئا. چار رڪعتون پڙهندا هئا. ان جي ڊيگهہ حسن ادائيگي لاءِ ڇا ڇڄجي؟ وري چار رڪعتون پڙهندا هئا. انهن جي بہ ڊگهي قرائت ۽ حسن ادائيگي لاءِ ڇا ڇڄجي؟ ۽ آخر ۾ ٽي رڪعتون (وتر) ادا فرمائيندا هئا.“ (بخاري ۽ مسلم)

**مسئلو 389** هڪ ئي آيت کي بار بار نفل نماز ۾ پڙهڻ جائز آهي.

عَنْ اَبِيْ ذَرٍّ رضي الله عنه قَالَ : قَامَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ حَتّٰى اَصْبَحَ بِآيَةٍ وَالْآيَةُ ﴿اِنْ تُعَذِّبْهُمْ فَاِنَّهُمْ عِبَادُكَ وَ اِنْ تَغْفِرْ لَهُمْ فَاِنَّكَ اَنْتَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ﴾ رَوَاهُ النَّسَائِيُّ وَ ابن ماجه (٣)

---

(١) صحيح مسلم، كتاب المسافرين ، باب صلاة الليل و عدد ركعات النبي ﷺ في الليل

(٢) اللؤلؤ والمرجان ، الجزء الاول ، رقم الحديث ٤٢٦

(٣) صحيح سنن ابن ماجة، للالباني ، الجزء الاول ، رقم الحديث ١١١٠

وڏيڪ نہ پڙهندا هئا. پوءِ چار رڪعتون پڙهندا هئا. ان جي ڊيگهہ ۽ حسن ادائيگي لاءِ ڇا پڇجي؟ پوءِ چار رڪعتون پڙهندا هئا انهن جي ڊيگهہ ۽ حسن ادائيگي لاءِ ڇا پڇجي؟ ۽ آخر ۾ ٽي رڪعتون وتر ادا ڪندا هئا".

(بخاري ۽ مسلم)

**مسئلو 394** نماز تراويح جو وقت عشاء (سومهڻي) نماز کان پوءِ نماز فجر تائين آهي.

**مسئلو 395** نماز تراويح ٻہ ٻہ رڪعتون ڪري پڙهڻ افضل آهن.

**مسئلو 396** وتر جي هڪ رڪعت جدا پڙهڻ مسنون آهي.

عَنْ عَائِشَةَ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا قَالَتْ : كَانَ النَّبِيُّ ﷺ يُصَلِّي فِيمَا بَيْنَ اَنْ يَفْرُغَ مِنْ صَلَاةِ الْعِشَاءِ إِلَى الْفَجْرِ إِحْدَى عَشْرَةَ رَكْعَةً يُسَلِّمُ مِنْ كُلِّ رَكْعَتَيْنِ وَيُوتِرُ بِوَاحِدَةٍ)) مُتَّفَقٌ عَلَيْهِ (١)

حضرت عائشة رضي الله عنها کان روايت آهي تہ نبي اڪرم ﷺ عشاء نماز ۽ فجر نماز جي وچ ۾ يارهن رڪعتون ادا فرمائيندا هئا. هر ٻن رڪعتن کان پوءِ سلام ورائيندا هئا ۽ پوءِ سڄي نماز کي هڪ رڪعت سان وتر ڪندا هئا. (بخاري ۽ مسلم)

**مسئلو 397** رسول الله ﷺ صحابہ ڪرام ﷺ کي صرف ٽي ڏينهن نماز تراويح با جماعت پڙهائي، جن ۾ اٺن رڪعتن کانسواءِ ٽي رڪعتون وتر بہ شامل آهن.

**مسئلو 398** انهن ٽنهي ڏينهن ۾ حضور اڪرم ﷺ جدا نہ تهجد پڙهي ۽ نہ وتر پڙهي اهائي باجماعت نماز حضور اڪرم ﷺ جي تهجد يا قيام رمضان يا تراويح هئي.

**مسئلو 399** عورتون تراويح نماز لاءِ مسجد ۾ وڃي سگهن ٿيون.

عَنْ اَبِيْ ذَرٍّ ﷺ قَالَ: صُمْنَا مَعَ رَسُوْلِ اللّٰهِ ﷺ فَلَمْ يُصَلِّ بِنَا حَتّٰى بَقِيَ سَبْعٌ مِنَ الشَّهْرِ فَقَامَ بِنَا حَتّٰى ذَهَبَ ثُلُثُ اللَّيْلِ ، ثُمَّ لَمْ يَقُمْ بِنَا فِي السَّادِسَةِ وَقَامَ بِنَا فِي الْخَامِسَةِ حَتّٰى ذَهَبَ شَطْرُ اللَّيْلِ ، فَقُلْنَا : يَا رَسُوْلَ اللّٰهِ ﷺ! لَوْ نَفَّلْتَنَا بَقِيَّةَ لَيْلَتِنَا هٰذِهِ ؟ فَقَالَ ((إِنَّهُ مَنْ قَامَ مَعَ

(١) صحيح مسلم ، كتاب المسافرين ، باب صلاة الليل و عدد ركعات النبي ﷺ في الليل

الْإِمَامِ حَتَّى يَنْصَرِفَ كُتِبَ لَهُ قِيَامُ لَيْلَةٍ )) ثُمَّ لَمْ يُصَلِّ بِنَا حَتَّى بَقِيَ ثَلاَثٌ مِنَ الشَّهْرِ فَصَلَّى بِنَا فِي الثَّالِثَةِ وَ دَعَا أَهْلَهُ وَ نِسَاءَهُ فَقَامَ بِنَا حَتَّى تَخَوَّفْنَا الْفَلاَحَ ، قُلْتُ لَهُ : وَ مَا الْفَلاَحُ ؟ قَالَ السُّحُوْرُ. رَوَاهُ التِّرْمِذِيُّ (١) (صحيح)

حضرت ابوذر ﷺ کان روايت آهي تہ اسان رسول الله ﷺ ساڻ گڏ روزا رکيا. نبي اکرم ﷺ اسان کي تراويح جي نماز نہ پڙهائي ايستائين جو رمضان جا باقي ست ڏينهن رهيا. يعني ٽويهين رات ٽيون حصو رات گذرڻ کانپوءِ رسول الله ﷺ اسان کي نماز تراويح پڙهائي. وري حضور اکرم ﷺ چوويهين رات جو نماز تراويح نہ پڙهائي. پنجويهين جي اڌ رات گذرڻ کانپوءِ نماز تراويح پڙهائي. اسان عرض ڪيو تہ يا رسول الله ﷺ ! ڪهڙو نہ سٺو ٿئي جيڪڏهن توهان رمضان جي باقي راتين ۾ بہ اسان کي نفل نماز پڙهايو". نبي اکرم ﷺ فرمايو. "جنهن امام جي (مسجد مان) واپس ٿيڻ تائين امام ساڻ قيام ڪيو. (يعني نماز باجماعت ادا ڪئي) ان لاءِ سڄي رات جي قيام جو ثواب لکيو ويندو." وري حضور اکرم ﷺ اسان کي نماز تراويح نہ پڙهائي ايستائين جو ٽي ڏينهن باقي وڃي رهيا. وري نبي اکرم ﷺ اسان کي 27 جي رات نماز پڙهائي. جنهن ۾ پنهنجي اهل و عيال کي بہ شامل ڪيائون. ايستائين جو اسان کي فلاح جي ختم ٿيڻ جو انديشو ٿيو. مون ابوذر ﷺ کان پڇيو. "فلاح ڇا آهي"؟ حضرت ابوذر ﷺ جواب ڏنو "سحري". (ترمذي)

**مسئلو 400** فرض نماز کانسواءِ باقي نمازن ۾ قرآن ڪريم ڏسي تلاوت ڪرڻ جائز آهي.

كَانَتْ عَائِشَةُ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا يَؤُمُّهَا عَبْدُهَا ذَكْوَانُ مِنَ الْمُصْحَفِ. رَوَاهُ الْبُخَارِيُّ (٢)

حضرت عائشة رضي الله عنها جو غلام ذڪوان قرآن ڪريم ڏسي نماز (فرض نمازن کانسواءِ) پڙهائيندو هو. (بخاري)

**مسئلو 401** ٽن راتين کان گهٽ وقت ۾ قرآن شريف ختم ڪرڻ ناپسنديده عمل آهي.

عَنْ عَبْدِاللّٰهِ بْنِ عَمْرٍو رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا أَنَّ رَسُوْلَ اللّٰهِ ﷺ قَالَ (( لَمْ يَفْقَهْ مَنْ قَرَأَ

---

(١) صحيح سنن الترمذي ، للالباني ، الجزء الاول ، رقم الحديث ٦٤٦

(٢) كتاب الايمان ، باب امامة العبد والمولى

الْقُرْآنَ فِيْ أَقَلَّ مِنْ ثَلاثِ لِيَالٍ)) رَوَاهُ أَبُوْدَاوُدَ (١) (صحيح)

حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنهما کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو، "جيڪو شخص ٽن راتين کان گهٽ وقت ۾ قرآن شريف ختم ڪري ٿو، اهو قرآن شريف کي نه ٿو سمجهي". (ابوداؤد)

**مسئلو 402** هڪ رات ۾ قرآن شريف ختم ڪرڻ (شبينه) خلاف سنت آهي.

عَنْ عَائِشَةَ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا قَالَتْ : لَا أَعْلَمُ نَبِيَّ اللّٰهِ ﷺ قَرَءَ الْقُرْآنَ كُلَّهُ حَتّٰى الصَّبَاحِ. رَوَاهُ ابْنُ مَاجَةَ (٢) (صحيح)

حضرت عائشة رضي الله عنها فرمايو ته مون کي خبر نه آهي ته رسول الله ﷺ ڪڏهن پورو قرآن صبح تائين ختم ڪيو هجي. (ابن ماجه)

**مسئلو 403** هر ٻن يا چئن تراويح جي رڪعتن کانپوءِ ذڪر ڪرڻ لاءِ وقفي جو اهتمام ڪرڻ سنت کان ثابت نه آهي.

**مسئلو 404** تراويح نماز کانپوءِ بلند آواز سان درود شريف پڙهڻ سنت کان ثابت نه آهي.



---

(١) صحيح سنن ابي داؤد ، للالباني ، الجزء الاول ، رقم الحديث ١٢٤٢

(٢) صحيح سنن ابن ماجة ، للالباني ، الجزء الاول ، رقم الحديث ١١٠٨

ركعتون ادا ڪيون. (بخاري ۽ مسلم)

**وضاحت** "ذو الحُلَيْفَةِ" مدينه منوره کان ڇهن ميلن جي فاصلي تي آهي.

**مسئلو 407** رسول الله ﷺ نماز قصر ڪرڻ لاءِ سفر جي حد مقرر نہ فرمائي، صحابہ ڪرام ﷺ کان 9، 36، 38، 40، 42، 45، 48 ميلن جون مختلف روايتون آهن.

**مسئلو 408** مٿين روايتن ۾ 9 ميلن جي سفر جي حد وڌيڪ صحيح معلوم ٿئي ٿي. (والله اعلم بالصواب)

عَنْ اَنَسٍ ﷺ كَانَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ اِذَا خَرَجَ مَسِيْرَةَ ثَلاَثَةِ اَمْيَالٍ اَوْ ثَلاَثَةِ فَرَاسِخَ صَلّٰى رَكْعَتَيْنِ شُعْبَةُ الشَّاكُ. رَوَاهُ اَحْمَدُ وَ مُسْلِمٌ وَاَبُوْدَاوُدَ(١) (صحيح)

حضرت انس ﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ ٽن ميلن يا ٽن فرسخن (9 ميلن) جو سفر ڪندا هئا تہ نماز قصر ادا فرمائيندا هئا. ميل يا فرسخ جو شڪ يحيٰ جي شاگرد شعبہ کي آهي. (احمد، مسلم ۽ ابوداؤد)

عَنْ حَارِثَةَ ابْنِ وَهْبٍ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ قَالَ : صَلّٰى بِنَا النَّبِيُّ ﷺ اٰمَنَ مَا كَانَ بِمِنًى رَكْعَتَيْنِ. رَوَاهُ الْبُخَارِيُّ (٢)

حضرت حارثہ بن وهب ﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ اسان کي منيٰ ۾ امن جي زماني ۾ نماز قصر پڙهائي. (بخاري)

عَنِ ابْنِ عُمَرَ وَ ابْنُ عَبَّاسٍ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمْ كَانَا يُصَلِّيَانِ رَكْعَتَيْنِ وَيُفْطِرَانِ فِيْ اَرْبَعَةِ بُرُدٍ فَمَا فَوْقَ ذٰلِكَ. ذَكَرَهُ الْحَافِظُ فِيْ فَتْحِ الْبَارِيْ (٣)

حضرت عبدالله بن عمر ۽ عبدالله بن عباس رضي الله عنهم چار برد (48 ميل) تي قصر ڪندا ۽ روزو بہ ترڪ فرمائيندا هئا. (حافظ ابن حجر فتح الباري ۾ نقل ڪيو)

**مسئلو 409** رسول الله ﷺ نماز قصر ڪرڻ لاءِ سفر جي مدت مقرر نہ

---

(١) صحيح سنن ابي داؤد، للالباني، الجزء الاول، رقم الحديث ١٠٦٠

(٢) كتاب تقصير الصلاة، باب الصلاة بمنى

(٤) الجزء الثاني، رقم الصفحه ٥٦٥

فرمائي. صحابہ ڪرام ﷺ کان 4، 15 ۽ 19 ڏينهن جون روايتون ملن ٿيون. انهن ۾ 19 ڏينهن جي مدت صحيح معلوم ٿئي ٿي. والله اعلم بالصواب.

**مسئلو 410** 19 ڏينهن کان وڌيڪ رهڻ جو پڪو ارادو هجي تہ پوري نماز ادا ڪرڻ گهرجي.

عَنِ ابْنِ عَبَّاسٍ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا قَالَ : اَقَامَ النَّبِيُّ ﷺ تِسْعَةَ عَشَرَ يَقْصُرُ فَنَحْنُ إِذَا سَافَرْنَا تِسْعَةَ عَشَرَ قَصَرْنَا وَ إِنْ زِدْنَا اَتْمَمْنَا. رَوَاهُ الْبُخَارِيُّ (١)

حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ پنهنجي سفر ۾ (هڪ جاءِ تي) 19 ڏينهن قيام فرمايو، تہ نماز قصر ادا فرمائي. تنهن ڪري اسين جڏهن 19 ڏينهن رهندا هئاسون تہ نماز قصر ادا ڪندا هئاسون. ليڪن جڏهن 19 ڏينهن کان وڌيڪ جو قيام هوندو هو تہ پوري نماز ادا ڪندا هئاسون. (بخاري)

**مسئلو 411** سفر جي حالت ۾ ظهر ۽ عصر يا مغرب ۽ عشاءَ جون نمازون گڏ ڪري پڙهڻ جائز آهي.

**مسئلو 412** نماز ظهر جي وقت سفر شروع ڪرڻو هجي تہ ظهر ۽ عصر جي نماز گڏ پڙهي سگهجن ٿيون، جيڪڏهن نماز ظهر کان پهرئين سفر شروع ڪرڻو هجي تہ ظهر جي نماز مؤخر ڪري عصر جي وقت ٻئي نمازون گڏ پڙهڻ جائز آهن، اهڙي طرح سان مغرب ۽ عشاءَ جون نمازون گڏ پڙهڻ جائز آهن.

عَنْ مُعَاذِ بْنِ جَبَلٍ ﷺ قَالَ : كَانَ النَّبِيُّ ﷺ فِيْ غَزْوَةِ تَبُوْكَ إِذَا زَاغَتِ الشَّمْسُ قَبْلَ اَنْ يَرْتَحِلَ جَمَعَ بَيْنَ الظُّهْرِ وَ الْعَصْرِ وَ إِنْ يَرْتَحِلْ قَبْلَ اَنْ تَزِيْغَ الشَّمْسُ اَخَّرَ الظُّهْرَ حَتّٰى يَنْزِلَ لِلْعَصْرِ وَفِي الْمَغْرِبِ مِثْلُ ذٰلِكَ إِذَا غَابَتِ الشَّمْسُ قَبْلَ اَنْ يَرْتَحِلَ جَمَعَ بَيْنَ الْمَغْرِبِ وَالْعِشَاءِ وَ إِنِ ارْتَحَلَ قَبْلَ اَنْ تَغِيْبَ الشَّمْسُ اَخَّرَ الْمَغْرِبَ حَتّٰى يَنْزِلَ لِلْعِشَاءِ ثُمَّ يَجْمَعُ

(١) كتاب تقصير الصلاة، باب ما جاء في التقصير

بَيْنَهُمَا. رَوَاهُ أَبُوْدَاوُدَ وَ تِرْمِذِيٌ(١) (صحيح)

حضرت معاذ بن جبل ﷺ کان روايت آهي تہ غزوه تبوڪ جي موقعي تي جيڪڏهن سفر شروع ڪرڻ کان اڳ سج لڙندو هو تہ نبي اڪرم ﷺ ظهر ۽ عصر جون نمازون (انهي وقت تي) گڏ جمع ڪندا هئا. جيڪڏهن سج لڙڻ کان اڳ سفر جو ارادو هوندو هو تہ ظهر نماز کي مؤخر ڪري عصر جي نماز جي وقت ٻئي نمازون ادا فرمائيندا هئا. اهڙي طرح سان سانجهي (مغرب) نماز ادا فرمائيندا هئا. يعني اگر سفر شروع ڪرڻ کان اڳ سج غروب ٿيندو هو تہ سانجهي ۽ سومهڻي (عشاء) انهي وقت تي گڏ جمع ڪري ادا فرمائيندا هئا. جيڪڏهن سج غروب ٿيڻ کان پهرئين سفر فرمائيندا هئا تہ سانجهي نماز کي مؤخر ڪري سومهڻي جي وقت تي ٻئي نمازون جمع ڪري ادا فرمائيندا هئا.

(ابوداؤد ۽ ترمذي)

**مسئلو 413** ٻن نمازن جي جمع ڪري پڙهڻ جو مسنون طريقو هي آهي.

عَنْ جَابِرٍ ﷺ اَنَّ النَّبِيَّ ﷺ اَتَى الْمُزْدَلِفَةَ فَصَلَّى بِهِمَا الْمَغْرِبَ وَالْعِشَاءَ بِأَذَانٍ وَاحِدٍ وَإِقَامَتَيْنِ وَلَمْ يُسَبِّحْ بَيْنَهُمَا. رَوَاهُ اَحْمَدُ وَمُسْلِمٌ وَالنَّسَائِيُّ (٢)

حضرت جابر ﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ مزدلفہ ۾ تشريف فرما ٿيا تہ هڪ اذان (ٻانگ) ۽ ٻن اقامتن سان مغرب نماز ۽ عشاء نماز جمع ڪيون ۽ ٻنهي نمازن جي وچ ۾ ڪا سنت نہ پڙهي. (احمد، مسلم ۽ نسائي)

**مسئلو 414** قصر نماز ۾ فجر، ظهر ۽ عشاء نمازن ۾ ٻہ ٻہ رڪعتون فرض ۽ مغرب ۾ ٽي رڪعتون فرض شامل آهن. (يعني مغرب نماز جي قصر نہ ڪرڻي آهي)

**مسئلو 415** مسافر مقيم جي امامت ڪري سگهي ٿو.

**مسئلو 416** مسافر امام کي قصر نماز ادا ڪرڻ گهرجي، ليڪن مقيم مقتدي کي پوءِ پنهنجي نماز پوري ڪرڻ گهرجي.

---

(١) صحيح سنن ابي داؤد، للالباني، الجزء الاول، رقم الحديث ١٠٦٨

(٢) صحيح مسلم، كتاب الحج، باب حجة النبي

عَنْ عِمْرَانَ بْنِ حُصَيْنٍ ﷺ قَالَ : مَا سَفَرَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ إِلاَّ صَلّٰی رَكْعَتَيْنِ حَتّٰى يَرْجِعَ وَإِنَّهُ أَقَامَ بِمَكَّةَ زَمَنَ الْفَتْحِ ثَمَانَ عَشْرَةَ لَيْلَةً يُصَلِّيْ بِالنَّاسِ رَكْعَتَيْنِ رَكْعَتَيْنِ إِلاَّ الْمَغْرِبَ ثُمَّ يَقُوْلُ ((يَا أَهْلَ مَكَّةَ قُوْمُوْا فَصَلُّوْا رَكْعَتَيْنِ آخِرَتَيْنِ فَإِنَّا قَوْمٌ سَفْرٌ)) رَوَاهُ أَحْمَدُ(١)

حضرت عمران بن حصين ﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ هر سفر ۾ گهر واپس اچڻ تائين نماز قصر ادا فرمائيندا هئا. فتح مکي جي موقعي تي حضور اکرم ﷺ 18 ڏينهن مکہ شريف ۾ رهيا ۽ مغرب نماز کان سواءِ ماڻهن کي ٻہ ٻہ رڪعتون پڙهائيندا هئا ۽ (پاڻ ﷺ سلام ورائڻ کانپوءِ) ماڻهن کي فرمائيندا هئا. ”مکي وارو! اٿي پنهنجي نماز پوري ڪريو اسان مسافر آهيون“. (احمد)

**مسئلو 417** سفر ۾ نماز وتر بہ پڙهڻ گهرجن.

**وضاحت** تفصيل لاءِ ڏسو حديث. مسئلو نمبر 367

سفر ۾ فرض نماز جون رڪعتون هي آهن:

| نماز | فرض | سنتون | نماز | فرض | سنتون |
|---|---|---|---|---|---|
| فجر | 2 | 2 | مغرب | 3 | - |
| ظهر | 2 | - | عشاءِ | 2 | 1 وتر |
| عصر | 2 | - | جمعو | 2 | - |

**وضاحت** سفر جي دوران مسافر کي جمعي نماز جي بدران ظهر نماز قصر ادا ڪرڻ گهرجي. ليڪن جامع مسجد ۾ نماز ادا ڪرڻ وارو مسافر ٻين سان گڏ جمعي نماز ادا ڪري سگهي ٿو.

**مسئلو 418** سفينہ (بحري جهاز، هوائي جهاز، ريل گاڏي وغيره) ۾ فرض نماز ادا ڪرڻ جائز آهي.

**مسئلو 419** ڪو خطرو نہ هجي تہ سواري تي بيهي فرض نماز ادا ڪرڻ گهرجي، ورنہ ويهي پڙهي سگهجي ٿي.

---

(١) ٤٣٦/٤

عَنِ ابْنِ عُمَرَ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا قَالَ : سُئِلَ النَّبِيُّ ﷺ كَيْفَ أُصَلِّيْ فِي السَّفِيْنَةِ ؟ قَالَ ((صَلِّ فِيْهَا قَائِمًا اِلاَّ اَنْ تَخَافَ الْغَرَقَ)) رَوَاهُ الْبَزَّارُ وَالدَّارُ قُطْنِيُّ(١) (صحيح)

حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنهما کان روايت آهي ته سفينه ۾ نماز پڙهڻ جي باري ۾ سوال ڪيو ويو ته حضور اڪرم ﷺ فرمايو، "جيڪڏهن ٻڏڻ جو خطرو نه هجي ته بيهي نماز ادا ڪريو". (بزار ۽ دار قطني)

**مسئلو 420** سنتون ۽ نفل سواريءَ تي ويهي ادا ڪري سگهجن ٿا.

**مسئلو 421** نماز شروع ڪرڻ کان اڳ سواريءَ جو رخ قبلي ڏانهن ڪرڻ گهرجي، پوءِ ڀلي ڪنهن به رخ تي وڃي.

**مسئلو 422** جيڪڏهن سواري جو رخ قبلي ڏانهن ڪرڻ ممڪن نه هجي ته جيڏانهن به رخ هجي ان طرف نماز ادا ڪرڻ گهرجي.

عَنْ اَنَسِ بْنِ مَالِكٍ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ قَالَ كَانَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ اِذَا اَرَادَ اَنْ يُصَلِّيَ عَلٰى رَاحِلَتِهِ تَطَوُّعًا اِسْتَقْبَلَ الْقِبْلَةَ فَكَبَّرَ لِلصَّلَاةِ ثُمَّ خَلّٰى عَنْ رَاحِلَتِهِ فَصَلّٰى حَيْثُمَا تَوَجَّهَتْ بِهِ. رَوَاهُ اَحْمَدُ وَاَبُوْدَاؤُدَ (٢) (حسن)

حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ سواري تي نفل پڙهڻ جو ارادو فرمائيندا هئا ته ان کي قبلي رخ ڪري نيت ٻڌندا هئا، پوءِ سواري جيڏانهن به ويندي هئي ان کي وڃڻ ڏيندا هئا ۽ نماز پڙهي وٺندا هئا.
(احمد ۽ ابوداؤد)

**مسئلو 423** سفر ۾ ٻه ماڻهو به هجن ته انهن کي اذان ڏئي باجماعت نماز ادا ڪرڻ گهرجي.

عَنْ مَالِكِ بْنِ حُوَيْرِثٍ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ قَالَ اَتَى رَجُلَانِ النَّبِيَّ ﷺ يُرِيْدَانِ السَّفَرَ فَقَالَ النَّبِيُّ ﷺ ((اِذَا اَنْتُمَا خَرَجْتُمَا فَاَذِّنَا ثُمَّ اَقِيْمَا ثُمَّ لِيَؤُمَّكُمَا اَكْبَرُكُمَا)) رَوَاهُ الْبُخَارِيُّ (٣)

حضرت مالڪ بن حويرث رضي الله عنه کان روايت آهي ته ٻن ماڻهن جن سفر جو

---

(١) صحيح الجامع الصغير ، للالباني ، الجزء الثالث ، رقم الحديث ٣٦٧٦

(٢) صحيح سنن ابي داؤد ، للالباني ، الجزء الاول ، رقم الحديث ١٠٨٤

(٣) كتاب الاذان ، باب الاذان للمسافرين

# صَلاةُ الْجَنَائِزِ

# جنازي نماز جا مسئلا

**مسئلو 432** جنازي نماز پڙهڻ جي فضيلت

عَنْ اَبِيْ هُرَيْرَةَ رضي الله عنه قَالَ : قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ (( مَنْ شَهِدَ الْجَنَازَةَ حَتّٰى يُصَلِّيَ فَلَهُ قِيْرَاطٌ وَ مَنْ شَهِدَ حَتّٰى تُدْفَنَ كَانَ لَهُ قِيْرَاطَانِ)) قَالَ : وَ مَا الْقِيْرَاطَانِ؟ قَالَ ((مِثْلُ الْجَبَلَيْنِ الْعَظِيْمَيْنِ)) رَوَاهُ الْبُخَارِيُّ (١)

حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو، "جيڪو شخص جنازي ۾ شامل ٿئي ۽ نماز پڙهي ان کي هڪ قيراط ثواب ملي ٿو ۽ جيڪو شخص جنازو دفن ٿيڻ تائين موجود رهي ان کي ٻن قيراطن جو ثواب ملي ٿو." صحابه ڪرام رضي الله عنهم عرض ڪيو، "يا رسول الله ﷺ! قيراطن جو ڇا مطلب آهي؟" رسول الله ﷺ فرمايو، "ٻن قيراطن جو ثواب ٻن وڏن جبلن جي برابر آهي". (بخاري)

**مسئلو 433** جنازي نماز ۾ صرف قيام آهي جنهن ۾ چار تڪبيرون آهن نه رڪوع آهي نه سجدو آهي.

**مسئلو 434** غائبانه جنازي نماز پڙهڻ جائز آهي.

عَنْ اَبِيْ هُرَيْرَةَ رضي الله عنه اَنَّ النَّبِيَّ ﷺ نَعَى النَّجَاشِيَّ فِي الْيَوْمِ الَّذِيْ مَاتَ فِيْهِ خَرَجَ اِلَى الْمُصَلّٰى فَصَفَّ بِهِمْ وَ كَبَّرَ اَرْبَعًا . مُتَّفَقٌ عَلَيْهِ (٢)

حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي ته نبي اڪرم ﷺ ماڻهن کي نجاشي جي موت جي خبر ان ڏينهن ئي ڏني، جنهن ڏينهن هو فوت ٿيو ۽ نبي اڪرم ﷺ صحابه ڪرام رضي الله عنهم سان گڏ ٻاهر مصلي ڏانهن تشريف وٺي آيا، صف ٺاهي ۽ چار تڪبيرون چئي جنازي نماز پڙهائي. (بخاري ۽ مسلم)

**مسئلو 435** جنازي جي نماز ۾ ماڻهن جي تعداد مطابق گهٽ يا وڌيڪ

---

(١) ڪتاب الجنائز ، باب من انتظر حتى تدفن

(٢) مختصر صحيح بخاري ، للزبيدي ، رقم الحديث ٦٣٨

صفون ٺاهي سگهجن ٿيون.

**مسئلو 436** جنازي نماز لاءِ صفن جو تعداد مقرر ڪرڻ سنت ڪان ثابت نہ آهي.

عَنْ جَابِرِ بْنِ عَبْدِاللّٰهِ ﷺ يَقُوْلُ : قَالَ النَّبِيُّ ﷺ (( قَدْ تُوُفِّي الْيَوْمَ رَجُلٌ صَالِحٌ مِنَ الْحَبَشِ فَهَلُمَّ فَصَلُّوْا عَلَيْهِ قَالَ : فَصَفَفْنَا فَصَلَّى النَّبِيُّ ﷺ وَ نَحْنُ صُفُوْفٌ )) رَوَاهُ الْبُخَارِيُّ(١)

حضرت جابر بن عبدالله ﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو، "اڄ حبش جي هڪ نيڪ بخت شخص جو انتقال ٿي ويو آهي، تنهن ڪري اچو هن جي (غائبانہ) جنازي نماز پڙهون". حضرت جابر بن عبدالله رضي الله عنهما چون ٿا تہ اسان صفون ٺاهيون ۽ نبي اڪرم ﷺ جن جنازي نماز پڙهائي ۽ نماز ۾ اسان جون گهٽيون ٻہ صفون هيون. (بخاري)

**مسئلو 437** پهرئين تڪبير کانپوءِ سورة فاتحه (الحمد شريف) پڙهڻ مسنون آهي.

عَنِ ابْنِ عَبَّاسٍ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا اَنَّ النَّبِيَّ ﷺ قَرَأَ عَلَى الْجَنَازَةِ بِفَاتِحَةِ الْكِتَابِ . رَوَاهُ التِّرْمِذِيُّ وَاَبُوْدَاوُدَ وَابْنُ مَاجَةَ (٢) (صحيح)

حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما کان روايت اهي تہ نبي اڪرم ﷺ جن جنازي نماز ۾ سورة فاتحه پڙهي. (ترمذي، ابو دائود ۽ ابن ماجہ)

عَنْ طَلْحَةَ بْنِ عَبْدِاللّٰهِ بْنِ عَوْفٍ ﷺ قَالَ صَلَّيْتُ خَلْفَ ابْنِ عَبَّاسٍ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا عَلَى جَنَازَةٍ فَقَرَأَ فَاتِحَةَ الْكِتَابِ فَقَالَ لِتَعْلَمُوْا اَنَّهَا سُنَّةٌ . رَوَاهُ الْبُخَارِيُّ (٣)

حضرت طلحہ بن عبدالله بن عوف ﷺ کان روايت آهي تہ مون حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما جي پويان جنازي نماز پڙهي هن ان ۾ سورة فاتحه پڙهي ۽ فرمايو، "ياد رکو هي سنت آهي". (بخاري)

**مسئلو 438** پهرئين تڪبير کان پوءِ سورة فاتحه، ٻي تڪبير کانپوءِ درود شريف، ٽيئن تڪبير کانپوءِ دعا ۽ چوٿين تڪبير کانپوءِ سلام ورائڻ واجب آهي.

---

(١) كتاب الجنائز ، باب الصفوف على الجنازة

(٢) صحيح سنن ابن ماجة ، للالبانى ، الجزء الاول ، رقم الحديث ١٢١٥

(٣) مختصر صحيح بخارى ، للزبيدى، رقم الحديث ٦٧٣

**مسئلو 439** نماز جنازي ۾ آهستہ يا بلند (وڏي) آواز سان قرائت ڪرڻ جائز آهي.

**مسئلو 440** سورة فاتحه کانپوءِ قرآن مجيد جي ڪا ٻي سورة گڏ ملائڻ بہ جائز آهي.

عَنْ طَلْحَةَ بْنِ عَبْدِ اللّٰهِ قَالَ صَلَّيْتُ خَلْفَ ابْنِ عَبَّاسٍ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا عَلٰى جَنَازَةٍ فَقَرَأَ بِفَاتِحَةِ الْكِتَابِ وَ سُوْرَةٍ وَ جَهَرَ حَتّٰى اَسْمَعَنَا فَلَمَّا فَرَغَ اَخَذْتُ بِيَدِهٖ فَسَأَلْتُهٗ قَالَ اِنَّمَا جَهَرْتُ لِتَعْلَمُوْا اَنَّهَا سُنَّةٌ وَ حَقٌّ. رَوَاهُ الْبُخَارِيُّ وَ اَبُوْدَاؤُدَ وَالنَّسَائِيُّ وَ التِّرْمِذِيُّ (١) (صحيح)

حضرت طلحہ بن عبدالله رضي الله عنه کان روايت آهي تہ مون حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما جي پويان جنازي نماز پڙهي. هن سورة فاتحه کانپوءِ هڪ ٻي سورة وڏي آواز سان پڙهي جا اسان ٻڌي. جڏهن عبدالله بن عباس رضي الله عنهما نماز کان فارغ ٿيا تہ مون سندن هٿ کان جهليو ۽ (قرائت جي باري ۾) ان کان پڇيو. هن جواب ڏنو، "مون جهري (وڏي آواز سان) قرائت ان لاءِ ڪئي تہ جيئن توکي معلوم ٿئي تہ هي سنت آهي ۽ جائز آهي."

(بخاري، ابوداؤد، نسائي ۽ ترمذي)

عَنْ اَبِيْ اُمَامَةَ بْنِ سَهْلٍ رضي الله عنه اَنَّهٗ اَخْبَرَهٗ رَجُلٌ مِنْ اَصْحَابِ النَّبِيِّ ﷺ اَنَّ السُّنَّةَ فِي الصَّلَاةِ عَلَى الْجَنَازَةِ اَنْ يُكَبِّرَ الْاِمَامُ ثُمَّ يَقْرَأَ بِفَاتِحَةِ الْكِتَابِ بَعْدَ التَّكْبِيْرَةِ الْاُوْلٰى سِرًّا فِيْ نَفْسِهٖ ثُمَّ يُصَلِّيْ عَلَى النَّبِيِّ ﷺ وَ يُخْلِصُ الدُّعَاءَ لِلْجَنَازَةِ فِي التَّكْبِيْرَاتِ لَا يَقْرَأُ فِيْ شَيْءٍ مِنْهُنَّ ثُمَّ يُسَلِّمُ سِرًّا فِيْ نَفْسِهٖ. رَوَاهُ الشَّافِعِيُّ (٢) (صحيح)

حضرت ابو امامہ بن سهل رضي الله عنه، نبي اڪرم ﷺ جي هڪ صحابي کان روايت ڪن ٿا تہ جنازي نماز ۾ امام جو پهرين تڪبير کانپوءِ خاموشي سان سورة پڙهڻ پوءِ (ٻي تڪبير کانپوءِ) نبي اڪرم ﷺ تي درود پڙهڻ پوءِ (ٽيئن تڪبير کانپوءِ) خلوص دل سان فوتي لاءِ دعا گهرڻ ۽ وڏي آواز ۾ قرائت نہ ڪرڻ (چوٿين تڪبير کانپوءِ) آهستہ سلام ورائڻ سنت آهي. (شافعي)

---

(١) احكام الجنائز ، للالباني ، رقم الصفحه ١١٩

(٢) مسند الشافعي ، الجزء الاول ، رقم الحديث ٥٨١

**مسئلو 441** درود شريف کانپوءِ ٽئين تڪبير ۾ هيٺين دعائن مان ڪا هڪ يا ٻئي دعائون گھرڻ گھرجن.

عَنْ اَبِيْ هُرَيْرَةَ رضي الله عنه قَالَ : كَانَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ اِذَا صَلّٰى عَلَى الْجَنَازَةِ قَالَ (( اَللّٰهُمَّ اغْفِرْ لِحَيِّنَا وَ مَيِّتِنَا وَشَاهِدِنَا وَ غَائِبِنَا وَ صَغِيْرِنَا وَ كَبِيْرِنَا وَذَكَرِنَا وَ اُنْثَانَا اَللّٰهُمَّ مَنْ اَحْيَيْتَهُ مِنَّا فَاَحْيِهِ عَلَى الْاِسْلاَمِ وَ مَنْ تَوَفَّيْتَهُ مِنَّا فَتَوَفَّهُ عَلَى الْاِيْمَانِ اَللّٰهُمَّ لاَ تَحْرِمْنَا اَجْرَهُ وَ لاَ تُضِلَّنَا بَعْدَهُ )) رَوَاهُ اَحْمَدُ وَ اَبُوْدَاؤُدَ وَالتِّرْمِذِيُّ وَابْنُ مَاجَةَ (١)

حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جنازي نماز ۾ هي دعا پڙهندا هئا. ”يا الله! اسان جي جيئرن ۽ فوت ٿيلن کي، حاضر ۽ غائب کي، ننڍن ۽ وڏن کي، مردن ۽ زالن کي بخش. يا الله! اسان مان جنهن کي تون جيئرو رکڻ چاهين ان کي اسلام تي جيئرو رک ۽ جنهن کي مارڻ چاهين ان کي ايمان تي موت ڏي. يا الله! اسان کي مرڻ واري تي صبر ڪرڻ جي ثواب کان محروم نه رک ۽ ان کانپوءِ اسان کي ڪنهن آزمائش ۾ مبتلا نه ڪر“.

**(احمد، ابوداؤد، ترمذي ۽ ابن ماجه)**

عَنْ عَوْفِ بْنِ مَالِكٍ رضي الله عنه قَالَ : صَلّٰى رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ عَلَى الْجَنَازَةِ فَحَفِظْتُ مِنْ دُعَائِهِ وَ هُوَ يَقُوْلُ (( اَللّٰهُمَّ اغْفِرْ لَهُ وَارْحَمْهُ وَ عَافِهِ وَاعْفُ عَنْهُ وَاَكْرِمْ نُزُلَهُ وَوَسِّعْ مُدْخَلَهُ وَاغْسِلْهُ بِالْمَاءِ وَالثَّلْجِ وَالْبَرَدِ وَ نَقِّهِ مِنَ الْخَطَايَا كَمَا نَقَّيْتَ الثَّوْبَ الْاَبْيَضَ مِنَ الدَّنَسِ وَ اَبْدِلْهُ دَارًا خَيْرًا مِنْ دَارِهِ وَ اَهْلاً خَيْرًا مِنْ اَهْلِهِ وَ زَوْجًا خَيْرًا مِنْ زَوْجِهِ وَاَدْخِلْهُ الْجَنَّةَ وَ اَعِذْهُ مِنْ عَذَابِ الْقَبْرِ وَمِنْ عَذَابِ النَّارِ )) قَالَ : حَتّٰى تَمَنَّيْتُ اَنْ اَكُوْنَ اَنَا ذٰلِكَ الْمَيِّتَ. رَوَاهُ مُسْلِمٌ (٢)

حضرت عوف بن مالڪ رضي الله عنه کان روايت آهي ته نبي اڪرم ﷺ هڪ جنازي نماز تي جا دعا پڙهي اها مون ياد ڪئي. رسول الله ﷺ هيئن دعا فرمائي، ”ياالله! هن جي بخشش فرماءِ، هن تي رحم فرماءِ، هن کي آرام عطا فرماءِ ۽ معاف فرماءِ، هن جي باعزت مهماني ڪر، هن جي قبر کي ڪشادو فرماءِ، هن کي پاڻي، برف ۽ ڳڙن سان ڌوئي اهڙي طرح گناهن کان پاڪ فرماءِ جهڙي طرح اڇو ڪپڙو ميراڻي کان صاف ڪيو وڃي ٿو. هن کي هن جي گھر کان بهتر گھر، هن

---

(١) صحيح سنن ابن ماجة، للالباني، الجزء الاول، رقم الحديث ١٢١٧

(٢) مختصر صحيح مسلم، للالباني، رقم الحديث ٤٧٧

جي اهل و عيال کان بهتر اهل و عيال. هن جي ساٿي کان بهتر ساٿي عطا فرماءِ. هن کي جنت ۾ داخل فرماءِ ۽ عذاب قبر ۽ باهه جي عذاب کان محفوظ رک". حضرت عوف بن مالڪ رضي الله عنه چون ٿا تہ هي دعا ٻڌي مون اها خواهش ڪئي تہ ڪاش هي جنازو (جنهن تي اها دعا پڙهي ويئي) منهنجو هجي ها (يا يعني اها دعا نبي ڪريم ﷺ جن منهنجي جنازي تي پڙهن ها). (مسلم)

**مسئلو 442** ٻار جي جنازي ۾ هيٺين دعا پڙهڻ مسنون آهي.

صَلّٰى الْحَسَنُ ﷺ عَلَى الطِّفْلِ فَاتِحَةَ الْكِتَابِ وَ يَقُوْلُ اَللّٰهُمَّ سَلَفًا وَ فَرَطًا وَ ذُخْرًا وَ اَجْرًا . رَوَاهُ الْبُخَارِيُّ (١)

حضرت حسن ﷺ هڪ ٻار جي جنازي نماز پڙهي جنهن ۾ سورة فاتحه ڪانپوءِ هي دعا گهري، "يا الله! هن ٻار کي اسان لاءِ پيشوا، ذخيرو ۽ باعث اجر بناءِ". (بخاري)

**مسئلو 443** جنازي نماز پڙهڻ لاءِ امام کي، مرد جي جنازي ۾ مٿيرو (سيراندي طرف) ۽ عورت جي جنازي ۾ وچيرو بيهڻ گهرجي.

عَنْ اَبِيْ غَالِبٍ رَحِمَهُ اللّٰهُ قَالَ رَاَيْتُ اَنَسَ بْنَ مَالِكٍ صَلّٰى عَلٰى جَنَازَةِ رَجُلٍ فَقَامَ حِيَالَ رَاْسِهٖ فَجِيْئَ بِجَنَازَةٍ اُخْرٰى ، بِامْرَاَةٍ فَقَالُوْا : يَا اَبَا حَمْزَةَ ! صَلِّ عَلَيْهَا ، فَقَامَ حِيَالَ وَسْطَ السَّرِيْرِ . فَقَالَ لَهُ الْعَلَاءُ بْنُ زِيَادٍ : يَا اَبَا حَمْزَةَ ! هٰكَذَا رَاَيْتَ رَسُوْلَ اللّٰهِ ﷺ قَامَ مِنَ الْجَنَازَةِ مَقَامَكَ مِنَ الرَّجُلِ وَ قَامَ مِنَ الْمَرْاَةِ مَقَامَكَ مِنَ الْمَرْاَةِ ؟ قَالَ : نَعَمْ ! فَاَقْبَلَ عَلَيْنَا فَقَالَ : اِحْفَظُوْا . رَوَاهُ ابْنُ مَاجَةَ (٢) (صحيح)

حضرت ابو غالب رحمة الله عليه کان روايت آهي تہ مون حضرت انس بن مالڪ ﷺ کي هڪ مرد جي جنازي نماز پڙهائيندي ڏٺو ۽ هو جنازي جي مٿي کان بيٺا. ان ڪانپوءِ هڪ ٻيو جنازو آندو جيڪو عورت جو هو، ماڻهن چيو "اي ابو حمزه! هن جي نماز پڙهايو". هن ان جنازي جي وچ وٽ بيهي نماز پڙهائي.حضرت علاء بن زياد (حضرت انس ﷺ کان) پڇيو، "اي ابو حمزه ! ڇا تو رسول الله ﷺ کي مرد ۽ عورت جي جنازي پڙهائڻ لاءِ اهڙيءَ جاءِ تي بيهندي ڏٺو جتي تون بيٺو

---

(١) كتاب الجنائز ، باب قراة فاتحة الكتاب على الجنازة

(٢) صحيح سنن ابن ماجة ، للالباني ، الجزء الاول ، رقم الحديث ١٢١٤

هئين؟" حضرت انس ﷺ جواب ڏنو "ها" پوءِ اسان ڏانهن متوجهه ٿيو ۽ فرمايو "ان کي چڱي طرح ذهن نشين ڪريو". (ابن ماجه)

**مسئلو 444 جنازي جي نماز جي سڀني تڪبيرن ۾ هٿ کڻڻ گهرجن.**

عَنِ ابْنِ عُمَرَ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا اَنَّهُ كَانَ يَرْفَعُ يَدَيْهِ فِيْ جَمِيْعِ تَكْبِيْرَاتِ الْجَنَازَةِ. رَوَاهُ الْبُخَارِيُّ (١)

حضرت ابن عمر رضي الله عنهما جنازي نماز جي سڀني تڪبيرن ۾ هٿ کڻندا هئا. (بخاري)

**مسئلو 445 جنازي جي نماز ۾ ٻئي هٿ ڇاتي تي ٻڌڻ مسنون آهن.**

عَنْ طَاؤُسٍ ﷺ قَالَ : كَانَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ يَضَعُ يَدَهُ الْيُمْنٰى عَلٰى يَدِهِ الْيُسْرٰى ثُمَّ يَشُدُّ بِهِمَا عَلٰى صَدْرِهِ وَهُوَ فِي الصَّلَاةِ . رَوَاهُ اَبُوْدَاوُدَ (٢) (صحيح)

حضرت طائوس ﷺ کان روايت آهي ته نبي اڪرم ﷺ نماز ۾ پنهنجو ساڄو هٿ کاٻي هٿ جي مٿان رکي مضبوطي سان سيني مبارڪ تي ٻڌو.

(ابوداؤد)

**مسئلو 446 جنازي جي نماز ۾ صرف هڪ سلام ڪري (ورائي) نماز ختم ڪرڻ به جائز آهي.**

عَنْ اَبِيْ هُرَيْرَةَ ﷺ اَنَّ رَسُوْلَ اللّٰهِ ﷺ صَلّٰى عَلٰى جَنَازَةٍ فَكَبَّرَ عَلَيْهَا اَرْبَعًا وَ سَلَّمَ تَسْلِيْمَةً وَاحِدَةً . رَوَاهُ الدَّارَ قُطْنِيُّ وَالْحَاكِمُ وَالْبَيْهَقِيُّ (٣) (حسن)

حضرت ابوهريره ﷺ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جنازي نماز پڙهائي ان ۾ چار تڪبيرون چيون ۽ صرف هڪ سلام ورائيو.

(دارقطني، حاڪم ۽ بيهقي)

**مسئلو 447 مسجد ۾ جنازي جي نماز پڙهڻ جائز آهي.**

**مسئلو 448 عورت مسجد ۾ جنازي جي نماز ادا ڪري سگهي ٿي.**

---

(١) نيل الاوطار ، الجزء الرابع، رقم الصفحه ٦٨

(٢) صحيح سنن ابن ماجة ، للالباني ، الجزء الاول ، رقم الحديث ٦٨٧

(٣) احكام الجنائز ، للالباني ، رقم الصفحه ١٢٨

عَنْ اَبِیْ سَلَمَةَ بْنِ عَبْدِالرَّحْمٰنِ ﷺ اَنَّ عَائِشَةَ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا لَمَّا تُوُفِّیَ سَعْدُ بْنُ اَبِیْ وَقَّاصٍ ﷺ فَقَالَتْ : اُدْخُلُوْا بِهِ الْمَسْجِدَ حَتّٰى اُصَلِّیَ عَلَیْهِ فَاُنْکِرَ ذٰلِکَ عَلَیْهَا فَقَالَتْ: وَ اللّٰهِ لَقَدْ صَلّٰی رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ عَلَى ابْنَیْ بَیْضَاءَ فِی الْمَسْجِدِ سُهَیْلٍ وَ اَخِیْهِ. رَوَاهُ مُسْلِمٌ (١)

حضرت ابو سلمة بن عبدالرحمان ﷺ کان روايت آهي تہ جڏهن سعد بن ابي وقاص ﷺ جو انتقال ٿيو تہ حضرت عائشة رضي الله عنها فرمايو. "حضرت سعد ﷺ جو جنازو مسجد ۾ آڻيو جيئن مان بہ جنازي نماز ادا ڪري سگهان" ماڻهن (مسجد ۾ جنازي نماز پڙهڻ) ناپسند ڪيو تہ حضرت عائشة رضي الله عنها فرمايو. "الله جو قسم! رسول الله ﷺ بيضاءَ جي ٻنهي پٽن يعني سهيل ۽ ان جي ڀاءُ جي جنازي نماز مسجد ۾ پڙهائي هئي". (مسلم)

**مسئلو 449 قبرستان ۾ جنازي نماز پڙهڻ منع آهي.**

عَنْ اَنَسِ بْنِ مَالِکٍ ﷺ اَنَّ النَّبِیَّ نَهٰی اَنْ یُصَلِّیَ عَلَى الْجَنَائِزِ بَیْنَ الْقُبُوْرِ. رَوَاهُ الطَّبَرَانِیُّ (حسن) (٢)

حضرت انس بن مالڪ ﷺ کان روايت آهي تہ نبي اڪرم ﷺ اسان کي قبرستان ۾ جنازي نماز پڙهڻ کان منع فرمايو. (طبراني)

**مسئلو 450 قبرستان کان جدا اڪيلي قبر تي جنازي نماز پڙهڻ جائز آهي.**

**مسئلو 451 جنازي کي دفنائڻ کانپوءِ بہ ان تي جنازي جي نماز پڙهڻ جائز آهي.**

عَنِ ابْنِ عَبَّاسٍ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُمَا قَالَ : اِنْتَهٰی رَسُوْلُ اللّٰهِ اِلٰی قَبْرٍ رَطْبٍ فَصَلّٰی عَلَیْهِ وَ صَفُّوْا خَلْفَهُ وَ کَبَّرَ اَرْبَعًا . مُتَّفَقٌ عَلَیْهِ (٣)

حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جو هڪ تازي قبر وٽان گذر ٿيو تہ پاڻ ﷺ ان تي نماز پڙهي ۽ صحابہ ڪرام ﷺ بہ پويان صفون ٻڌي نماز پڙهي. رسول الله ﷺ نماز ۾ چار تڪبيرون چيون. (بخاري ۽ مسلم)

---

(١) كتاب الجنائز ، باب الصلاة على الجنازة في المسجد

(٢) احكام الجنائز ، للالباني ، رقم الصفحه ١٠٨

(٣) نيل الاوطار ، كتاب الجنائز الصلاة على الغائب بالنية و على القبر الى الشهر

**مسئلو 452** هڪ کان وڌيڪ جنازن تي هڪ ئي جنازي نماز پڙهڻ جائز آهي.

**مسئلو 453** مردن ۽ زالن جا جنازا گڏ هجن تہ مردن جا جنازا امام جي ويجهو ۽ زالن جا جنازا قبلي جي طرف رکڻ گهرجن.

عَنْ مَالِكٍ رحمة عليه اَنَّهُ بَلَغَهُ اَنَّ عُثْمَانَ ابْنِ عَفَّانَ وَ عَبْدِ اللّٰهِ بْنِ عُمَرَ وَ اَبَا هُرَيْرَةَ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمْ كَانُوْا يُصَلُّوْنَ عَلَى الْجَنَائِزِ بِالْمَدِيْنَةِ الرِّجَالِ وَالنِّسَاءِ فَيَجْعَلُوْنَ الرِّجَالَ مِمَّا يَلِي الْإِمَامَ وَالنِّسَاءَ مِمَّا يَلِي الْقِبْلَةَ. رَوَاهُ مَالِكٌ (١)

حضرت مالڪ رحمة الله عليه کان روايت آهي تہ حضرت عثمان بن عفان، عبدالله بن عمر ۽ ابوهريره رضي الله عنهم مردن ۽ عورتن تي گڏ جنازي نماز پڙهندا هئا تہ مردن جي جنازن کي امام جي ويجهو ۽ عورتن جي جنازن کي قبلي جي پاسي رکندا هئا (يعني مردن جي جنازي جي پٺيان قبلي طرف رکندا هئا). (مالڪ)



(١) كتاب الجنائز ، باب جامع الصلاة علي الجنائز

# صَلاَةُ الْعِيْدَيْنِ

# عيدن جي نماز جا مسئلا

**مسئلو 454** عيدالفطر جي نماز تي وڃڻ کان اڳ ڪا مٺي شيءِ کائڻ سنت آهي.

عَنْ أَنَسِ بْنِ مَالِكٍ ﷺ قَالَ : كَانَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ لاَ يَغْدُوْ يَوْمَ الْفِطْرِ حَتّٰى يَأْكُلَ تَمَرَاتٍ وَيَأْكُلُهُنَّ وِتْرًا. رَوَاهُ الْبُخَارِيُّ (١)

حضرت انس بن مالڪ ﷺ کان روايت آهي ته نبي اڪرم ﷺ عيدالفطر جي ڏينهن کجورون کائڻ کان سواءِ عيدگاهه لاءِ نه ويندا هئا ۽ پاڻ ﷺ کجوروں طاق (اڪي) عدد کائيندا هئا. (بخاري)

**مسئلو 455** عيد نماز لاءِ پنڌ وڃڻ ۽ اچڻ سنت آهي.

عَنِ ابْنِ عُمَرَ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا قَالَ : كَانَ النَّبِيُّ ﷺ يَخْرُجُ إِلَى الْعِيْدِ مَاشِيًا وَيَرْجِعُ مَاشِيًا . رَوَاهُ ابْنُ مَاجَةَ (٢) (حسن)

حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنهما کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ عيد گاهه ڏانهن پنڌ ويندا ۽ ايندا هئا. (ابن ماجه)

**مسئلو 456** عيدگاهه طرف اچڻ ۽ واپسي جو رستو بدلائڻ سنت آهي.

عَنْ جَابِرِ بْنِ عَبْدِ اللّٰهِ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا قَالَ : كَانَ النَّبِيُّ ﷺ إِذَا كَانَ يَوْمُ عِيْدٍ خَالَفَ الطَّرِيْقَ . رَوَاهُ الْبُخَارِيُّ (٣)

حضرت جابر بن عبد الله رضی الله عنهما کان روايت آهي نبي ڪريم ﷺ عيد جي ڏينهن عيدگاهه لاءِ اچڻ ۽ وڃڻ جو رستو تبديل ڪندا هئا.

**مسئلو 457** عيد نماز ڳوٺ کان ٻاهر کليل ميدان ۾ پڙهڻ سنت آهي.

---

(١) كتاب العيدين ، باب اكل يوم الفطر قبل الخروج

(٢) صحيح سنن ابن ماجة ، للالباني ، الجزء الاول ، رقم الحديث ١٠٧١

(٣) كتاب العيدين ، باب من خالف الطريق اذا رجع يوم العيد

پڙهيون. حضرت ابوهريره ﷺ پهرئين رڪعت ۾ قرائت کان اڳ ست تڪبيرون ۽ ٻي رڪعت ۾ قرائت کان پهرئين پنج تڪبيرون چيون. (مالڪ)

**مسئلو 461 عيدن جي نماز ۾ پهرئين نماز ۽ پوءِ خطبو ڏيڻ مسنون آهي.**

عَنِ ابْنِ عُمَرَ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا قَالَ: كَانَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ وَ اَبُوْبَكْرٍ وَ عُمَرُ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا يُصَلُّوْنَ الْعِيْدَيْنِ قَبْلَ الْخُطْبَةِ. مُتَّفَقٌ عَلَيْهِ (١)

حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنهما روايت آهي ته رسول الله ﷺ حضرت ابوبڪر صديق ۽ حضرت فاروق رضي الله عنهما عيد جون نمازون خطبي کان پهرئين ادا فرمائيندا. (بخاري ۽ مسلم)

**مسئلو 462 عيد نماز کان پهرئين يا پوءِ ڪا (سنت يا نفل) نماز نه آهي.**

عَنِ ابْنِ عَبَّاسٍ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا قَالَ: خَرَجَ النَّبِيُّ ﷺ يَوْمَ اَضْحٰى اَوْ فِطْرٍ فَصَلّٰى رَكْعَتَيْنِ لَمْ يُصَلِّ قَبْلَهُمَا وَ لَا بَعْدَهَا. رَوَاهُ مُسْلِمٌ (٢)

حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي ته نبي اڪرم ﷺ عيد جي ڏينهن گهر کان نڪتا ٻه رڪعتون عيد نماز ادا فرمائي. ان کان پهرئين يا پوءِ ٻي ڪابه نماز نه پڙهي. (مسلم)

**مسئلو 463 عيد نماز کان پوءِ گهر وڃي ٻه رڪعتون نماز پڙهڻ مستحب آهي.**

عَنْ اَبِيْ سَعِيْدِ نِ الْخُدْرِيِّ ﷺ قَالَ: كَانَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ لَا يُصَلِّيْ قَبْلَ الْعِيْدِ شَيْئًا فَاِذَا رَجَعَ اِلٰى مَنْزِلِهٖ صَلّٰى رَكْعَتَيْنِ. رَوَاهُ ابْنُ مَاجَةَ (٣) (حسن)

حضرت ابو سعيد خدري ﷺ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ عيد نماز کان پهرئين ڪا نماز نه پڙهندا هئا. ليڪن (عيد نماز کان پوءِ) جڏهن گهر واپس تشريف آڻيندا هئا ته ٻه رڪعتون نماز ادا فرمائيندا هئا. (ابن ماجه)

**مسئلو 464 جيڪڏهن جمعي جي ڏينهن عيد اچي ته ٻئي پڙهڻ بهتر آهن**

---

(١) اللؤلؤ والمرجان، الجزء الاول، رقم الحديث ٥٠٩

(٢) مختصر صحيح مسلم، للالباني، رقم الحديث ٤٣٠

(٣) صحيح سنن ابن ماجة، للالباني، الجزء الاول، رقم الحديث ١٠٦٩

ليڪن عيد نماز پڙهڻ بعد جمعي نماز جي بدران صرف ظهر نماز ادا ڪئي وڃي ته به صحيح آهي.

عَنْ أَبِيْ هُرَيْرَةَ رضي الله عنه عَنْ رَسُوْلِ اللّٰهِ ﷺ أَنَّهُ قَالَ ((عِيْدَانِ اجْتَمَعَ فِيْ يَوْمِكُمْ هٰذَا فَمَنْ شَاءَ أَجْزَءَهُ عَنِ الْجُمُعَةِ وَإِنَّا مُجَمِّعُوْنَ إِنْ شَاءَ اللّٰهُ تَعَالٰى)) رَوَاهُ أَبُوْدَاؤُدَ وَابْنُ مَاجَةَ (١)

(صحيح)

حضرت ابوهريره رضي الله عنه رسول الله ﷺ کان روايت ڪئي آهي ته نبي اڪرم ﷺ فرمايو، ”توهان جون اڄ جي ڏينهن ٻه عيدون (هڪ عيد ۽ ٻيو جمعو) گڏ ٿيون آهن. جنهن کي وڻي ان لاءِ جمعي (نماز) جي بدران عيد (نماز) ئي ڪافي آهي، ليڪن اسان ٻئي (يعني عيد ۽ جمعو) پڙهنداسون. (ابوداؤد ۽ ابن ماجه)

**مسئلو 465** ڪڪرن جي ڪري شوال جو چنڊ ڏسڻ ۾ نه اچي ۽ روزو رکڻ کانپوءِ معلوم ٿئي ته چنڊ ڏٺو ويو آهي ته روزو کولي ڇڏڻ گهرجي.

**مسئلو 466** اگر چنڊ ڏسڻ جو اطلاع زوال کان اڳ ملي ته عيد نماز ان ڏينهن ادا ڪرڻ گهرجي، اگر زوال کانپوءِ اطلاع ملي ته نماز ٻئي ڏينهن تي ادا ڪرڻ گهرجي.

عَنْ أَبِيْ عُمَيْرِ بْنِ أَنَسٍ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا عَنْ عُمُوْمَةٍ لَهُ مِنْ أَصْحَابِ النَّبِيِّ ﷺ أَنَّ رَكْبًا جَاءُوْا إِلَى النَّبِيِّ ﷺ يَشْهَدُوْنَ أَنَّهُمْ رَأَوُا الْهِلَالَ بِالْأَمْسِ فَأَمَرَهُمْ: أَنْ يُفْطِرُوْا، وَإِذَا أَصْبَحُوْا يَغْدُوْا إِلٰى مُصَلَّاهُمْ. رَوَاهُ أَبُوْدَاؤُدَ (٢) (صحيح)

حضرت ابو عمير بن انس رضي الله عنهما پنهنجن چاچن جيڪي نبي اڪرم ﷺ جا اصحابي هئا، کان روايت ڪن ٿا ته ڪجهه سوار رسول الله ﷺ جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيا ۽ شاهدي ڏني ته انهن گذريل ڏينهن (شوال) جو چنڊ ڏٺو آهي. ان تي رسول الله ﷺ صحابه ڪرام رضي الله عنهم کي روزو افطار ڪرڻ جو حڪم ڏنو ۽ فرمايو ته ماڻهو سڀاڻي صبح جو (نماز عيد لاءِ) عيدگاهه ۾ اچن. (ابوداؤد)

**مسئلو 467** عيدن جي نماز دير سان پڙهڻ ناپسنديده آهي

---

(١) صحيح سنن ابن ماجة، للالباني، الجزء الاول، رقم الحديث ١٠٨٣

(٢) صحيح سنن ابي داؤد، للالباني، الجزء الاول، رقم الحديث ١٠٦٢

**مسئلو 468** عيد الفطر جي نماز جو وقت اشراق جي نماز جو وقت آهي.

عَنْ عَبْدِ اللّٰهِ بْنِ بُسْرٍ ﷺ صَاحِبِ رَسُوْلِ اللّٰهِ ﷺ اَنَّهٗ خَرَجَ مَعَ النَّاسِ فِيْ يَوْمِ عِيْدِ فِطْرٍ اَوْ اَضْحٰى فَاَنْكَرَ اِبْطَاءَ الْاِمَامِ وَ قَالَ : اِنَّا كُنَّا قَدْ فَرَغْنَا سَاعَتَنَا هٰذِهٖ وَ ذٰلِكَ حِيْنَ التَّسْبِيْحِ. رَوَاهُ اَبُوْدَاؤُدَ وَ اِبْنُ مَاجَةَ (١) (صحيح)

حضرت عبدالله بن بسر ﷺ صحابي رسول الله ﷺ کان روايت ڪئي آهي ته هو عيدالفطر يا عيدالضحيٰ جي نماز لاءِ ماڻهن سان گڏ عيد گاهه روانا ٿيا ته امام کي (نماز ۾) دير ڪرڻ تي ناپسنديدگي جو اظهار ڪيو ۽ فرمايو ته اسان ته هن وقت تائين نماز پڙهي واندا به ٿي ويندا هئاسون ۽ اهو اشراق جو وقت هو.
(ابوداؤد ۽ ابن ماجه)

**مسئلو 469** عيد گاهه ويندي ڪثرت (گهڻائي) سان تڪبيرون چوڻ سنت آهي.

عَنِ ابْنِ عُمَرَ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا اَنَّهٗ كَانَ يَغْدُوْ اِلَى الْمُصَلّٰى يَوْمَ الْفِطْرِ اِذَا طَلَعَتِ الشَّمْسُ فَيُكَبِّرُ حَتّٰى يَاْتِيَ الْمُصَلّٰى ثُمَّ يُكَبِّرُ بِالْمُصَلّٰى حَتّٰى اِذَا جَلَسَ الْاِمَامُ تَرَكَ التَّكْبِيْرَ. رَوَاهُ الشَّافِعِيُّ (٢)

حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنهما عيد جي ڏينهن صبح جو سج نڪرڻ سان ئي عيدگاهه ڏانهن ويندا هئا ۽ عيدگاهه تائين تڪبيرون چوندا ويندا هئا. عيد گاهه ۾ به تڪبيرون چوندا رهندا هئا ۽ ايستائين جو امام (خطبي لاءِ) منبر تي ويٺو هو ته پوءِ تڪبير چوڻ بند ڪندا هئا. (شافعي)

**وضاحت** مسنون تڪبيرون هي آهن:

اَللّٰهُ اَكْبَرُ، اَللّٰهُ اَكْبَرُ، لَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَ اللّٰهُ اَكْبَرُ، اَللّٰهُ اَكْبَرُ وَ لِلّٰهِ الْحَمْدُ

**مسئلو 470** اگر ڪنهن کي عيد نماز نه ملي سگهي يا بيماريءَ سبب عيدگاهه نه وڃي سگهي ته ٻه رڪعتون اڪيلو ئي ادا ڪري.

اَمَرَ اَنَسُ بْنُ مَالِكٍ ﷺ مَوْلَاهُ ابْنَ اَبِيْ غَنِيَّةَ بِالزَّاوِيَةِ فَجَمَعَ اَهْلَهٗ وَ بَنِيْهِ وَ صَلّٰى

---

(١) صحيح سنن ابن ماجة، للالباني، الجزء الاول، رقم الحديث ١٠٠٥

(٢) كتاب الصلاة، باب في صلاة العيدين، رقم الحديث ٤٤٥

كَصَلَاةِ أَهْلِ الْمِصْرِ وَتَكْبِيْرِهِمْ ، وَقَالَ عِكْرِمَةُ أَهْلُ السَّوَادِ يَجْتَمِعُوْنَ فِي الْعِيْدِ يُصَلُّوْنَ رَكْعَتَيْنِ كَمَا يَصْنَعُ الْإِمَامُ ، وَقَالَ عَطَاءٌ : إِذَا فَاتَهُ الْعِيْدُ صَلَّى رَكْعَتَيْنِ . رَوَاهُ الْبُخَارِيُّ (١)

حضرت انس بن مالڪ ﷺ پنهنجي غلام ابن ابي غنية کي زاويه ڳوٺ ۾ نماز پڙهائڻ جو حڪم ڏنو ته ابن بي غنية، حضرت انس ﷺ جي گهر وارن ۽ پٽن کي جمع ڪيو ۽ سڀني اهل مصر (شهر) وارن وانگر تڪبيرون چيون ۽ نماز پڙهي. حضرت عڪرمہ ﷺ چيو، "ڳوٺ جا ماڻهو عيد جي ڏينهن جمع ٿين ۽ ٻه رڪعتون نماز پڙهن جنهن طرح سان امام پڙهي ٿو ۽ عطاء رحمة الله عليه چيو، "جڏهن ڪنهن جي عيد جي نماز فوت (رهجي) ٿي وڃي ته هو ٻه رڪعتون نماز ادا ڪري". (بخاري)



(١) ڪتاب العيدين ، باب اذا فاته العيد يصلي رڪعتين

حضرت عائشة رضي الله عنها کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جڏهن مينهن وسندو ڏسندا هئا تہ فرمائيندا هئا. "يا الله! فائدو پهچائڻ وارو مينهن وساءِ." (بخاري ۽ مسلم)

## مسئلو 480 گهڻي برسات(مينهن) جي نقصان کان محفوظ رهڻ جي دعا.

عَنْ اَنَسِ بْنِ مَالِكٍ رضي الله عنه رَفَعَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ يَدَيْهِ ثُمَّ قَالَ ((اَللّٰهُمَّ حَوَالَيْنَا وَ لَا عَلَيْنَا اَللّٰهُمَّ عَلَى الْآكَامِ وَالظِّرَابِ وَبُطُوْنِ الْاَوْدِيَةِ وَ مَنَابِتِ الشَّجَرِ. مُتَّفَقٌ عَلَيْهِ (١)

حضرت انس بن مالک رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ (گهڻي مينهن جي نقصان کان محفوظ رهڻ لاءِ) هيءَ ڪلمي هي دعا فرمائي، "يا الله! اسان جي بدران اسان جي چوڌاري علائقن تي مينهن وساءِ. يا الله! ٽڪرين، ٽڪرين، ناٽن ۽ وڻ پيدا ٿيڻ جي جڳهين تي مينهن وساءِ." (بخاري ۽ مسلم)



(١) صحيح مسلم، كتاب الصلاة الاستسقاء، باب الدعا في الاستسقاء

# صَلَاةُ الْخَوْفِ

# نماز خوف جا مسئلا

**مسئلو 481** نماز خوف لاءِ سفر شرط نہ آهي.

**مسئلو 482** نماز خوف جي باري ۾ حضور اڪرم ﷺ کان ڪيترائي طريقا ثابت آهن. جنگ جي صورتحال جي پيش نظر جنهن نموني جو موقعو هجي ان مطابق نماز ادا ڪجي.

**مسئلو 483** جيڪڏهن سفر ۾ خوف هجي تہ چئن رڪعتن واري نماز (ظهر، عصر ۽ عشاء جون نمازون) قصر ڪري ٻہ رڪعتون ادا ڪرڻ گهرجن. ان حالت ۾ پهرئين اڌ لشڪر امام جي پويان اچي هڪ رڪعت ادا ڪندو، باقي هڪ رڪعت ميدان جنگ ۾ (جنهن وقت ٽائيم ملي) اچي ادا ڪندو، پوءِ باقي اڌ لشڪر ميدان جنگ مان اچي امام جي پويان هڪ رڪعت ادا ڪندو ۽ باقي هڪ رڪعت ميدان جنگ ۾ (جنهن وقت ٽائيم ملي) ادا ڪندو.

**مسئلو 484** جيڪڏهن حضر (مقيم - غير سفر) ۾ خوف هجي تہ چئن رڪعتن واري نماز پوري ادا ڪرڻ گهرجي. ان حالت ۾ اڌ لشڪر امام جي پويان اچي ٻہ رڪعتون ادا ڪري ۽ باقي ٻہ رڪعتون ميدان جنگ ۾ (جنهن وقت ٽائيم ملي) ادا ڪري، ساڳئي طرح باقي اڌ لشڪر امام جي پويان ٻہ رڪعتون ادا ڪري ۽ باقي ٻہ رڪعتون ميدان جنگ ۾ (جنهن وقت، وقت ملي) ادا ڪري.

عَنِ ابْنِ عُمَرَ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا قَالَ : صَلّٰى رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ صَلَاةَ الْخَوْفِ بِإِحْدَى الطَّائِفَتَيْنِ رَكْعَةً وَالطَّائِفَةُ الْأُخْرٰى مُوَاجِهَةَ الْعَدُوِّ ثُمَّ انْصَرَفُوْا وَ قَامُوْا فِيْ مَقَامِ أَصْحَابِهِمْ

مُقْبِلِيْنَ عَلَى الْعَدُوِّ وَ جَاءَ أُولَئِكَ ثُمَّ صَلَّى بِهِمُ النَّبِيُّ ﷺ رَكْعَةً ثُمَّ سَلَّمَ النَّبِيُّ ﷺ ثُمَّ قَضَى هٰؤُلَاءِ رَكْعَةً وَ هٰؤُلَاءِ رَكْعَةً. رَوَاهُ مُسْلِمٌ (١)

حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنهما کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ لشڪر جي هڪ حصي کي جنگ جي وقت هڪ رڪعت نماز پڙهائي. جڏهن تہ لشڪر جو ٻيو حصو دشمن سان گڏ جنگ ڪرڻ ۾ مصروف هو. پوءِ نماز پڙهڻ وارو حصو دشمن جي سامهون آيو ۽ ٻئي حصي کي رسول الله ﷺ هڪ رڪعت نماز پڙهائي ۽ سلام ڦيرايو. پوءِ پهرين ۽ ٻئي حصي پنهنجي (باقي) هڪ هڪ رڪعت (نماز ميدان جنگ ۾) ادا ڪئي. (مسلم)

عَنْ جَابِرٍ ﷺ قَالَ : كُنَّا مَعَ النَّبِيِّ ﷺ بِذَاتِ الرِّقَاعِ وَ أُقِيْمَتِ الصَّلَاةُ فَصَلّٰى بِطَائِفَةٍ رَكْعَتَيْنِ ثُمَّ تَأَخَّرُوْا وَ صَلَّى بِالطَّائِفَةِ الْأُخْرٰى رَكْعَتَيْنِ وَ كَانَ لِلنَّبِيِّ أَرْبَعٌ وَ لِلْقَوْمِ رَكْعَتَانِ. مُتَّفَقٌ عَلَيْهِ (٢)

حضرت جابر ﷺ کان روايت آهي تہ غزوه رقاع جي موقعي تي اسين رسول الله ﷺ سان گڏ هئاسون. نماز جي نيت ٻڌي وئي. حضور اڪرم ﷺ لشڪر جي هڪ حصي کي ٻہ رڪعتون نماز پڙهائي ۽ اهو (حصو ميدان جنگ ۾) هليو ويو. پوءِ لشڪر جي ٻئي حصي کي ٻہ رڪعتون نماز پڙهائي. اهڙيءَ طرح سان حضور اڪرم ﷺ جون چار ۽ ماڻهن جون ٻہ ٻہ رڪعتون ٿيون. (بخاري ۽ مسلم)

**وضاحت** سفر ۾ قصر ڪري ٻہ رڪعتون نماز پڙهڻي آهي. تنهن ڪري نبي اڪرم ﷺ لشڪر کي ٻہ رڪعتون نماز پڙهائي. نبي اڪرم ﷺ جون ٻہ رڪعتون فرض ۽ ٻيءَ جماعت واري نماز نفلي نماز هئي.

## مسئلو 485 گهڻي خوف جي حالت ۾ جهڙيءَ طرح بہ ممڪن هجي نماز ادا ڪرڻ گهرجي.

عَنِ ابْنِ عُمَرَ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا قَالَ : قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ فِيْ صَلَاةِ الْخَوْفِ ((فَإِنْ كَانَ خَوْفٌ أَشَدُّ مِنْ ذٰلِكَ فَرِجَالًا أَوْ رُكْبَانًا)) رَوَاهُ ابْنُ مَاجَةَ (٣)

---

(١) كتاب صلاة المسافرين ، باب صلاة الخوف

(٢) منتقى الاخبار ، كتاب صلاة الخوف ، رقم الحديث ١٧٠٢

(٣) كتاب الصلاة ، باب ما جاء في صلاة الخوف

حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنهما کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ نماز خوف جو طريقو ٻڌائيندي فرمايو، "اگر خطرو وڌيڪ هجي ته پيادل يا سوار (جيئن به ممڪن هجي) نماز ادا ڪريو." (ابن ماجه)

**مسئلو 486** جنگ جي صورتحال جي پيش نظر نماز قضا ڪري سگهجي ٿي.

عَنْ عَبْدِ اللّٰهِ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ قَالَ نَادٰى رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ يَوْمَ انْصَرَفَ عَنِ الْأَحْزَابِ ((أَنْ لاَ يُصَلِّيَنَّ أَحَدٌ إِلاَّ فِيْ بَنِيْ قُرَيْظَةَ )) فَتَخَوَّفَ نَاسٌ فَوْتَ الْوَقْتِ فَصَلُّوْا دُوْنَ بَنِيْ قُرَيْظَةَ وَ قَالَ آخَرُوْنَ لاَ نُصَلِّيْ إِلاَّ حَيْثُ أَمَرَنَا رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ وَإِنْ فَاتَنَا الْوَقْتُ قَالَ فَمَا عَنَّفَ وَاحِدًا مِنَ الْفَرِيْقَيْنِ. رَوَاهُ مُسْلِمٌ (١)

حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنهما کان روايت آهي ته جنهن ڏينهن رسول الله ﷺ غزوه احزاب کان واپس تشريف فرمائي ته اعلان فرمايو، "هر ماڻهو عصر جي نماز بنو قريظه (جي پاڙي) ۾ وڃي پڙهي." ڪجهه ماڻهن نماز قضا ٿيڻ جي ڊپ کان رستي ۾ ئي پڙهي، مگر ڪجهه ماڻهن چيو ته اسين (اتي) نماز پڙهنداسون، جتي اسان کي رسول الله ﷺ حڪم ڏنو آهي، چاهي نماز قضا ٿي وڃي. رسول الله ﷺ ٻنهي مان ڪنهن کي ڪجهه به نه چيو. (مسلم)

**وضاحت** اهو جهاد جنهن ۾ رسول الله ﷺ بذات خود شريڪ ٿيا، تنهن کي غزوه چئجي ٿو.

(١) ڪتاب الجهاد والسير ، باب المبادرة بالغزو وتقديم اهم الامرين المتعارضين

# صَلاَةُ الْكُسُوْفِ وَالْخُسُوْفِ

## نماز ڪسُوف يا نماز خسُوف جا مسئلا

**مسئلو 487** نماز ڪسوف ( چنڊ گرهڻ) يا خسوف (سج گرهڻ) لاءِ نہ اذان آهي نہ اقامت.

**مسئلو 488** نماز ڪسوف يا خسوف لاءِ ماڻهن کي گڏ ڪرڻو هجي تہ "الصلاۃ الجامہ" چوڻ گهرجي.

عَنْ عَائِشَةَ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا قَالَتْ : إِنَّ الشَّمْسَ خَسَفَتْ عَلٰى عَهْدِ رَسُوْلِ اللّٰهِ ﷺ فَبَعَثَ مُنَادِيًا ((اَلصَّلاَةُ جَامِعَةٌ)) فَاجْتَمَعُوْا وَ تَقَدَّمَ فَكَبَّرَ وَ صَلّٰى اَرْبَعَ رَكْعَاتٍ فِيْ رَكْعَتَيْنِ وَ اَرْبَعَ سَجَدَاتٍ. رَوَاهُ مُسْلِمٌ (١)

حضرت عائشۃ رضي الله عنها کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جي عهد مبارڪ ۾ سج کي گرهڻ لڳو تہ حضور ﷺ هڪ اعلان ڪرڻ وارو مقرر فرمايو جنهن هيئن اعلان ڪيو، "نماز تيار آهي" پوءِ ماڻهو گڏ ٿيا. حضور اڪرم ﷺ اڳيان وڌيا تڪبير چئي ۽ ٻن رڪعتن ۾ چار رڪوع ۽ چار سجدا ڪيا. (مسلم)

**مسئلو 489** جنهن وقت سج يا چنڊ کي گرهڻ لڳي انهي وقت ٻہ رڪعتون نماز باجماعت ادا ڪرڻ گهرجي.

**مسئلو 490** سج يا چنڊ گرهڻ جي نماز ۾ ٻہ رڪعتون آهن. هر رڪعت ۾ گرهڻ جي گهٽ يا وڌ وقت جي مطابق هڪ يا ٻہ يا ٽي رڪوع ڪري سگهجن ٿا.

عَنْ جَابِرٍ ﷺ قَالَ : كُسِفَتِ الشَّمْسُ عَلٰى عَهْدِ رَسُوْلِ اللّٰهِ ﷺ فِيْ يَوْمٍ شَدِيْدِ الْحَرِّ فَصَلّٰى بِأَصْحَابِهٖ فَأَطَالَ حَتّٰى جَعَلُوْا يَخِرُّوْنَ ثُمَّ رَكَعَ فَأَطَالَ ثُمَّ رَفَعَ فَأَطَالَ ثُمَّ رَكَعَ فَأَطَالَ ثُمَّ سَجَدَ سَجْدَتَيْنِ ثُمَّ قَامَ فَصَنَعَ نَحْوًا مِنْ ذٰلِكَ فَكَانَتْ اَرْبَعَ رَكْعَاتٍ وَ اَرْبَعَ سَجَدَاتٍ.

---

(١) ڪتاب المسافرين، باب صلاۃ الڪسوف

يا الله مان تنهنجي علم جي بدولت ڀلائي گهران ٿو. تنهنجي قدرت جي برڪت سان (پنهنجي ڪم ڪرڻ جي) طاقت گهران ٿو، تو کان تنهنجي فضل عظيم جو سوال ڪريان ٿو. يقيناً تون قدرت رکين ٿو، مان قدرت نه ٿو رکان، تون سڀ ڪجهه ڄاڻين ٿو ۽ آئون اڻ ڄاڻ آهيان ۽ تون ئي غيب کي ڄاڻڻ وارو آهين. يا الله تنهنجي علم جي مطابق جيڪڏهن هي ڪم منهنجي حق ۾ دين ۽ دنيا جي معاملن جي لحاظ کان ۽ انجام جي لحاظ کان بهتر آهي، يا حضور ﷺ فرمايو، "منهنجي جلدي يا دير واري معاملي (يعني دنيا يا آخرت) ۾ منهنجي حق ۾ بهتر آهي ته تون ان کي منهنجو مقدر ٺاهه، ان جي حاصل ڪرڻ ۾ منهنجي لاءِ آساني فرماءِ ۽ ان کي منهنجي لاءِ برڪت وارو بناءِ. جيڪڏهن تنهنجي علم جي مطابق هي ڪم منهنجي لاءِ دين ۽ دنيا جي معاملن جي لحاظ کان ۽ انجام جي لحاظ کان نقصان ڏيندڙ آهي، يا حضور ﷺ فرمايو، "منهنجي جلدي يا دير واري معاملي (يعني دنيا يا آخرت) ۾ منهنجي لاءِ نقصان وارو آهي ته ان کي مون کان دور فرماءِ ۽ منهنجي سوچ ان طرف کان ڦيرائي ڇڏ ۽ جتان ڪٿان به ممڪن هجي ڀلائي منهنجي مقدر ٺاهي ڇڏ ۽ مون کي ان تي مطمئن ڪري ڇڏ." حضور اڪرم ﷺ فرمايو دعا گهرڻ وارو (هذا الامر جي جاءِ تي) پنهنجي ضرورت يا مشڪلات جو نالو وٺي. (بخاري)



2- جيڪڏهن سج اڀرڻ جي 15- 20 منٽن کان پوءِ هي نفل ادا ڪيا وڃن ته نماز "اشراق" چئجي ٿو. جيڪڏهن سج اڀرڻ جي تقريباً هڪ ڪلاڪ کانپوءِ نفل ادا ڪيا وڃن ته نماز "چاشت" چئجي ٿو ۽ جيڪڏهن سج اڀرڻ جي ٻن اڍائي ڪلاڪن کانپوءِ نفل ادا ڪيا وڃن ته نماز "اوابين" چئجي ٿو.

دراصل اهي ٽيئي ناالا هڪ ئي نماز جا آهن. جنهن کي جنهن وقت تائين ملي ان ۾ پڙهي.

**مسئلو 497** چاشت جي نماز لاءِ چار رڪعتون ادا ڪرڻ افضل آهن.

**مسئلو 498** نماز چاشت جون چار رڪعتون ادا ڪرڻ واري جا سڄي ڏينهن جا ڪم الله تعالى پنهنجي ذمي وٺي ٿو.

عَنْ اَبِي الدَّرْدَاءِ وَ اَبِيْ ذَرٍّ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا عَنْ رَسُوْلِ اللّٰهِ ﷺ عَنِ اللّٰهِ تَبَارَكَ وَ تَعَالىٰ (( اَنَّهُ قَالَ ابْنَ آدَمَ اِرْكَعْ لِيْ اَرْبَعَ رَكَعَاتٍ مِنْ اَوَّلِ النَّهَارِ اَكْفِكَ آخِرَهُ)) رَوَاهُ التِّرْمِذِيُّ(١) (صحيح)

حضرت ابودرداءِ ۽ حضرت ابوذر رضي الله عنهما کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو، "الله تعالى ارشاد فرمائي ٿو، "اي آدم جا پٽ ! ڏينهن جي شروع ۾ منهنجي لاءِ چار رڪعتون نماز ادا ڪر، مان تنهنجي سڄي ڪمن لاءِ ڪافي ٿي ويندس." (ترمذي)



---

(١) صحيح سنن الترمذي، للالباني، الجزء الاول، رقم الحديث ٣٩٥

# صَلاَةُ التَّوْبَةِ

# نماز توبہ جا مسئلا

**مسئلو 499 ڪنهن گناهہ جي سرزد ٿيڻ تي يا عام گناهن کان توبہ ڪرڻ جي نيت سان وضو ڪري ٻہ رڪعتون نماز ادا ڪرڻ ڪانپوءِ الله تعاليٰ کان گناهن جي معافي طلب ڪئي وڃي تہ الله تعاليٰ معاف فرمائي ٿو.**

عَنْ عَلِيٍّ رضي الله عنه إِنِّي كُنْتُ رَجُلاً إِذَا سَمِعْتُ مِنْ رَسُوْلِ اللهِ ﷺ حَدِيْثًا نَفَعَنِي اللهُ مِنْهُ بِمَا شَاءَ أَنْ يَنْفَعَنِي بِهِ ، وَ إِذَا حَدَّثَنِي رَجُلٌ مِنْ أَصْحَابِهِ اسْتَحْلَفْتُهُ ، فَإِذَا حَلَفَ صَدَّقْتُهُ ، وَ إِنَّهُ حَدَّثَنِي أَبُوْبَكْرٍ رضي الله عنه ، وَصَدَقَ أَبُوْ بَكْرٍ رضي الله عنه قَالَ : سَمِعْتُ رَسُوْلَ اللهِ ﷺ يَقُوْلُ مَا مِنْ رَجُلٍ يُذْنِبُ ذَنْبًا ثُمَّ يَقُوْمُ فَيَتَطَهَّرُ ثُمَّ يُصَلِّيْ ثُمَّ يَسْتَغْفِرُ اللهَ ، إِلاَّ غَفَرَ اللهُ لَهُ ، ثُمَّ قَرَأَ هٰذِهِ الآيَةَ ﴿ وَالَّذِيْنَ إِذَا فَعَلُوْا فَاحِشَةً أَوْ ظَلَمُوْا أَنْفُسَهُمْ ذَكَرُوا اللهَ ...... ﴾ إِلَى آخِرِ الآيَةِ . رَوَاهُ التِّرْمِذِيُّ (١) (حسن)

حضرت علي رضي الله عنه کان روايت آهي تہ مان جڏهن بہ رسول الله ﷺ کان حديث ٻڌندو هئس (ان تي عمل ڪندو هئس تہ ان تي) الله تعاليٰ جيترو چاهيندو مون کي فائدو پهچائيندو ۽ جڏهن بہ ڪنهن صحابي رسول کان ڪا حديث ٻڌندو هئس تہ ان کان قسم وٺندو هئس ( تہ واقعي اها الله جي رسول ﷺ فرمائي آهي) تہ ان تي ايمان آڻيندو هئس (۽ عمل ڪندو هئس). هي حديث مون سان حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه بيان ڪئي ۽ انهن بلڪل سچ چيو. حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه فرمائين ٿا تہ مون رسول الله ﷺ کي فرمائيندي ٻڌو. "ڪوبہ ماڻهو جڏهن گناهہ ڪري ٿو پوءِ وضو ڪري ( ٻہ يا چار رڪعتون) نماز پڙهي ٿو ۽ الله تعاليٰ کان توبہ استغفار ڪري ٿو تہ الله تعاليٰ ان کي ضرور معاف فرمائي ٿو." پوءِ رسول الله ﷺ هي آيت تلاوت فرمائي: (ترجمو) اهي ماڻهن جن کان ڪو فحش ڪم ٿي وڃي ٿو يا ڪو گناهہ سرزد ڪري هو پنهنجو پاڻ تي ظلم ڪري ويهن ٿا تہ انهن کي يڪدم الله تعاليٰ ياد اچي ٿو ۽ هو هن کان پنهنجي گناهن جي معافي طلب ڪن ٿا ڇو جو الله

---

(١) صحيح سنن الترمذي ، للالباني ، الجزء الاول ، رقم الحديث ٣٣٢

تعاليٰ ڪانسواءِ ٻيو ڪير آهي جو گناهه معاف ڪري سگهي ۽ هو ڄاڻي واڻي پنهنجي ڪيل (عمل) تي اصرار نه ٿا ڪن.“ (سورة آل عمران، آيت نمبر 135)
(ترمذي)

**توبه جون مسنون دعائون:**

١ - اَللّٰهُمَّ اِنِّيْ اَتُوْبُ اِلَيْكَ مِنْهَا لَآ اَرْجِعُ اِلَيْهَا اَبَدًا (حاڪم)

ترجمو:- يا الله! مان پنهنجي گناهن جي توبه ڪيان ٿو ۽ ڪڏهن ان طرف واپس نه ٿيندس (ٻيهر نه ڪندس).

٢ - اَللّٰهُمَّ مَغْفِرَتُكَ اَوْسَعُ مِنْ ذُنُوْبِيْ وَرَحْمَتُكَ اَرْجٰى عِنْدِيْ مِنْ عَمَلِيْ (حاڪم)

ترجمو:- يا الله! منهنجي گناهن جي مقابلي ۾ تنهنجي مغفرت (بخشش) تمام گهڻي آهي ۽ منهنجي عمل جي مقابلي ۾ تنهنجي رحمت جي اميد وڌيڪ آهي.

# تَحِيَّةُ الْوُضُوْءِ وَالْمَسْجِدِ
## تحية الوضوء ۽ تحية المسجد جا مسئلا

**مسئلو 500** وضو ڪرڻ ڪانپوءِ ٻه رڪعتون نماز ادا ڪرڻ مُستحب آهي.

**مسئلو 501** تحية الوضو جنت ۾ وٺي وڃڻ وارو عمل آهي.

عَنْ اَبِيْ هُرَيْرَةَ رضي الله عنه قَالَ : قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ ((لِبِلاَلٍ صَلاَةَ الْغَدَاةِ يَا بِلاَلُ! حَدِّثْنِيْ بِأَرْجٰى عَمَلٍ عَمِلْتَهُ عِنْدَكَ فِي الْإِسْلاَمِ مَنْفَعَةً فَإِنِّيْ سَمِعْتُ اللَّيْلَةَ خَشْفَ نَعْلَيْكَ بَيْنَ يَدَيَّ فِي الْجَنَّةِ)) قَالَ بِلاَلٌ : مَا عَمِلْتُ عَمَلاً فِي الْإِسْلاَمِ اَرْجٰى عِنْدِيْ مَنْفَعَةً مِنْ اَنِّيْ لَمْ اَتَطَهَّرْ طُهُوْرًا تَامًّا فِيْ سَاعَةٍ مِنْ لَيْلٍ وَ لاَ نَهَارٍ اِلاَّ صَلَّيْتُ بِذٰلِكَ الطُّهُوْرِ مَا كَتَبَ اللّٰهُ لِيْ اَنْ اُصَلِّيَ . مُتَّفَقٌ عَلَيْهِ (١)

حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ (هڪ ڏينهن) فجر نماز ڪانپوءِ حضرت بلال رضي الله عنه کان پڇيو، ”اي بلال! اسلام قبول ڪرڻ ڪانپوءِ تنهنجو اهو ڪهڙو (نفلي) عمل آهي، جنهن تي توکي بخشش جي وڌيڪ اميد آهي، ڇو جو اڄ رات مون جنت ۾ پنهنجي اڳيان اڳيان تنهنجي هلڻ جو آواز ٻڌو آهي؟“ حضرت بلال رضي الله عنه عرض ڪيو، ”مون ان کان وڌيڪ اميد افزا عمل ٻيو ته ڪونه ڪيو آهي جو ڏينهن رات ۾ جڏهن به وضو ڪريان ٿو ته جيترو الله تعاليٰ کي منظور آهي نماز (نفل) پڙهندو آهيان.“ (بخاري ۽ مسلم)

**مسئلو 502** مسجد ۾ داخل ٿيڻ ڪانپوءِ ۽ ويهڻ کان پهرئين ٻه رڪعتون نفل تحية المسجد ادا ڪرڻ مستحب آهي.

عَنْ اَبِيْ قَتَادَةَ رضي الله عنه اَنَّ رَسُوْلَ اللّٰهِ ﷺ قَالَ ((اِذَا دَخَلَ اَحَدُكُمُ الْمَسْجِدَ فَلْيَرْكَعْ رَكْعَتَيْنِ قَبْلَ اَنْ يَجْلِسَ)) مُتَّفَقٌ عَلَيْهِ (٢)

حضرت ابو قتاده رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو، ”جڏهن ڪو ماڻهو مسجد ۾ داخل ٿئي ته ويهڻ کان پهرئين ٻه رڪعتون نماز ادا ڪري.“ (بخاري ۽ مسلم)

---

(١) مختصر صحيح مسلم، للالباني ، رقم الحديث ١٦٨٢

(٢) اللؤلؤ والمرجان ، الجزء الاول ، رقم الحديث ٤١٤

فرمايو، ”ڇا ڳالهه آهي؟“ مون ڳالهه ٻڌائي ته حضور اڪرم ﷺ ارشاد فرمايو ته جبرئيل عليه السلام مون کي چيو، ”اي محمد ﷺ! ڇا مان توهان کي هڪ بشارت نه ڏيان؟ الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته جيڪو شخص توهان تي درود موڪليندو مان به ان تي رحمت نازل ڪندس ۽ جيڪو توهان تي سلام موڪليندو مان به ان تي سلام موڪليندس“ (ان تي مون الله تعاليٰ جو شڪر ادا ڪيو). (احمد)



توکي هڪ تحفو، هڪ انعام، هڪ ڀلائي يعني اهڙيون ڏهه ڳالهيون نه ٻڌايان جو توهان اگر ان تي عمل ڪريو ته الله تعاليٰ توهان جا سڀ اڳيان ۽ پويان، نوان ۽ پراڻا، عمداً (ڄاڻي واڻي) سهواً (ڀُل ۾)، ننڍا ۽ وڏا، لڪل ۽ ظاهر سڀ گناهه معاف فرمائي ڇڏيندا. اهي ڏهه ڳالهيون هي آهن ته توهان چار رڪعتون نماز ادا ڪريو، هر رڪعت ۾ سورة فاتحه ۽ هڪ ٻي سورة پڙهو، جڏهن توهان پهرئين رڪعت ۾ قرائت کان فارغ ٿيو ته قيام جي حالت ۾ پندرهن دفع هي تسبيح پڙهو "سبحان الله، والحمد الله، ولا اله الاالله، و الله اکبر" (الله پاڪ آهي حمد صرف الله لاءِ آهي. الله کان سواءِ ڪو معبود نه آهي ۽ الله سڀني کان وڏو آهي) پوءِ رڪوع ڪر. (سبحان ربي العظيم چوڻ کان پوءِ) رڪوع جي حالت ۾ ئي ڏهه دفعا اهائي تسبيح پڙهه پوءِ رڪوع مان مٿو مٿي ڪڻ ۽ (قومہ جا ڪلما ادا ڪرڻ کان پوءِ) ڏهه دفعا اهائي تسبيح پڙهه ۽ پوءِ سجدو ڪر (سجدي ۾ ربي الاعليٰ چوڻ کان پوءِ) ڏهه دفعا اهائي تسبيح پڙهه پوءِ سجدي مان اٿي (جلسہ جي دعا پڙهڻ کان پوءِ) ڏهه دفعا اها ئي تسبيح پڙهه ۽ ٻيو سجدو ڪر (سبحان ربي الاعليٰ چوڻ کان پوءِ) ڏهه دفعا اهائي تسبيح پڙهه پوءِ سجدي مان اٿي ۽ (جلسہ استراحت جي حالت ۾) ڏهه دفعا اهائي تسبيح پڙهه. اهڙي طرح هڪ رڪعت ۾ 75 دفعا اها تسبيح پڙهبي. چئني رڪعتن ۾ اهو عمل ڪريو (چئن رڪعتن ۾ 300 دفعا تسبيح ٿيندي). اگر توهان هر روز هڪ دفعو نماز تسبيح پڙهي سگهو ته پڙهو. اگر روزانو نه پڙهي سگهو ته هر هفتي ۾ هڪ دفعو پڙهو، اگر هفتي ۾ نہ پڙهي سگهو ته پوءِ هر مهيني ۾ هڪ دفعو پڙهو. اگر هر مهيني ۾ به نه پڙهي سگهو ته هر سال ۾ هڪ دفعو پڙهو. اگر سال ۾ به هڪ دفعو نه پڙهي سگهو ته سڄي زندگي ۾ هڪ دفعو پڙهو.* (ابوداؤد)

**مسئلو 507** نماز تسبيح باجماعت ادا ڪرڻ سنت رسول الله ﷺ کان يا صحابہ رضوان عليهم اجمعين کان ثابت نه آهي.

# مَسَائِلُ مُتَفَرِّقَةٌ
# متفرق مسئلا

**مسئلو 509** بيمار ماڻهو جنهن حالت ۾ نماز پڙهي سگهي، پڙهي.

عَنْ عِمْرَانَ بْنِ حُصَيْنٍ كَانَتْ بِيْ بَوَاسِيْرُ فَسَأَلْتُ النَّبِيَّ عَنِ الصَّلاَةِ فَقَالَ ((صَلِّ قَائِمًا فَإِنْ لَمْ تَسْتَطِعْ فَقَاعِدًا فَإِنْ لَمْ تَسْتَطِعْ فَعَلَى جَنْبٍ)) رَوَاهُ أَحْمَدُ وَالْبُخَارِيُّ وَ أَبُوْدَاؤُدَ وَالنَّسَائِيُّ وَالتِّرْمِذِيُّ وَابْنُ مَاجَةَ (١)

حضرت عمران بن حصين رضي الله عنه فرمائين ٿا ته مان بواسير جو مريض هئس. مون نبي اڪرم ﷺ کان نماز پڙهڻ جو مسئلو معلوم ڪيو ته حضور اڪرم ﷺ ارشاد فرمايو، ”بيهي پڙهي سگهين ته بيهي پڙهه، ويهي پڙهي سگهين ته ويهي پڙهه، ليٽي پڙهي سگهين ته ليٽي پڙهه.“

(احمد، بخاري،ابوداؤد، نسائي، ترمذي ۽ ابن ماجه)

**مسئلو 510** ننڊ جو غلبو هجي ته پهرئين ننڊ پوري ڪرڻ گهرجي پوءِ نماز پڙهڻ گهرجي.

عَنْ عَائِشَةَ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا أَنَّ النَّبِيَّ ﷺ قَالَ ((إِذَا نَعَسَ أَحَدُكُمْ فِي الصَّلاَةِ فَلْيَرْقُدْ حَتَّى يَذْهَبَ عَنْهُ النَّوْمُ فَإِنَّ أَحَدَكُمْ إِذَا صَلَّى وَ هُوَ نَاعِسٌ لَعَلَّهُ يَذْهَبُ يَسْتَغْفِرُ فَيَسُبُّ نَفْسَهُ)) رَوَاهُ مُسْلِمٌ (٢)

حضرت عائشة رضي الله عنها کان روايت آهي ته نبي اڪرم ﷺ فرمايو، ”جڏهن ڪنهن کي نماز ۾ ننڊ اچڻ لڳي ته ان کي پهرئين ننڊ پوري ڪرڻ گهرجي، ان لاءِ جو جڏهن توهان نماز جي حالت ۾ ننڊ ۾ هوندا ته مغفرت گهرڻ جي بدران ممڪن آهي پنهنجو پاڻ کي گاريون ڏيڻ لڳو“. (مسلم)

**مسئلو 511** عشاء نماز کان پهرئين سمهڻ ۽ عشاء نماز کان پوءِ ڳالهيون ڪرڻ ناپسنديده آهي.

عَنْ أَبِيْ بَرْزَةَ رضي الله عنه أَنَّ رَسُوْلَ اللّٰهِ ﷺ كَانَ يَكْرَهُ النَّوْمَ قَبْلَهَا وَالْحَدِيْثَ بَعْدَهَا.

---

(١) مختصر صحيح بخاري ، للزبيدي ، رقم الحديث ٥٨٧

(٢) مختصر صحيح مسلم، للالباني ، رقم الحديث ٢٨٦

حضرت عمر بن خطاب ﷺ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو. ”جيڪو شخص رات جو وظيفو يا ڪو ٻيو معمول ڇڏي سمهي پيو ۽ پوءِ ان کي فجر ۽ ظهر نماز جي وچ ۾ ادا ڪيو ته ان کي رات واري وقت ۾ ادا ڪرڻ جو ثواب ملي ٿو“. (ترمذي)

## مسئلو 515 آڱرين تي تسبيحات (ذڪر) ڪرڻ (ڳڻڻ) مسنون آهي.

عَنْ يُسَيْرَةَ رضي الله عنها وَ كَانَتْ مِنَ الْمُهَاجِرَاتِ قَالَتْ : قَالَ لَنَا رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ عَلَيْكُنَّ بِالتَّسْبِيْحِ وَالتَّهْلِيْلِ وَالتَّقْدِيْسِ وَاعْقِدْنَ بِالْأَنَامِلِ فَإِنَّهُنَّ مَسْئُوْلَاتٌ مُسْتَنْطَقَاتٌ وَ لَا تَغْفُلْنَ فَتَنْسَيْنَ الرَّحْمَةَ)) رَوَاهُ التِّرْمِذِيُّ وَ أَبُوْدَاوُدَ (١) (حسن)

حضرت يسيره رضي الله عنها جيڪا مهاجر خاتون هئي کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ اسان کي فرمايو. ”سبحان الله لا اله الا الله“ ۽ ”سبحان الملك القدوس“ چوڻ پاڻ تي لازم ڪريو ۽ آڱرين تي ڳڻيو ڇو جو (قيامت جي ڏينهن) هو سوال ڪيون وينديون ۽ ڳالهائيون وينديون. هي تسبيحات پڙهڻ کان غافل نه رهجو نه ته رحمت کان محروم ٿي ويندو“. (ترمذي ۽ ابوداؤد)

## مسئلو 516 بيابان يا جهنگ ۾ اڪيلو نماز ادا ڪرڻ جو ثواب.

عَنْ سَلْمَانَ ﷺ قَالَ : قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ ((إِذَا كَانَ الرَّجُلُ بِأَرْضٍ قِيٍّ فَحَانَتِ الصَّلَاةُ فَلْيَتَوَضَّأْ ، فَإِنْ لَمْ يَجِدْ مَاءً فَلْيَتَيَمَّمْ ، فَإِنْ أَقَامَ صَلَّى مَعَهُ مَلَكَاهُ ، وَإِنْ أَذَّنَ وَ أَقَامَ صَلَّى خَلْفَهُ مِنْ جُنُوْدِ اللّٰهِ مَا لَا يُرَى طَرَفَاهُ)) رَوَاهُ عَبْدُالرَّزَّاقِ (٢) (صحيح)

حضرت سلمان ﷺ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو. ”جڏهن ڪو شخص جهنگ ۾ هجي ۽ نماز جو وقت ٿي وڃي ته ان کي گهرجي ته وضو ڪري. جيڪڏهن پاڻي ميسر نه هجي ته تيمم ڪري. پوءِ اقامت چئي نماز پڙهي ته ان جا ٻئي فرشتا (ڪراما ڪاتبين) به ان سان گڏ نماز پڙهن ٿا ۽ اگر اذان ۽ اقامت کان پوءِ نماز پڙهي ته ان جي پويان ايتري گهڻي تعداد ۾ الله جا لشڪر نماز پڙهن ٿا جو انهن جا ٻئي ڪنارا نه ٿا ڏسي سگهجن.“

(عبد الرزاق)

---

(١) صحيح سنن الترمذي، للالباني، الجزء الثالث، رقم الحديث ٢٨٣٥

(٢) مختصر الترغيب والترهيب، رقم الحديث ١٠٨